

3
ليبر پارٽي سنڌ ۽ مارڪسزم جو پرچارڪ
ماهوار
سماجواد
آڪٽوبر - نومبر 2011
مينهن نہ ٻوڙيو، رياست ٻوڙيو
پاڪستاني رياست هڪ ٽائيم بم
حُر تحريڪ جو جائزو
مارڪسزم ۽ لبرلزم جو تقابلي جائزو

ليبر پارٽي سنڌ ۽ مارڪسزم جو پرچارڪ

ماهوار

سماجواد

حيدرآباد

(3 ڪڙي) آڪٽوبر/نومبر 2011ع

بخشل ٿلهو

قيمت: =/40

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

گهر نمبر A/56 نزد گرين ويلي اسڪول

عبدالله ٽائون قاسم آباد

حيدرآباد.

Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

سنڌ ۾ آيل هاٺوڪي تباهي کان پوءِ، ليبر پارٽي سنڌ فلاحي ۽ سياسي سرگرميءَ ۾ تمام گهڻو مصروف رهي انهيءَ سبب ڪري ماهوار ”سماجواد“ هڪ مهيني جي وٿيءَ کان پوءِ ڇپيو آهي. انهيءَ لاءِ ادارو پنهنجي پڙهندڙن کان معافي جو طلبگار آهي. هاڻوڪو ايڊيٽوريل به درحقيت، پارٽي جو اهو پمفليٽ آهي جيڪو ٻوڏ دوران ڇپيو ۽ ورهايو هيو- ادارو)

اجان سنڌ جي عوام پوئين سال جي تباهي مان ڇيلهه سڌي ئي ڪونه ڪئي هئي ته هاڻوڪي برساتن ۽ ٻوڏ سڀ ڪجهه تباهه ڪري، جر ٿر هڪ ڪري ڇڏيو. پوئين سال جيڪڏهن سنڌ جا اترين ۽ الهندا ضلعا سڀ کان گهڻو متاثر ٿيا هيا ته هيل وري سنڌ جو ڏاکڻو ۽ اپرندو حصو پورو پاڻي هيٺ اچي چڪو آهي. جنهن ۾ بدين، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار، گهوٽڪي، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ٿرپارڪر، سانگهڙ ۽ نوابشاهه مڪمل طور تي، جڏهن ته ٺٽو، نوشهروفيروز ۽ دادو ضلعا جزوي طور تي متاثر ٿيا آهن. سرڪاري طور تي 90 لکن کان مٿي ماڻهو پنهنجن اجهن جي تباهي کان پوءِ دربدر ٿيا آهن. جڏهن ته حقيقي انگ اڪر اجا وڌيڪ آهن. 500 جي لڳ ڀڳ ماڻهن پنهنجي حياتي وڃائي آهي ۽ سرڪار پاران صحت ۽ کاڌ خوراڪ جي اڻپورن انتظامن سبب ڊپ آهي ته انساني حياتيءَ جو زيان اجان وڌيڪ ٿئي. 70 لک ايڪڙن کان وڌيڪ آباد زمين مڪمل طور تي پاڻي هيٺ اچي چڪي آهي. گاهه ۽ کاڌ خوراڪ جي کوٽ سبب مال متاع به مري رهيو آهي (سرڪاري انگ مطابق هڪ لک جانور مري ويو آهي) ووناڻ ۽ ڪمند سميت ٻين اهم فصلن ۽ سبزين کي به ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي، ڪنري ۾ ٿيندڙ ايشيا جي سڀ کان وڏي مرچ جي پوک کي به تمام گهڻو نقصان رسيو آهي. توڙي جو هن تباهي وڏن زميندارن، ننڍن آبادگارن سميت زرعي سماج جي هر تهه کي متاثر ڪيو آهي، پر انهيءَ جا سڀ کان گهڻا ناڪاري اثر ٻي زمين هارين ۽ خاص طور تي عورتن تي پئجي رهيا آهن ۽ اجا وڌيڪ پوندا به. جيڪڏهن فرض ڪجي ته هڪ ايڪڙ پوکي تي گهٽ ۾ گهٽ 50 هزارن جو سراسري طور سان نقصان ٿيو آهي ته ان جو اڌ حصو يا وزن وڃي هاري تي پوندو. هاڻي جيڪڏهن هڪ هاري پنج ايڪڙ زمين ڪيڙيندو هو ته هاڻ هو ڏيڍ لک جو وڌيڪ قرضي ٿيڻ تي مجبور ٿي پيو آهي. انهيءَ سان گڏ بدين، ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ جو اڪثريتي غير مسلم پورهيت عوام جهڙوڪ ڪولهي، ڀيل، باگڙي، جوڳي ۽ مينگهواڙ اجا گهڻي عذاب جو شڪار آهن، جن کي ضلعي انتظاميه ۽ مذهبي فلاحي تنظيمون بلڪل نظرانداز ڪري رهيون آهن. جڏهن ته سرڪاري ڪيمپن ۾ بيڪار کاڌ خوراڪ ۽ اٽي جي جڳهه تي ڀاروتو بوسو ڏيڻ جون رپورٽون به آهن. بس بي وسي ۽ لاچاري جو راڄ آهي ۽ سنڌ جي معيشت جو چرخو هلائيندڙ هي پورهيت عوام آهي جيڪو اڄ زمين جو هڪ خشڪ ٽڪر ڳولڻ لاءِ پريشان آهي. جتي هو پنهنجي ٻچن کي بک ۽ بيمارين کان بچائي سگهي.

ڇا هيءَ تباهي قدرتي آهي؟ نه پوئين سال جي ٻوڏ ۽ نه وري هاڻوڪي تباهي قدرتي آهي. انهيءَ جا سبب انساني آهن. ڀهريون ۽ وڏو سبب عالمي ماحولياتي بگاڙ آهي. جنهن کي چند ماڻهن جي منافع لاءِ قدرتي وسيلن جو بي دريغ استعمال ڪندڙ، هن سرمائيداراڻي نظام پيدا ڪيو آهي ۽ جنهن جي آخري ۽ وڏي قيمت ٻوڏن، زلزلن، سونامين، خشڪ سالي، ڪٿي قحط ته ڪٿي تمام گهڻين برساتن جي صورت ۾ ٽين دنيا جو مظلوم عوام ئي رهيو آهي. سنڌ ۾ آيل موجوده تباهيءَ جو ٻيو وڏو اهم سبب عالمي سامراجي ادارا جهڙوڪ ورلڊ بئنڪ ۽ انهيءَ جا ميگا پراجيڪٽس آهن، جنهن ۾ سم نالن (آر بي او ڊي ۽ ايل بي او ڊي) وارو پراجيڪٽ سڀ کان اهم آهي ۽ جنهن جي ناڪامي جو اعتراف اهي ادارا پاڻ به ڪري چڪا آهن. اهي سم نالا ئي هيا جن تمام گهڻي ڀيل برسات کي هڪ تباهي ۽ بربادي ۾ تبديل ڪيو، ٽيون ۽ آخري وڏو سبب هي ملڪ (رياست)، انهيءَ جا حڪمران طبقا ۽ سندس ڪرپٽ ادارا آهن. پوئين سال به چانوٽين ۽ ڪجهه جاگيردارن جي زمين بچائڻ لاءِ سنڌ ٻوڙي وئي ۽ هيل به اسان ڏٺو ته مهانگائي هجي يا بيروزگاري، بدامني شهرن ۾ هجي يا ڳوٺن ۾، ٻوڏ هجي يا برساتون پر انهيءَ جا اثر سرمائيدارن، ڪامورن، جاگيردارن ۽ فوجي آفيسرن تي نه پر پورهيت عوام تي ئي پوندا آهن. هڪ انگريزي اخبار مطابق سراسري طور تي کاڌ خوراڪ جي پوراءَ جي لحاظ کان سنڌ اڄ ٻين سمورن صوبن کان پوئتي آهي، جتي 72 سيڪڙو ماڻهن کي ضرورت کان گهٽ کاڌو ميسر آهي. هوئين به هن ملڪ جا واڳ ڌڻي شروع ڏينهن کان وٺي مذهبي انتهاپسند ۽ دهشتگرد پالڻ ۾ مصروف رهيا آهن. عوام جي فلاح ۽ بهبود سندن مٿي جو سور رهيو ئي نه آهي. هنن حڪمران طبقن جي ترجيحن ۾

اسڪول ۽ اسپتالون نه پر جيل خانا ۽ فوجي ڇانوڻيون ٺاهڻ رهيو آهي. هر شهري کي اجهو، صحت، تعليم، روزگار ڏيڻ جي ذميداري رياست جي هوندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪا رياست اهي فرض پورا نه ڪري ته اها ڏوهاري هوندي آهي. هن ملڪ جو پورهيت عوام، هن ڏوهاري رياست ۽ ان جي ڪرپٽ ڪامورن تي فريادي آهي جن جي گودامن ۾ لکين رپين جو اناج صرف سڙڻ يا خراب ٿيڻ لاءِ پيو هوندو آهي. ڏوهاري اسان، توهان جي ووٽ ذريعي چونڊجي آيل اُهي سياستدان به آهن، جن جون اوطاقون، عالمي امدادي سامان سان ڀريل آهن ۽ عوام کي ڏيڻ لاءِ رڳو وٺن گوليون آهن. هن بحراني صورتحال ۾ جتي اين جي اوز رڳي سٺيا پراجيڪٽ وٺڻ لاءِ پريشان هجن ۽ سنڌ جي درد جي ڳالهه ڪندڙ صرف زباني يا اخباري بيانن تائين محدود هجن اتي سمجهڻ گهرجي ته پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ هڪ بهتر سماج جي اڏاوت لاءِ پورهيت عوام کي پاڻ منظم ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي نمائندگي سياسي حوالي سان پاڻ ڪرڻي پوندي. تڏهن ممڪن آهي ته هن جاگيرداري، فرسوده طبقاتي نظام، هن ڏوهاري رياست ۽ قومي غلامي جو ڪو تدارڪ ٿي سگهي ۽ انسان هن ٺڳي جي ٺاهه جي نفي ڪري اهڙو سماج جوڙي سگهي جيڪو نه پنهنجو پاڻ ۾ ۽ نه فطرت سان تضاد ۾ هجي.

ڏوڏ هن سماج کي، لوڏ سامراج کي،
ٺاهه ڪو نئون نظام، جو چڱو چئي عوام،
هي نظام آ خراب! انقلاب، انقلاب.


ڏيهي سياسي صورتحال

ماحولياتي بگاڙ ۽ سنڌ ۾ آيل هاڙوڪي تباهي

فيض ڪيريو

سرمائداري نظام سبب پيدا ٿيل ماحولياتي گدلاڻ، فلپائن، برازيل، پوٽان، مالديپ، انڊونيشيا، چين، جاپان، هيٽي، بنگلاديش، انڊيا ۽ ٿائيلينڊ جي مظلوم عوام جو الهه تلهه چٽ ڪري ڇڏيو آهي. 2005ع ۾ پاڪستان، انڊيا ۽ افغانستان جي علائقن ۾ آيل زلزلي وڏي تباهي ڪئي. ماحولياتي تبديليءَ سبب ايشيا ۽ ٽين دنيا جا 262 ملين ماڻهو هر سال موت جو منهن ڏسن ٿا. سنڌ ۾ 1999ع ۽ 2003ع ۾ ماحولياتي تباهي بدين ۽ ٺٽي جي لکين ماڻهن کي متاثر ڪيو. 2010ع جي ٻوڏ ۾ سوين مري ويا ۽ به ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا، کربين روپين جو نقصان ٿيو. 2010ع جي تباهي ڪانپوءِ رياست اپاءَ وٺي پئي سگهي پر هنن انگريزن پاران جاگيردارن لاءِ ٺاهيل واهن ۽ بندن تي مٽي هاري اربين روپيا ڦٻائڻ جو جواز ٺاهي ويهي رهيا، هن رياست لاءِ جيئن قبيلائي تڪرار، بيروزگاري ۽ عورتن تي ٿيندڙ تشدد مسئلو ناهي تيئن ماحولياتي تبديلي به هنن جو مسئلو ناهي. طبقاتي نظام ۾ بدين يا سانگهڙ جو تيل ۽ گئس ڦٻائي قاسم آباد جي بنگلن کان اسلام آباد جي هوٽلن تائين سنڌ جي مسئلن کان بي نياز سياسي وڏيرڪي مخلوق جو ڪم صرف ورلڊ بئنڪ، آءِ ايم ايف، نيو لبرل آرڊر جي پاليسين کي طريقي سان مظلومن مٿان ٿاڦي، ”پاڪستان“، ”اسلام“ ۽ هاڻ ”سنڌ“ نالي جي ڪوڙڪيءَ ذريعي، ملڪيتون ٺاهڻ جو ڌنڌو ڪرڻو آهي. سنڌ ۽ وفاق جي پيپلي سرڪار لاءِ نه آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي دهشتگردي مسئلو آهي ۽ نه ئي ايل بي او ڊي يا ماحولياتي بگاڙ! وڏيرن ٻڏلن کي امداد ڏني، اُهي پنهنجي ثواب ۾ ڏاڍا خوش آهن. هي وڏيرڪي مخلوق ايم پي اي يا ايم اين اي ملڪيتون بچائڻ لاءِ نه پر ثواب لاءِ ٿين ٿا. جيڪڏهن وڏيرا امداد ڏيندي ايم پي اي عبدالستار راڄپوت جيان چٽا ٿي پون ۽ متاثرن کي قتل ڪرڻ شروع ڪن ته، اهو ڪجهه، ”جهالت جي بي ترتيبي خلاف ثوابدارين جي ترتيب جو ردعمل آهي.“ اهڙن قاتل وڏيرن خلاف هيءَ رياست انڌي، ٻوڙي ۽ گونگي آهي.

هن سال آيل برساتي ٻوڏ بدين، سانگهڙ، نواب شاهه، ٿرپارڪر، ميرپورخاص، ٺٽو، عمرڪوٽ، ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو الهيار ضلعن جي ڪل 90 لک ماڻهن کي سخت متاثر ڪيو آهي. ميرپورخاص جو 90.8 سيڪڙو، سانگهڙ جو 42.3 سيڪڙو، بدين جو 60 سيڪڙو، نواب شاهه جو 57.5 سيڪڙو، عمرڪوٽ جو 29 سيڪڙو، ٺٽي جو 30 سيڪڙو زرخيز علائقو پاڻي هيٺان آهي. 70 لک ايڪڙن تي بيٺل ڪپهه، ڪيلا، مرچ، بيهه مگ، ڪمند ۽ ٻيا فصل مڪمل طرح تباهه ٿيا آهن. 5 لک 39 هزار 899 گهر ڊهي پٽ ٿي ويا آهن. 31 هزار 960 ڳوٺن جو هاڻ نالو نشان ناهي. سرڪار موجب 500 ماڻهو مئا آهن. لکين ماڻهو خوراڪ جي کوٽ سبب مليريا، ڊينگي بخار، چمڙي جي بيمارين، ٽي بي ۽ ٻين بيمارين سبب موت جي منهن ۾ آهن. 16 سيپٽمبر تي راڄو خاناڻي جي هڪ ڪئمپ ۾ 14 سالن جي سونيا ميگهواڙ جيان ڪيترائي نوجوان خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيا ويا آهن.



ايٽمي طاقت رکندڙ ملڪ وٽ ٻوڏ يا ماحولياتي طوفانن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوبه منصوبو ناهي. سم ڪينال زمين مان کارو پاڻي ڪڍڻ لاءِ ٺاهيا ويا سي به ناڪام ثابت ٿيا. ڇا عسڪري قوتن ۽ حڪمران سياسي قوتن کي خبر نه هئي ته ايل بي او ڊي لاڙ جي ڳچيءَ ۾ ڦاهيءَ جو ڦندو آهي؟ به ڪان ٽي هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪٽندڙ ليفٽ بينڪ آئوٽ فال ڊرينيج ڪيئن ڏهن هزارن ڪيوسڪ ٽائين جي پاڻي کي منهن ڏيندو؟ هيءَ رياست جنگين جي تياريءَ لاءِ اربين ڊالر خرچ ڪندي ڇو ته اصل مسئلو بلوچستان ۽ سنڌ جا آزادي پسند ۽ پورهيت عوام آهي نه ڪي ايل بي او ڊي ٺاهيندڙ واپڊا! ماحولياتي اٿرن جو مقابلو گهڻ طرفي تياري جو گهرجائو آهي. هي رياست ٽوڙي بند جي ذميوارن کي سزا ته ڇا معطل به نٿي ڪري سگهي ته عالمي سطح تي پيدا ٿيل ماحولياتي تباهيءَ کي ڪيئن روڪيندي. حڪمران ورلڊ بئنڪ جي ناڪام رٿا سبب 90 لک عوام جو حساب

ڪتاب ته ڇا پر ورلڊ بينڪ جي ٿي ڏنل قرض تي وياج ڏيڻ کان جواب نٿي ڏئي سگھي ڇو جو هي خود مظلومن خلاف سامراج جي ڏر آهن.

ماحولياتي بگاڙ جو مقابلو ڪير ڪندو

ايشيا هن وقت ماحولياتي بگاڙ سبب خطري ۾ آهي. ڊيلٽائي علائقن ۾ 2007- 1990ع تائين 2.501 تباهه ڪاريون ٿيون آهن. 130 ملڪن جي سائنسدانن IPCC (انٽرگورنمينٽل پينل آن ڪلائمينٽ چينج) پاران ڪرايل تحقيق ۾ پڌرو ڪيو آهي، ته 2C° گرمي پد کان وڌيڪ گرمائش ڌرتيءَ تي وڏين تباهه ڪارين کي جنم ڏئي سگھي ٿي. ڌرتيءَ جو بگڙيل ماحول گرين هائوس گئسن جي ڪري ٿيو آهي. گرين هائوس گئس مان مراد فطرت يا ماڻهو جي اهڙي سرگرمي جنهن مان ڪاربن خارج ٿئي. جيئن ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ، ڪاربن مونو باءِ آڪسائيڊ، ميٿين، نائٽرس، ڪلرو فلورو ڊاءِ آڪسائيڊ آهن.

هيءَ ڌرتي هڪڙي آهي تنهنڪري موقعو به هڪڙو ئي آهي. مارڪسزم، ماڻهو جو ماڻهو سان ۽ ماڻهو جو فطرت سان تعلق، ”سرمائي“ لاءِ نه پر هڪٻئي جي جيئدان جو تعلق آهي. سرمائداري نظام، فطرت ۽ سماج کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي ٿو. منافعي خوري جي نظام ۾ هر شيءِ (تيل، ڪوئلو، گئس، پاڻي، ماڻهو وغيره) فطرت ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ نه پر منافعي لاءِ استعمال ٿئي ٿي. ماحول دشمن ڪارخانا، تيل، گئس ۽ ڪوئلي جي ٻرڻ سبب ساليانو 5700000000 (پنج ارب ستر ڪروڙ) ٽن ڪاربن خارج ٿئي ٿو. IPCC جو چوڻ آهي ته ايڪهين صدي جي پڇاڙيءَ تائين گرمي پد 0.6 کان 6.4 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڌي سگھي ٿو. ڪجهه سالن کان اينڊڙ زلزلن، سونامي جهڙا طوفانن ۽ انڊين برساتن ڪيترن ملڪن کي متاثر ڪيو آهي.سنڌ ۾ برساتي سلسلي ختم ٿيڻ کان پوءِ ٿائيلينڊ کي تباهه ڪري ڇڏيو. بينڪاڪ ٻڏي ويو آهي. 297 ماڻهو مري ويا آهن. 3 بلين ڊالر جو نقصان ٿي چڪو آهي.

سامراجي ملڪ ۽ پاڪستان جهڙيون گھڻجهو رياستون اربين ڊالر هٿيارن تي ته سيڙائي رهيا آهن پر ماحول دوست ٽيڪنالاجي ناهڻ هنن جو مسئلو ناهي ڇو ته قاتل پنهنجي پاڻ لاءِ مسئلو ناهي هوندو پر سيتا ميگھواڙ جي ديش جي ڪامريڊن کان ويندي عرب دنيا ۽ يورپ جي ڪامريڊن لاءِ مسئلو آهي. سڄي عمر هارپو ڪري هاري لکين روپين جو فصل اُپائي ٿو پر ان جي حالت هر سال خيرات وٺڻ واري ڇو آهي؟ هن سوال جو جواب پ پ، پاڳارو ليگ ته ڇا اين جي اوز، جماعت اسلامي ۽ سامراج پسند قومپرست به نٿا ڏئي سگھن چاڪاڻ ته طبقاتي سماج هنن جو مسئلو ناهي.

آءِ. ايس.آءِ، القائدا ۽ طالبان

عامر مير/سارنگ



نائين- اليون کان اڳ هندستان واحد ملڪ هو، جيڪو پاڪستاني گھجهي اداري آءِ.ايس.آءِ تي دهشتگردن جي حمايت ۽ پاڙيسري ملڪن اندر رت ۽ بارود جي راند کي هٿي ڏيڻ جو الزام هڻندو هو. پاڪستان

هميشه انهن الزامن کي اهو چئي رد ڪندو هو ته هندستاني سرڪار پنهنجن اندروني مسئلن کي منهن نه ٿي ڏئي سگهي ۽ پنهنجي ڪمزوريءَ جو بهتان آءِ.ايس.آءِ تي هٽي ٿي. دنيا به ان منطق تي اعتبار ڪندي هئي، يا ائين ڪٿي چئجي ته دنيا آءِ.ايس.آءِ جي ڪرت تي اکيوٽ ڪندي رهي ڇو جو مسئلو رڳو هندستان-پاڪستان تائين محدود هو. پر هاڻي ائين ناهي رهيو، دنيا نائين-اليون ڪانپوءِ آءِ.ايس.آءِ تي الزامن جي بوڇاڙ ڪري ڏني آهي. آءِ.ايس.آءِ، القائدا ۽ طالبان جي 'ڳجهي سنگت' بابت اولهه جي ميڊيا ۾ انيڪ رپورٽون منظرعام تي اچي رهيون آهن. وار آن ٽيرر ۾ هڪ اهم اتحادي هئڻ باوجود عالمي ميڊيا آمريڪا، انگلستان، افغانستان، ايران، چين ۽ هندستان مٿان موتمار دهشتگرد حملن جي منصوبن جي راز فاش ٿيڻ کان پوءِ انهن منصوبن جا پيرا پاڪستان ڏانهن ويندي ڏسي ٿي.

گذريل پاءَ صديءَ دوران ڪو ٿورڙو وقت اهڙو هوندو جنهن ۾ آءِ.ايس.آءِ 'فوڪس' ۾ نه رهي هجي. نقادن طرفان 'رياست-اندر-رياست' جو لقب ماٽيندڙ هي ادارو پاڪستان ٺهڻ کان هڪ سال پوءِ وجود ۾ آيو. هن اداري کي آرمي اندر ايم.آءِ (ملٽري انٽيليجنس) جي مدد لاءِ ٺاهيو ويو هو ڇو ته عسڪري ادارن جي وچ ۾ بروقت رابطي جي اڻهوند 1947ع جي پاڪ-ڀارت جنگ ۾ نقصانڪار ثابت ٿي هئي. پر 1979ع ۾ افغانستان اندر سويت فوج جي دخل آءِ.ايس.آءِ جي هئيت ئي تبديل ڪري ڇڏي. آمريڪي صدر ريگن جڏهن افغانستان ۾ سويت فوجن سان مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته پاڪستان سي.آءِ.اي جو اتحادي بڻجي ويو ۽ آمريڪي سي.آءِ.اي پاڪستان ۾ ويهي افغانستان اندر ڪاروايون ڪرڻ لڳي. ريگن سرڪار پاران سي.آءِ.اي وسيلي آءِ.ايس.آءِ کي افغاني ويڙهاڪن جي مدد لاءَ استعمال ڪرڻ وارو امر آءِ. ايس. آءِ جي بنيادي تبديليءَ جي لاءِ اهم ترين سبب هو. آءِ.ايس.آءِ جنهن جا اڳ ئي افغانستان اندر 'واسطا' ٺهيل هئا تنهن سي.آءِ.اي جي اڳيان ڪجهه شرط پيش ڪيا جن کي سي.آءِ.اي قبول ڪيو.سپ کان وڏيڪ اهم شرط هو ته افغانستان اندر هٿياربند ويڙهه آءِ. ايس. آءِ جي مڪمل ڪنٽرول ۾ هوندي، افغان ويڙهاڪن سان رابطا پڻ آءِ.ايس.آءِ جي هٿ هيٺ هوندا، پاڪستان ۽ افغانستان اندر ويڙهاڪن کي هٿيارن جي سپلائي صرف آءِ.ايس.آءِ وٽ هوندي، جهادين جي تربيت به آءِ.ايس.آءِ ئي ڪندي. افغان جهاد جي ڪري آءِ.ايس.آءِ هڪ اهڙي 'ڪلاسڪ' ڳجهي اداري ۾ تبديل ٿي وئي جنهن جو هڪ خاص نظريو آهي، ملڪي پرڏيهي پاليسيءَ توڙي ڏيهي سياسي معامرن ۾ 'ڪردار' اٿس ۽ جيڪا سول حڪومت جي 'ڪنٽرول' ۾ به نه آهي. ان وقت کان وٺي خيابانِ سهروردي اسلام آباد ۾ موجود آءِ. ايس. آءِ هيڊڪوارٽر ۽ راولپنڊيءَ ۾ موجود سندس آپريشنل آفيس ملڪي سياسي توڙي پرڏيهي پاليسي- خاص ڪري هندستان ۽ افغان پاليسي- تي حاوي رهندا ٿا اچن.

ملان عمر جي اڳواڻيءَ ۾ جيئن ئي طالبان جهادين ڪابل تي قبضو ڪيو ته پاڪستان پهريون ملڪ هو جنهن طالبان سان سفارتي رابطا جوڙيا (صرف ٽن ملڪن - پاڪستان، سعودي عرب ۽ متحده عرب امارات- طالبانن سان سفارتي رابطا رکيا هئا).ان ڪانپوءِ طالبان پنهنجي ڏاڍ باوجود، نائين-اليون ڪانپوءِ به اڄ سوڌو آءِ.ايس.آءِ جي مدد مان فيضياب پڻ ٿيندا رهيا آهن، جنهن ۾ عسڪري تربيت پڻ شامل آهي. طالبان ۽ آءِ.ايس.آءِ جي ويجهڙائي، طالبان ۽ القائدا جو تعلق دراصل آءِ.ايس.آءِ ۽

القائدا جي تعلق بابت سوال اٿاري ٿو. چوڻ وارا چون ٿا ته آءِ.ايس.آءَ ۽ القائدا جي چيف اُسامه بن لادن جو تعلق 25 (پنجويهه) سال پراڻو آهي. هن امير سعودي شهريءَ جا سعودي حڪمران گهراڻي، سعودي ڳجهي اداري ۽ آءِ.ايس.آءِ سان 'سٺا' ناتا رهيا آهن.سي.آءِ.اي جي ڏوڪڙن تي ٽيندڙ افغان جهاد ۾ بن لادن هڪ اهم پرڏيهي جهاديءَ طور اڀريو هو.

رپورٽن موجب القائدا 1988ع ۾ ٺهي هئي جنهن جو مقصد 'اسلام' جي دشمنن خلاف عالمي جهاد جاري رکڻ هو. ان تنظيم جون بنيادي جوڙجڪ واريون گڏجاڻيون پاڪستان اندر تڏهن ٿي رهيون هيون جڏهن سويت فوجون افغانستان مان اجا نڪتيون ٿي. اُسامه کي آءِ.ايس.آءِ جي حمايت حاصل هئي ۽ هن جي بلي به ڪم مقرر ڪيا ويا هئا: ڪابل مان ڪميونسٽ صدر نجيب الله جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ پاڪستان مان بينظير سرڪار جو خاتمو، ڇو ته آءِ.ايس.آءِ ٻنهي کي 'اسلام' جو دشمن سمجهندي هئي.اُسامه ڇئن سالن تائين 1992ع کان 1996ع تائين افغانستان مان غائب رهيو ۽ طالبان جي اُڀار ۾ سندس ڪو سڌو سنئون ڪردار نه هو. جڏهن مئي 1996ع ۾ هو افغانستان واپس وريو ته هو طالبانن کي ڪو گهڻو سڃاڻيندو به نه هو. چيو وڃي ٿو ته ملان عمر سان اسامه جون شروعاتي ملاقاتون به آءِ.ايس.آءِ جي مهربانين سان ممڪن ٿيون ۽ اهي ملاقاتون ايتريون ته ڪامياب رهيون جو اسامه افعانستان ڏانهن اسهيو.

طالبان ۽ آءِ.ايس.آءِ جي مدد سان اُسامه القائدا کي عالمي جهاد لاءَ تيار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.آءِ.ايس.آءِ علائقائي ايجنڊا-ڪشمير اندر عسڪري ڪاروائين ۽ طالبانن جي مدد- تي هلندي اُسامه سان ساز باز ڪندي افعانستان اندر وڏيڪ جهادي ڪئمپون اڏيون، القائدا جي اثر ڪي هند-پاڪ باربر تي وڌايو ويو ته جيئن ڪشمير ۾ ورهندڙ جهادي گروپن جهڙوڪ لشڪرِ طيباء جي نظرياتي ۽ عسڪري تربيت ڪجي، طالبان سرڪار لاءِ حمايت پيدا ٿي سگهي ۽ چيچنيا، ازبڪستان ۽ چين مان پاڪستان-دوست اسلامي بنياد پرست ايجنڊا اپاري سگهجي. اُسامه کي سعودي عرب ۽ متحده عرب امارات طرفان پڻ 'سپورٽ' ملندي رهي. آءِ.ايس.آءِ جو اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل حميد گل، جيڪو پاڻ به اولهه مخالف بنياد پرست نظريو رکندڙ آهي،طالبان سرڪار جو سڀ کان وڏو حامي ۽ امداد ڪندڙ هو.

جنرل مشرف جي فوجي 'ڪوديتا' ۽ نائين_اليون کانپوءِ آمريڪي وار آن ٽيرر جو مکيه اتحادي ٿيڻ باوجود آءِ.ايس.آءِ طالبان ۽ القائدا چيف جي امداد ڪندي رهي.اهو ان ڪري ٿي رهيو هوجو پاڪستان تي حاوي فوجي اسٽبلشمينٽ جي بنياد پرست ايجنڊا تمام گهڻي اونهي ۽ اوتري ئي وسيع آهي. آمريڪا تي ٿيل حملن جن جي ڪجهه ڪلاڪن اندر ئي مشرف سرڪار کي طالبانن بابت معلومات سي.آءِ.اي کي ڏيڻي پئجي وئي.ان وقت کان آءِ.ايس.آءِ آمريڪي وار آن ٽيرر ۾ سي.آءِ.اي جي لاءِ 'اک ۽ڪن' جو ڪم ڪري رهي آهي.

وار آن ٽيرر ۾ هڪ اهم اتحادي طور شامل ٿيڻ کانپوءِ مشرف اعلان ڪندو رهيو ته پاڪستان القائدا ۽ طالبانن کي پاڙ کان پٽڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي.پر عالمي برادري مشرف جي انهن دعوائن کي شڪ جي نظر سان ڏسندي رهي. هنن مطابق آءِ.ايس.آءِ اڃا تائين افغانستان ۾ وري پنهنجو اثر رسوخ ڄمائڻ جي هلت تان هٽ نه ڪنيو آهي. افغانستان ۾ وڌندڙ بدامنيءَ جي ڪري آمريڪا، انگلستان ۽ افغانستان سرڪار پاران پاڪستان تي الزام هنيا ٿا

وجن ته پاڪستان افغانستان اندر طالبان مزاحمت جي نئين سر اپار جي امداد ڪري رهيو آهي. عالمي دهشتگردي-ٽوڙ عمل پاڪستان اندر جنم وٺندڙ دهشتگرد منصوبن جي خاتمي لاءِ جاکوڙي رهيو آهي، پر انهن دهشتگرد منصوبن جو هر روز وڌندڙ تعداد سپني لاءِ ڳڻتيءَ جوڳو آهي.

طالبان، القائدا گروپ ۽ رياستي ادارن جهڙوڪ آءِ.ايس.آءِ سان واڳيل بنياد پرست عنصر هڪ خطرناڪ 'ٽي-راند' کيڏي رهيا آهن. حقيقت هيءَ آهي ته آءِ.ايس.آءِ جنرل ضياء جي هٺ هيٺ افغان جهاد دوران 'رياست-اندر-رياست' بڻجي وئي. جڏنهن مشرف پاڪستان جي صدر ۽ آرمي چيف طور پاڪستان تي حڪمراني ڪري رهيو هو تڏهڻ بمبئيءَ ۾ ڌماڪا ٿيا ۽ اندين سرڪار چيو ته وٽن آءِ.ايس.آءِ جي انهن ڌماڪن ۾ ملوث هئڻ جا ثبوت آهن. آگسٽ 2006ع ۾ افغان صدر ڪرزئي آءِ.ايس.آءِ تي القائدا اڳواڻ اُسامه ۽ طالبان اڳواڻ ملان عمر کي پناه ڏيڻ جو الزام هنيو هو. سيپٽمبر 2006ع ۾ افغانستان ۾ موجود نيٽو ڪماندڙن پنهنجين پنهنجين سرڪارن تي زور پريو ته هو پاڪستان تي آءِ.ايس.آءِ طرفان طالبانن جي امداد ڪرڻ تي پاڪستان آڏو سخت موقف رکن.تڏهن مشرف آمريڪا جي غيرسرڪاري دوري تان ٿيندو انگلستان آيل هو. انگلستان ۾ مشرف کي ميڊيا جي سختيءَ کي منهن ڏيڻو پئجي ويو چو ته انگلستان جي دفاع واري وزارت جي هڪ 'ليڪ' ٿيل خفيه رپورٽ بي.بي.سي طرفان شايع ڪئي وئي هئي جنهن ۾ انگلستاني دفاعي وزارت چيو هو ته آءِ.ايس.آءِ اٽسڌيءَ طرح انگلستان، عراق ۽ افغانستان ۾ جهادين جي مدد ڪري رهي آهي. رپورٽ مطابق 'آرميءَ جو ٻٽو ڪردار: دهشتگردن سان ويڙهه ۽ ڇهن مذهبي پارٽين-متحده مجلس عمل- توڙي طالبانن جي پٺڀرائي ڪرڻ وارو رويو بين الاقوامي برادريءَ جي نظر ۾ آهي. پاڪستان آءِ.ايس.آءِ وسيلي اٽسڌيءَ طرح دهشتگردن جي مدد ڪئي آهي پوءِ اهي دهشتگرد ڪاروايون لنڊن ۾، عراق ۾ يا افغانستان م ٿيون هجن'.

هي رپورٽ انگلستان جي ڳجهي ايجنسي ايم.آءِ.سڪس ۽ پرڏيهي جاسوسيءَ سان لاڳاپيل هڪ اعليٰ عملدار لکي هئي. هي رپورٽ جون 2006ع ۾ پاڪستان جو دورو ڪندڙ 'فيڪٽ فائينڊنگ' مشن جي نتيجي ۾ مرتب ڪئي وئي هئي.ان رپورٽ مشرف تي زور پري ڪيس حڪومت کان ڌار ٿيڻ، آزاد چونڊون ڪرائڻ، آرميءَ کي سولين معاملن کان ڌار ڪرڻ سميت آءِ.ايس.آءِ کي ختم ڪرڻ جون سفارشون ڪيل هيون.

مشرف هڪو ٻڪو ٿي ويو پر سندس جواب ساڳيو ئي هو، 'مان انگلستاني پرڏيهي وزارت کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته آءِ.ايس،آءِ کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪرڻ کان اول اها وزارت پاڻ ختم ٿي ويندي. مان صرف ايترو ئي چوندس ته جي آءِ.ايس.آءِ توهان سان تعاون نه ڪري ته توهان گوڏن پر ڪري پوندا.اسان توهان سان گڏ نه هجون ها ته توهان ڪجهه به نه ڪري سگهو ها.منهنجا لفظ ذهن نشين ڪري ڇڏيو، جي آءِ.ايس.آءِ توهان سان گڏ نه هوندي ، جي پاڪستان توهان سان گڏ نه هوندو ته توهان ڪجهه به نٿا ڪري سگهو، افغانستان توهان جي هٿن مان نڪري ويندو. 1979ع کان 1989ع تائين اسان توهان جي لاءِ افغانستان ۾ وڙهياسين، سرد جنگ توهان کي اسان کٽي ڏني.پاڪستان آرمي ۽ آءِ.ايس.آءِ هزارين مسلم ويڙهاڪن کي تربيت ڏئي سوويت فوجن سان وڙهڻ لاءِ تيار ڪيو. پر اولهه جي طاقتن بعد ۾

پاڪستان ڪي اڪيلو ڇڏي ڏنو جنهن ڪري افغان مجاهدن جي باقيات طالبان ۽ القائدا کي جنم ڏنو‘.

اها ڳالهه رڪارڊ تي موجود آهي ته پاڪستان جا طالبان سان ويجها لاڳاپا هئا ۽ ماضيءَ ۾ آءِ.ايس.آءِ شدت پسند اسلامي ويڙهاڪن جي سپ کان وڏيڪ امداد ڪئي پر اهو سپ ڪجهه 9/11 کانپوءِ تبديل ڪرڻو پئجي ويو.9/11 جي دهشتگرد حملن جي محرڪن جي جاچ لاءِ ويهاريل آمريڪي سرڪار جي يو.ايس انٽرم (عبوري) ڪميشن جون 2004ع ۾ چيو ’عراق نه پر پاڪستان ئي اهو ملڪ آهي جيڪو دهشتگردن جو سرپرست آهي ۽ ان جا اسامه بن لادن ۽ القائدھ سان 9/11 تائين ويجها لاڳاپا رهيا آهن. گڏيل قومن جي اداري پاران طالبان تي آيل پابندين کانپوءِ طالبان پاران اسامه کي پناه ڏيڻ صرف پاڪستان جي مدد جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو.9/11 کان پوءِ ئي وڃي پاڪستان طالبان سان پنهنجو ناتو ٽوڙيو، توڙي جوپاڪستان کي خبر به هئي ته طالبان اسامه کي پناه ڏيو ويٺا آهن‘.

ان رپورٽ ۾ اهو به ڇاٽايو ويو آهي ته پاڪستان طالبان – اسامه ڳٺ جوڙ مان ڪيترائي فائدا پڻ حاصل ڪيا. پاڪستان جي آشيرواد سان ڪشمير ۾ وڙهندڙ جهادين جي تربيت ۽ سامان جي فراهمي اسامه جي جهادي ڪئمپن پاران ڪئي ويندي هئي.رپورٽ مطابق ’ڪابل تي قبضو ڄمائيندڙ طالبان پاڪستان جا ڳيجهو هئا‘.

ايشيا ٽائيمز آن لائين سان واڳيل مشهور رپورٽر پيپي ئسڪوبار پنهنجي اپريل 2004ع جي رپورٽ ۾ ڇاٽايو ته’جيڪڏهن 9/11 ڪميشن واقعي ڪنهن سراغ جي ڳولا ۾ آهي ته ان کي بئي ڪنهن هنڌ ڏانهن نه پر ليفٽننٽ جنرل محمود احمد ڏانهن نظر ڪرڻ گهرجي جيڪو ان وقت پاڪستاني آءِ.ايس.آءِ جو ڊاريڪٽر جنرل هو ۽ 9/11 وارن حملن وقت واشنگٽن ۾ ترسيل هو. هو 4 سيپٽمبر 2001ع تي آمريڪا پهتومطلب حملن کا پورو هڪ هفتو اڳ.9/11 وارن واقعن کانپوءِ جنرل محمود جون آمريڪي رياستي ادارن جي عملدارن سان ڪجهه گڏجاڻيون به ٿيون، پر حملن کان اڳ هو سي.آءِ.اي ۽ پينٽاگان سان ملاقاتون به ڪندو رهيو.

حملن کان اڳ وارين گڏجاڻين جي نوعيت ڇا هئي؟ ڇا اهي گڏجاڻيون حملن کانپوءِ واري صورتحال لاءِ پاڪستان کي آمريڪا سان سهڪار لاءِ تيار ڪرڻ واسطي هيون؟ ڇا پاڪستاني ۽ آمريڪي عملدار افغانستان تي مڙهيل جنگ جي منصوبا بندي ڪري رهيا هئا؟9/11 تي جڏهن جنرل محمود آمريڪا ۾ هو ته پويان احمد شاه مسعود جو قتل ٿي ويو. اترين اتحاد (افغان مجاهدن جو پراڻو ٽولو جنهن سان ويڙهه ڪري طالبان ڪابل تي قابض ٿيا هئا) آمريڪين کي ٻڌائيندي، مسعود جي قتل ۾ آءِ.ايس.آءِ جي ملوث هئڻ جو خدشو ڏيکاريو هو.طالبان ۽ اسامه سان جنرل محمود جا واسطا هئڻ جي باوجود آمريڪين ڪيس تعاون ڪرڻ جو چيو. پر افغانستان جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي جنرل محمود کي گهرپيڙو ڪيو ويو‘.

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته برطرفيءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ جنرل محمود سي.آءِ.اي وارن اڳيان ملان عمر جو دفاع ڪندي ڪيس نيڪوڪار ۽ انسانيت دوست پڻ سڏيو ! ائين ئي ، آمريڪي دٻاءَ ڪري پنهنجا گوڏا کوڙڻ کان ڪجهه مهينا اڳ مشرف سرڪار طالبانن جي ڀرپور دفاع ۽ امداد کي جائز قرار ڏيندي رهي ڇاڪاڻ جو طالبان پاڪستان کي علائقائي حڪمت عمليءَ ۾ مدد ڏئي رهيا هئا. جڏهن ڪلنٽن دور جي ڊپٽي سيڪريٽري آف اسٽيٽ

ٿامس پرڪنگ پاڪستان ڪي طالبان دوستيءَ جي نتيجن بابت هوشيار ڪيو ته اهو ساڳيو جنرل محمود هو جنهن آمريڪين کي طالبانن جي باري ۾ راضي ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. پاڪستاني ايجنسيءَ جنهن جا طالبان سان گهرا واسطا هئا حيرتناڪ انداز ۾ پنهنجو قبلو مٽائيندي هاڻ آمرڪين جي افغانستان اندر رهنمائي پئي ڪئي.

آمريڪي اداري ’پاڪستان سيڪيورٽي ريسرچ يونٽ‘ طرفان شايع ڪيل هڪ تحقيقي مضمون ۾ چيل آهي، ’ڇا آءِ.ايس. آءِ اها ئي شيءِ آهي جيڪا پاڪستاني صدر چئي رهيو آهي معنيٰ ته اولهه جي ملڪن جو اٿڙ ساٿاري؟ يا اها ڪا ٻي شيءَ آهي؟ هڪ اهڙي شيءَ، هڪ اهڙو ادارو جيڪو دهشتگرديءَ کي همٿائي ٿو، جيڪو اولهه جي ملڪن جي مفادن خلاف ڪم ڪري رهيو آهي ۽ جيڪو ’وار آن ٽيرر‘ ۾ مددگار نه پر راهه جو روڙو ثابت ٿيو آهي. ان سوال کي ان انداز ۾ رکڻ ڪجهه غلط آهي. ضروري نه آهي ته آءِ.ايس.آءِ اولهه جو پروسي جوڳو اتحادي هجي، ڇو جو اصل ڳالهه اها آهي ته ڇا آءِ.ايس.آءِ جي عملن ۽ اولهه جي ملڪن جي مفادن ۾ هڪ حد تائين گهربل هڪجهڙائي آهي يا نه جو اولهه جا ملڪ، خاص ڪري آمريڪا، ان جي سڌي ۽ مشرف جي فوجي حڪومت جي حمايت ڪندي اڻسڌيءَ طرح ان اداري جي امداد ڪري؟‘

2008ع ۾ شون گريگوري جي شايع ٿيل تحقيق ۾ چيو ويو آهي ته آءِ.ايس.آءِ ’وار آن ٽيرر‘ جي شروعاتي سالن ۾ تمام اهم هئي ۽ ان القائدا جا ڪيترائي دهشتگرد پڪڙيا پر 2003ع کانپوءِ ان ۾ ٿڌائي اچي وئي ۽ القائدا جي اڳواڻن جي ڳولا جا جتن آهستي آهستي ختم ٿي ويا. پاڪستان مان ٽينڊڙ القائدا جي منصوبن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي ، ان لاءِ آءِ.ايس.آءِ جو ڪردار اولهه جي ملڪن جي لاءِ مٿي جو سور بڻيل آهي.ان لاءَ اولهه جي ملڪن جي پاڪستان بابت حڪمت عمليءَ کي وري جانچڻ جو وقت اچي ويو آهي‘.

آمريڪا ۾ پاڪستان جي هاڻوڪي سفير حسين حقاني 2007ع ۾ لکيو هو ته، هڪ ڳجهي اداري جي اصل ڪم يعنيٰ قانوني حڪومت طرفان ٻڌايل دشمنن کان پاڪستان جو دفاع ڪرڻ تائين محدود رهڻ بدران آءِ.ايس.آءِ اهو به پاڻ ئي طيءِ ڪري ٿي ته پاڪستان لاءِ ڇا سٺو آهي ۽ ڇا خراب! هن لکيو هو ته ’ آءِ.ايس.آءِ کي پڪ آهي ته هندستان پاڪستان جو ازلي دشمن آهي، غير رسمي جنگ وسيلي هندستان جي قوت ارادي کي ڪمزور ڪندي ڪشمير حاصل ڪري سگهجي ٿو، افغانستان پاڪستان جو ڳيجهو ٿي رهي. رياستي پاليسيءَ تي هلڻ بدران آءِ.ايس.آءِ رياست کي پنهنجي پاليسيءِ تي هلائي رهي آهي. تاريخ گواهه آهي ته اهي ڳجها ادارا جيڪي تمام طاقتور ٿي ويندا آهن سي آخرڪار پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪيل رياست لاءِ ئي ڏچو ٿي پوندا آهن.آءِ.ايس.آءِ پاڪستان کي نه هلائي، پاڪستان کي آءِ.ايس.آءِ کي هلائڻ گهرجي. نه ته خفيه دهشتگرد ڪاروايون پاڪستان اندر جهموريت کي ڪمزور ڪنديون رهنديون ۽ ملڪ هندستان ۽ افغانستان سان جهيڙن ۾ ڦاٿل رهندو‘.

پر مشرف جيڪو هر حال ۾ ان ايجنسيءَ جو دفاع ڪندو رهيو، تنهن 2006ع ۾ ’سي.اين بي.سي‘ ٽي ويءَ کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو ته ’ڪجهه مخالف، بدمعاش عنصر ۽ رٽائرڊ عملدار جيڪي افغان جهاد 1979-1989ع دوران آءِ.ايس.آءِ جا مهندار هئا تن جا هِتڙي هُتڙي (دهشتگردن سان) ڪجهه واسطا ٿي سگهن ٿا پر اسان انهن تي نظر رکندا پيا اچون ۽ جي ڪو معامرو ٿيو ته کين گرفتار ڪري

ونيو‘.

پر پاڪستان ۾ موجود آزاد تجزيي نگارن مشرف جي ان دعويٰ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ڊيلي ٽائمز جي ايڊيٽوريل مطابق ، ’ اهو ناممڪن آهي ته آءِ.ايس.آءِ ۾ موجود بدمعاش عنصرن بابت ايجنسيءَ جو چيف ۽ آرمي چيف (جنرل مشرف) اڻڄاڻ هجن ۽ ڪين خبر نه هجي ته هيٺيان عملدار ڇا ڪري رهيا آهن.ايڪڙ ٻيڪڙ معامرن ۾ ته ٿي سگهي ٿو ائين ڪٽي ممڪن هجي به پر اهو ڪيئن ممڪن آهي ته اهي بدمعاش عنصر آءِ.ايس.آءِ جي پاليسين کي ٿاهڻ ۽ ڊاهڻ جي طاقت به رکندا هجن، ۽ پاليسيون به اهي جيڪي نيشنل سيڪيورٽي اسٽبلشمينٽ ٺاهيندي آهي جنهن جو سربراهه پيو ڪو نه پر مشرف پاڻ آهي‘.

آئيني طور آءِ.ايس.آءِ وزير اعظم جي زيردستيءَ ۾ آهي پر آءِ.ايس.آءِ جا گهڻا عملدار فوج مان ايندا آهن ۽ انهن جي وفاداري به فوج سان وابسته هوندي آهي. سويلين حڪومت جي اچڻ جي ڪري آءِ.ايس.آءِ کي سويلين ضابطي هيٺ ڏيڻ جا ڪجهه عمل به ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ 27 جولاءَ 2008ع تي واشنگٽن ڏانهن وڃڻ کان اڳ وزير اعظم گيلانيءَ آءِ.ايس.آءِ کي سويلين ڪنٽرول ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪئبينيٽ ڊويزن آءِ.ايس.آءِ جا پر ڪترڻ جي ڪوشش ڪندي هڪ حڪمنامو جاري ڪيو ۽ ايجنسيءَ کي گهرو معاملن واري وزارت جي زيردستيءَ ۾ ڏنو.صدر زرداريءَ هڪ بيان ۾ چيو ته اهي عمل ملڪ ۾ سويلين حڪمراني قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ آءِ.ايس.آءِ ۽ فوج کي بدناميءَ کان بچائڻ واسطي ڪيو ويو. لڳي ائين ٿو ته اهو قدم واشنگٽن جي سخت دٻاءَ سبب کنيو ويو. پر اهو جٽاءَ نه ڪري سگهيو. حڪمنامي جي ڪجهه ڪلاڪن اندر ئي فوجي قيادت وزيراعظم کي اهوحڪمنامو واپس ونڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

بش سان 29 جولاءِ 2008ع ۾ گيلانيءَ جي ملاقات ۾ بش ڳڻتي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي گيلانيءَ کي چيو ته آءِ.ايس.آءِ پاڪستاني اترين علائقن ۾ موجود القائدا ۽ طالبان دهشتگردن سان گهرا لاڳاپا جوڙي ورتا آهن.ميڊيا جي رپورٽن مطابق جيتوڻيڪ بش جو ’موڊ‘ ٺيڪ هو پر تنهن هوندي به هن گيلانيءَ کي سڌي نموني چئي ڏنو ته آمريڪا پاڪستان کي خفيه معلومات جي ڏي وٺ ڪرڻ ۾ عار محسوس ڪري رهيو آهي.پاڪستاني بچاءَ واري وزير احمد مختار جو حوالو ڏيندي 31 جولاءَ 2008ع تي پاڪستاني ميڊيا لکيو ته صدر بش مطابق پاڪستاني توڙي آمريڪي حملي کان اڳ ئي آءِ.ايس.آءِ ۾ ويٺل ڪجهه عنصر اها معلومات دهشتگردن کي فراهم ڪري رهيا آهن جنهن سبب دهشتگرد هوشيار ٿي وڃن ٿا. بچاءَ واري وزير مطابق صدر بش پڇيو ’آءِ .ايس.آءِ ڪنهن جي ڪنٽرول هيٺ آهي؟‘جنهن جو مطلب اهو آهي ته صدر بش کي آءِ.ايس.آءِ کي سويلين ڪنٽرول ۾ ڏيڻ واري عمل جي ناڪاميءَ جي خبر پهچي چڪي هئي.

29 جولاءَ 2009ع تي نيويارڪ ٽائيمز هڪ رپورٽ شايع ڪئي جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو ته جنهن ڏينهن گيلاني بش سان ملاقات ڪئي ان ڏينهن سي.آءِ.اي جي ڊپٽي ڊاريڪٽر اسٽيفن ڪيپس پاڪستاني عملدارن سان ملاقات ڪري کين آءِ.ايس.آءِ جي اترين علائقن ۾ موجود دهشتگردن جي ڳٺ جوڙ بابت ثبوت ڏيکاريا.رپورٽ مطابق سي.آءِ.اي افغانستان ۾ وڌندڙ بدامني جي اصل محرڪن ۽ پڳوڙي طالبان اڳواڻ جلال جي حوالي کان پاڪستان ڏانهن سخت رويو ڏيکاريو.هڪ اعليٰ سطحي آمريڪي عملدار جو حوالو ڏيندي نيويارڪ ٽائيمز لکيو ته ڳالهه بنهه سڌي ريت ڪئي وئي، ’

اسان کي خبر آهي ته آءِ.ايس.آءِ جو ڳڻ جوڙ نه صرف حقانيءَ سان پر ٻين ويڙهاڪ عنصرن سان به آهي. توهان ان ڏس ۾ وڌيڪ ڪجهه ڪري سگهو ٿا ۽ توهان کي ان ڏس ۾ ضرور وڌيڪ ڪجهه ڪرڻو پوندو’.

مشرف جيڪو اڃا پاڪستان جو صدر هو تنهن هڪواري ٻيهر آءِ.ايس.آءِ جو دفاع ڪندي چيو ته آءِ.ايس.آءِ کي نشانو بنائڻ سان پاڪستان ڪمزور ٿيندو ۽ پاڪستان ئي اولهه جي دفاع جو پهريون مورچو آهي. ڪراچيءَ ۾ تقرير ڪندي چيائين ته آءِ.ايس.آءِ خلاف سازشون در اصل پاڪستان جو نالو بدنام ڪرڻ لاءِ سِٽيون ويون آهن. هن چيو ’آءِ.ايس.آءِ وطن پرست ادارو آهي جيڪو ملڪ جي سالميت لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي’.

مشرف ۽ ان جهڙا ماڻهو ڇا به چون پر حقيقت هيءَ آهي ته آءِ.ايس.آءِ کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ پاڪستان تي تمام وڏو عالمي دٻاءَ آهي.نئين آمريڪي صدر اوبامه جو منصوبو آهي ته آءِ.ايس.آءِ کي نه صرف ٽيڪنيڪي پر حقيقي لحاظ کان پڻ سيولين ڪنٽرول ۾ ڏنو وڃي. اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪي پاڪستاني فوج جي هندستان کي ازلي دشمن تصور ڪرڻ واري ذهنيت کي تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ نعم البدل تي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ هندستان دشمنيءَ جو نعم البدل آهن پاڪ-افغان بارڊر تي موجود القائدا ۽ طالبان جهادي.

پاڪستاني رياست، هڪ ٽائيم بم
هاتڪ سنڌي



پاڪستاني رياست هڪ ٽائيم بم آهي جنهن جي زندگي عام گهڙيال کان وڌيڪ تيزي سان ٽڪ ٽڪ ڪندي ختم ٿي رهي آهي. ڇاڪاڻ ته هن وٽ حل نه ٿيندڙ تضاد، جيڪي هيءَ رياست پنهنجي وجود ۾ اچڻ جي ڏينهن کان گڏ ڪندي رهي آهي. هاڻي اهي تضاد رياست جي ڦٽن تي لوڻ ٻڌجي ڪِري رهيا آهن. ڪيستائين هيءَ رياست پنهنجي ڦٽن کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي؟ اهو ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو. هن رياست جو وجود ۾ اچڻ يا ٺهڻ بلڪل انگريزي فلم جي ڪنهن رَتُ پياڪ چمڙي (vampire) وانگي آهي. هن جي مختلف عضون (صوبن ۽ قومن) مان رت ٽمندو رهيوآهي ۽ پوءِ جڏهن سچ جي روشني جو سچ هن جي جسم کي ساڙڻ لڳي ٿو ته هي محتاط ٿيندي، مزدور مخالف، سيڪيولرازم مخالف، جمهوريت مخالف، عورت مخالف ۽ ڏتڙيل قومن مخالف پاليسيون هلائي انهن جي چانوَ ۾ لڪي وڃي ٿي ۽ پنهنجو بچاءُ ڪري ٿي. پر جي ان جي باوجود به سچ جي روشني هن جي پاسراٽين کي ساڙڻ بند نه ٿي ڪري ته هيءَ رياست حب الوطني ۽ سياسي اسلام جي نالي واري وڻ جي چانو ۾ لڪي مضبوط ٿي وڃي ٿي. (جيئن 1965ع واري پاڪ ڀارت جنگ شروع ڪرائي صدر ايوب عوام جي حب الوطني ۽ مذهبي جوش جي بنياد تي عوام جي پنپرائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي)

هيءَ رياست جنهن اڌ رات جي پيٽ ۾ هڪ نئين نام نهاد قوم کي جنم ڏنو اها قوم شروع کان ئي رياستي پروپيگنڊه جو شڪار ٿيندي رهي آهي. اهو ان ڪامياب پروپيگنڊه جو نتيجوآهي جو حقيقتون سامهون نه ٿيون اچن ۽ سچ جو سج اڀرڻ کان اڳ لهي وڃي ٿو.

اسان هي سٽون پڙهي رهيا آهيون ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن هنڌ ماڻهو، مذهبي جنونيت ۽ لساني بربريت سبب مري رهيا هجن. اڄو ته پاڻ کي ياد ڏياريندا هلون ته ڪراچي ۾ جيترو قتل عام ٿي چڪو آهي. اهو دهشت زده علائقن يعني وانا، وزيرستان ۽ سوات وارن علائقن کي گڏي ڏسجي ته انهن کان ٿورڙو گهٽ آهي! ان هوندي به افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته رياست انهن قوتن کي جيڪي قتل جو بازار گرم رکنديون پيون اچن ڪو نالو ڏئي نه سگهي آهي ته آخر اهي وحشي صفت انسان ڪهڙي پارٽي سان تعلق رکن ٿا؟ هت توهان کي رياستي تضاد واضح نظر ايندو. يعني جيڪي قوتون وزيرستان يا سوات ۾ قتل عام ڪري رهيون آهن رياست انهن کي پاڪستاني طالبان جو نالو ڏئي ٿي. مگر ڪراچي ۾ لساني بنياد تي قتل ڪندڙ قوتن کي رياست هن مهل تائين ڪو نالو ڏئي نه سگهي آهي. ان جو سبب هي آهي ته رياست خود چاهي ته لساني بنياد تي ماڻهو پلي قتل ٿيندا رهن (انهن معصومن جو رت هن ويمپائر رياست جو جيئندان جو آهي) ۽ اصل حڪومت ڪندڙ مطلب ته ڪراچيءَ جو ڪور ڪمانڊر روم جي نيرو وانگي بين وڄائي لطف اندوز ٿيندو رهي. ڪراچي ۾ ٿيندڙ ڪوس هن ور وڪڙن

وارين خواهش جي عين مطابق آهي ان ڪري ڪراچي ۾ شروع ٿيل هن ڪهاڻي جو انت شايد دير سان ٿئي.

اچو ته هاڻي ايم ڪيو ايم تي ڳالهايون.

ڇا سبب آهي جو ايم ڪيو ايم دهشت ڦهلائڻ لاءِ هٿيارن جي سياست ڪري ٿي؟ جواب آسان آهي، ايم ڪيو ايم جمهوري بنيادن تي سياست ڪرڻ جي لائق آهي ئي ڪونه. جنهن ڏينهن ايم ڪيو ايم جمهوري انداز سان سياست شروع ڪئي ته هن کي پڪ آهي ته بدقسمت ڪراچي هنن جي هٿن مان نڪري ويندي ۽ هنن جي پارٽي اليڪشن ۾ چونڊون کٽي ڪونه سگهندي. ايم ڪيو ايم جو ووٽ بئنڪ صرف ان ڳالهه ۾ آهي ته اهي دهشت جي فضا کي پختگيءَ سان قائم رکن.

هاڻي جيڪا سياست ايم ڪيو ايم ڪري ٿي ان جو اثر اهو ٿيو آهي ته ڪراچي ۾ موجود ٻيون پارٽيون يعني اي اين پي، امن ڪاميٽي يا قوم پرست گروهه انهن جي نقش قدم تي هلڻ شروع ٿيا آهن. هي سڀ پارٽيون اڪ جي بدلي اک ۽ ڪن جي بدلي ڪن واري سياست کي ئي سياست سمجهن ٿيون. هي پارٽيون لساني ۽ قومي بنياد تي هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ ۾ آهن مگر قبضا گيري، منشيات فروشي، ڀتا خوري تي هنن ۾ ڪو ٽڪراءُ نه آهي. اگر ٿيندو آهي ته هي ڌريون پنهنجو پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪري معاملو ٺڏو ڪري ڇڏينديون آهن. (اها ڳالهه پورهيت طبقي کي سمجهڻ گهرجي).

ڪراچي مِني پاڪستان آهي ۽ ان ۾ سڀ رهندڙ موجود آهن. مطلب ته جيڪي تضاد توهان کي ڪراچي ۾ نظر ايندا اهي پوري رياست ۾ به نظر ايندا. صرف هڪ فرق سان ته اردو ڳالهائيندڙ آبادي جيئن ته سنڌ ۾ ٻين صوبن جي نسبت وڌيڪ آهي ان ڪري لساني ٽڪراءُ جو اثر ۽ نتيجا سنڌ کي وڌيڪ ڀوڳڻا پوندا آهن.

جيڪڏهن سوال ڪجي ته سنڌ جي حڪومت جو حصو ايم ڪيو ايم کي ڏئي ڇڏجي ته پوءِ ايم ڪيو ايم ته مطمئن ٿي ويندي؟ جواب آهي ڪڏهن به نه..... ڇاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم جنهن ايجنڊا تي ڪم ڪري رهي آهي اها بلڪل اهڙي ئي آهي جيڪا اسرائيل ۾ صيهوني ڪندا هئا. سولي سنڌيءَ ۾ هي سمجهو ته ايم ڪيو ايم پاڻ کي اردو ڳالهائيندڙن کي آزادي ڏياريندڙ سڏرائي ٿي. هن مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ ايم ڪيو ايم هن مهل ٻن پاليسين تي عمل پيرا آهي. پهرين هي آهي ته اهي سڄو ڏينهن ميڊيا ذريعي امن جو راڳ الاپن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي امن جو فرشتو ثابت ڪرائن ٿا ۽ ٻئي پاسي هي آهي ته روڊن ۽ رستن تي دهشت ۽ خوف جو بازار گرم رکن ٿا. هن قسم جي سياست کي فاشسٽ سياست چئي سگهجي ٿو. هن سياست جو طريقيڪار اهو آهي ته پهرين "پنهنجن" تي قابض ٿيڻو هوندو آهي ۽ پوءِ ٻين کي پنهنجو غلام بڻائبو آهي. تاريخ ۾ فاشسٽن ائين ئي ڪيو آهي. هٽلر ٻين قومن کي فتح ڪرڻ يا انهن کي خوفزده ڪرڻ کان پهريان پنهنجي جرمن قوم کي فتح ۽ خوفزده ڪيو هو. اٽلي جي مسولني پهرين پنهنجي قوم کي غلام بڻايو ۽ ان ڪانپوءِ ئي هن ٻين قومن ڏانهن ميري اک سان ڏٺو هو. اهو ئي ڪجهه اسرائيل جي رياست اڏڻ لاءِ زيانسٽن کي ڪرڻو پيو. انهن پهرين يهودين کي خوفزده ڪرايو ته جيئن يورپ جي ٻين ملڪن مان نڪري اچي اسرائيل ۾ رهن. جڏهن اهي ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته دنيا ڏٺو ته انهن ڪيئن فلسطين يا عربن کي پنهنجو غلام بڻائي ورتو.

ايم ڪيو ايم؛ جنهن جي ڪيترن ئي اڳواڻن جو دل گهريو (فيورٽ) ليڊر اسرائيل جو ايرل شيرون آهي. هي اسرائيل جي طرز

سياست مان متاثر آهن اهو ئي سبب آهي جو اردو ڳالهائيندڙ خود ايم ڪيو ايم کان ڊنل آهي. هڪ پاسي هي ايم ڪيو ايم کان ڊنل آهن پر ٻئي پاسي نه چاهيندي به هو ايم ڪيو ايم جي مخالفت نه ڪندا ڇاڪاڻ ته هو سمجهن ٿا (اصل ۾ ايم ڪيو ايم اردو ڳالهائيندڙن کي اهو "سمجهايو" آهي) ته جي انهن کي ڪير سنڌي، پٺاڻ ۽ پنجابين کان بچائي سگهي ٿو ته اها صرف ايم ڪيو ايم آهي. هيءَ ساڳي نفسيات اسرائيلن جي به هئي. صيهوني دهشتگردن يهودين لاءِ سڄي دنيا ۾ باهه ٻاري ڏني هئي. هاڻي پنهنجي وجود کي ڪراچي ۾ برقرار رکڻ لاءِ اي اين پي ۽ ٻيا سياسي گروپ ساڳي سياست ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

اسان جا سنڌي قوم پرست ڌڙا جن کي ايم ڪيو ايم جي هن ڪوڙي ۽ ڇريائپ تي ٻڌل سياست خلاف ڪم ڪري اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي دلين مان ايم ڪيو ايم جو خوف ختم ڪرڻو آهي. اهي ائين ڪرڻ بدران ايم ڪيو ايم جي سياست ڪرڻ جو انداز اپنائي رهيا آهن. ائين ڪرڻ سان اِهو ٿيندو ته جيڪي اردو ڳالهائيندڙ ايم ڪيو ايم سان نفرت ڪن به ٿا ته اهي مجبوراً ايم ڪيو ايم جي جهولي ۾ ڪرندا. ايم ڪيو ايم چاهي به ائين ٿي ته مهاجر صرف ايم ڪيو ايم کي پنهنجي حقيقي پارٽي سمجهن.

اسان جا قومپرست اهو سمجهن ٿا ته ايم ڪيو ايم ۽ مهاجر ساڳي ڳالهه آهن. هن جو نتيجو اهو نڪتو ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ قومپرست ڌرين ملي ڪري اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي ڌمڪايو ۽ انهن کي يونيورسٽي اچڻ کان منع ڪري ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو ته انهن شاگردن وچي ايم ڪيو ايم جا پاسا ورتا ته اسان کي سنڌي "ڪامريڊن" کان بچايو. هي سچو عمل ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ايم ڪيو ايم پنهنجي هن پاليسيءَ (ته اهي مهاجرن جا مسيحا آهن) ۾ ڪامياب وڃي رهي آهي.

بورجوا مفاهمت پسند پي پي جي ليڊرن وٽ ايترو عقل ۽ همت آهي ئي ڪونه ته هو ڪا اهڙي پاليسي جوڙن جنهن جي ڪري لسانيت جو راڪاس ختم ٿي وڃي. ساڳين بورجوا پارٽين 1947ع ۾ پنهنجي ماڻهن سان ڌوڪو ڪيو هو ۽ وري ضرورت پئي ته اڄ به پنهنجي عوام سان ڌوڪو ڪرڻ ۾ دير ڪونه ڪندا. ان جي ڪري مختلف قومن جا ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ترقي پسند انسان (سنڌي، اردو، پنجابي، بلوچي، سرائيڪي، پشتو) اهو هرگز نه وسارين ته هي ويمپائر (رت پياڪ چمڙو) رياست 1947ع ۾ 20 لک ماڻهن جو رت پيءُ پوءِ ٺهي هئي. پوءِ اها ان دور جي رياست هجي يا اڄ جي دور جي رياست، هي پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ هڪ دفعو وري لکين ماڻهن جو رت پي پنهنجو پاڻ کي تازو توانو ڪري سگهي ٿي.

اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي

(1) اسان کي ايم ڪيو ايم جهڙي سياست نه ڪرڻ گهرجي. ان کان علاوه اسان کي ايم ڪيو ايم جي ان پاليسيءَ خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي. جنهن جي مطابق هو پاڻ کي اردو آباديءَ لاءِ مسيحا طور پيش ڪن ٿا. اسانکي گهرجي ته اردو ڳالهائيندڙن جو اعتماد حاصل ڪري انهن کي ايم ڪيو ايم ۽ علاقائي لسانيت کان بچايون.

(2) اسان کي ايم ڪيو ايم ۽ پي پي جي ڪوڙي مفاهمت جو نقاب لاهڻ گهرجي جنهن جي اوٽ ۾ هي پارٽيون عوام مخالف ۽ ترقي مخالف فيصلا ڪن ٿيون.

(3) اسان کي لسانيت کي هٿي ڏيندڙ ڪنهن به پارٽي جو ساٿ ڏيڻ نه کپي.

(4) اسان کي رياست تي زور پرڻ گهرجي ته اهي انهن دهشتگردن جا نالا ۽

لاڳاپا ظاهر ڪن جن ڪراچي جي معصوم شهرين کي ابدي ننڊ سمهاريو.

(5) سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ پورهيتن کي ان ڳالهه کان واقف ڪرائجي ته پي پي ۽ ايم ڪيو ايم پورهيت مخالف سياست ڪن ٿيون. مثال ايم ڪيو ايم انهن سرمائيدارن سان گڏ آهي جيڪي ڪراچي جا اهم ادارا نجي طور هلائڻ جا خواهان آهن. جهڙوڪ: ڪي اي ايس سي. پي پي وري وڏيرن جي ساٿاري آهي. هي زميني سڌارن جي ڳالهه هرگز نه ٿا ڪن. ان کان علاوه ٻئي پارٽيون هن ڳالهه تي متفق آهن ته مهانگائي چوٽ چڙهي وڃي پاڻ ڪجهه به نه چونداسين.

(6) نام نهاد ”قومي ميڊيا“ جيڪا يا ته ڊنل آهي يا ان کي رشوت ڏئي خاموش ڪرايو ويو آهي (يا ٻئي عمل ڪيا ويا آهن). هي ميڊيا ڪڏهن به سچ ڪونه ڳالهائيندي ۽ نه ئي اسان کي هنن مان سچ جي اميد ڪرڻ کپي. تنهنڪري ضروري آهي ته اسان سوشل ميڊيا، موبائيل ايس ايم ايس، پمفليٽ يا دوستن سان ڪچهرين دوران سچ کي وڌائڻ جي جستجو ڪريون ته جيئن سياسي ماحول جڙي.

اسان کي هرگز اهو وسارڻ نه کپي ته اسان سنڌين جو بنياد قومي يا لساني نه بلڪه سياسي آهي. لکين سنڌي نه ڳالهائيندڙ سنڌ واسي (اهي جن جي مادري زبان سرائيڪي، بلوچي، بروهي، اردو، پنجابي آهي) پنهنجي سڃاڻپ سنڌ سان ڪرائن ٿا.

اهم ڳالهه هي آهي ته اسان کي ”ثقافتي مهاجريت“ ۽ ”سياسي مهاجريت“ ۾ فرق ڪرڻ سکڻو پوندو. ثقافتي مهاجريت اها آهي ته جيڪو اردو ڳالهائي ٿو. هن جي پنهنجي زبان ۽ ثقافت آهي. هي ثقافتي مهاجريت اسان لاءِ خطرناڪ بلڪل به نه آهي. باقي ”سياسي مهاجريت“ مان مراد آهي. ”مهاجر“ نالي تي سياست ڪرڻ. هي سياست سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٻنهي لاءِ موتمار آهي.

اسان ”سياسي مهاجريت“ جهڙي خطرناڪ راند جو مقابلو تڏهن ئي ڪري سگهون ٿا. جڏهن اسان اردو ڳالهائيندڙن جي ٻولي ۽ ثقافت جي حفاظت جي ضمانت ڏينداسين. يقين ڄاڻو اچ توهان اردو ڳالهائيندڙن، انهن جي ٻولي ۽ ثقافت جي حفاظت ڪيو سڀاڻي ايم ڪيو ايم پنهنجو موت پاڻ مري ويندي. هوئين به اسان لاءِ مسئلي جي جڙ ايم ڪيو ايم جي سياست آهي ڪو مسڪين ريڙهي هلائڻ وارو اردو ڳالهائيندڙ نه.

اسان کي اهو به وسارڻ نه گهرجي ته اردو ٻولي 1947ع ۾ سنڌ ۾ نه آئي آهي. اردو اسان وٽ مرزا غالب کان ڪافي اڳ کان موجود هئي. ڪوڙ سارن سنڌي شاعرن (جهڙوڪ سچل سرمست) جي شاعري اوهان کي اردو ۾ ملي ويندي. انهن اها شاعري مولانا حاليءَ کان به پهرين ڪئي آهي.

ڪراچي ۾ جيڪا دهشت گردي آهي ان جو ڪارڻ سياسي آهي لساني نه. اهو ئي سبب آهي جو پي پي جي بيمار ۽ ڪرپٽ بورجوا حڪومت انهن قوتن جا نالا کڻڻ کان لاچار آهي جيڪي ڪراچي ۾ معصومن کي موت جو کاڄ بڻائي رهيا آهن.

اسان کي هرگز اهو وسارڻ نه گهرجي ته ان رياست دهشت گردن ۽ سامراج سان گڏجي مظلوم قومن ۽ طبقن جي خلاف پليت ٺاهه ڪيو آهي. اسان مظلوم قومن ۽ طبقن کي انهن ظالمن خلاف گڏجي ٺاهه ڪرڻ گهرجي نه ته ظلم ۽ بربريت سهڻ اسان جي قسمت بڻجي ويندي.

ڪجهه اهم نقطا جيڪي اسان کي سمجهڻ گهرجن

* اسان سنڌ جي تاريخي قوميت ۽

وحدت تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪنداسين.

* سنڌ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ جو وطن آهي. ڪابه اهڙي سازش جنهن جي بنياد تي ماڻهن کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪئي وئي ته مزاحمت ڪنداسين.

* غير ملڪي سفارتڪار جيڪي آمريڪا ۽ برطانيه سان تعلق رکن ٿا انهن جي سخت مزمت ڪيون ٿا ڇاڪاڻ ته اهي پئسا ۽ هٿيار ڏئي سنڌ جي وحدت کي ٽوڙڻ جا خواهان آهن.

* ڪراچي کي وفاق جي گادي جو هنڌ بنائڻ واري مطالبي کي ننديون ٿا ڇاڪاڻ ته اها ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جي سازش آهي.

* ڪراچي کي هٿيارن کان پاڪ ڪيو وڃي.

* پراڻن ضلعن کي بحال ڪيو وڃي.

* ڪمشنري نظام نامنظور آهي ڇاڪاڻ ته ان ذريعي طاقت بيوروڪريٽس جي هٿن ۾ اچي وڃي ٿي.

* ناظمي نظام نامنظور آهي ڇاڪاڻ ته اهو صوبائي خودمختياري کي پائمال ڪري ٿو. اهو هڪ اهڙو ذريعو جنهن جي مدد سان وفاق ضلعن تي سڌي طرح ڪنٽرول ڪري ٿو.

* لوڪل باڊيز نظام جوڙيو وڃي جيڪو عوام جي هيٺين سطح جي ضرورتن کي پورو ڪري.

پاڪستان شروع کان وڏيرڪي نظام جي شڪنجن ۾ رهيو آهي. جمهوريت جو اصول اهو آهي ته وڏيرڪي نظام کي ختم ڪري زمينون غريبن ۾ ورهايون وڃن ته جيئن غريب عوام آزاديءَ سان پنهنجي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهن.

* انتظامي بنياد تي صوبن کي نون صوبن ۾ ورهائڻ جي مذمت ڪيون ٿا ۽ اهو مطالبو ڪيون ٿا ته صوبن کي تاريخي ۽ قومي بنياد تي سنڌن حق ڏنا وڃن.

* اهو هڪ دفعو وري دهرائجي ٿوته پاڪستان هڪ گهڻ قومي رياست آهي. ان ڪري هر هڪ قوم کي مڪمل حق ڏنا وڃن. انهن کي پنهنجن ذريعن تي مالڪي ڏني وڃي ته جيئن اهي پنهنجا معاملا پاڻ هلائن.

عالمي سياسي صورتحال

امریکی سامراج ۔ جمہوریت پر احسانات کی کہانی

مشتاق علی شان

ہم تیسری دنیا کے باشندے بھی کیا سادہ ہیں جو ہمیشہ توقعات وابستہ کرتے آئے ہیں اور ہمارے اندازے ہمیشہ غلط ثابت ہوتے آئے ہیں ذرا سا کچھ سُن دیکھا اور اس کی بنیادپرآس و امید کی ایک عظیم عمارت تعمیر کر ڈالی ایک معمولی پتھر کہیں ہلا اور پوری عمارت دھڑم سے نیچے۔ ابھی کل ہی کی بات ہے جب باراک حسین اوبامہ واشنگٹن کے تخت پر متمکن ہوئے اور اس جگہ کے سامنے عوام سے مخاطب ہوئے جہاں سیاہ فام امریکی باشندوں کے عظیم رہنما لوتھر کنگ کو گولی کا نشانہ بنایا گیا تھا، تب ہمارا میڈیا یوں سماں پیش کر رہا تھا جیسے کوئی عظیم انقلاب آگیا ہو امریکہ کی جبر پر مبنی پالیسیوں کا خاتمہ ہو گیا ہو اور اب راوی چین ہی چین لکھے گا ان دنوں کا ایک مشہور جملہ تھا۔

”امریکہ بدل رہا ہے“

”کامریڈ باراک حسین اوبامہ کی ” انقلابی “ قیادت میں امریکہ کتنا بدلا اور کتنا بدل رہا ہے یہ تو دنیا دیکھ چکی اور نجانے کیاکیا دیکھنا باقی ہے اس کا اندازہ لگانا کوئی مشکل کام نہیں ہے۔ یہ 2جون 2009 کی بات ہے واشنگٹن میں مشرقِ وسطیٰ اور یورپ کے دورے پر روانگی سے قبل بی بی سی کے نمائندے کو بیان دیتے ہوئے اوبامہ کے الفاظ تھے” امریکہ دوسرے ممالک پر اپنی قدریں مسلط نہیں کر سکتا جمہوریت قانون کی حکمرانی اور اظہار رائے کی آزادی مغرب کے سادہ اصول ہیں۔ مشرق وسطیٰ میں انسانی حقوق کے متعلق کچھ امور پر توجہ دینے کی ضرورت ہے تاہم ان ممالک

کے قوانین بھی عالمی قدروں سے مطابقت رکھتے ہیں" یعنی جناب صدر نے جس جمہوریت کو مغرب کا سادہ اصول قرار دیا تھا اس سے مُراد وہ حکومتیں ہیں جہاں محنت کش عوام کے حقوق غضب کیے جاتے ہیں او رغیرملکی سرمایہ کاری کے ماحول کو تحفظ فراہم کیا جاتا ہے مغرب بالخصوص امریکہ کے نزدیک جمہوریت اس وقت تک قابلِ قبول ہے جب تک اس کے نتائج پر خود ان کا کنٹرول ہو اور وہ براہِ راست سرمایہ کاروں کو جوابدہ ہونا کہ عوام کو بصورت دیگر آمریت کا آزمودہ نسخہ موجود ہے یہ محض "اشترا کی کوچہ گردوں" کے الزامات نہیں بلکہ دوسری عالمی جنگ سے آج تک کے اعداد وشمار ہیں جو چیخ چیخ کر اس کا اظہار کر رہے ہیں کتنی ہی نونہال جمہوریتوں کا گلہ گھونٹ دیا گیا امریکی سنگیوں کے سایوں میں کتنی سفاک اور خونخوار آمریتیں قائم کی گئیں صرف اس لیے کہ وہ مغرب کے زیرِ اثر تھیں ان کی قیادت فکر وعمل میں آزاد انقلابی اور سامراج دشمن قوم پرست رہنما کر رہے تھے اور وہ امریکی سامراج یا اس کی بغل بچہ کارپوریشنوں کی بجائے عوام کو جوابدہ تھے۔

دوسری جنگِ عظیم کے دوران اٹلی سے گزرتے ہوئے امریکی افواج نے کمیونسٹ پارٹی کی سربراہی میں قائم کیے گئے اس فاشزم مخالف مزدور مزاحمت کو بھی خاک وخون میں ملا دیا تھا جو جمہوریت کی جانب پیشرفت کر رہی تھی جس نے دوران جنگ چھ ڈویژن فاشسٹ جرمن فوج کا رستہ روکا تھا اور شمالی اٹلی کا علاقہ آزاد کرایا تھا۔ اسی طرح 1945 میں امریکی افواج نے کوریا میں داخل ہو کر اس عوامی حکومت کا خاتمہ کیا جو فاشزم مخالف تھی جس نے جاپان کے خلاف طویل مزاحمت کی تھی۔ 1947 میں برطانیہ نے یونان کا کنٹرول امریکہ کے حوالے کیا تو امریکی سامراج کی جانب سے ایک ایسی جنگ کی حمایت کی گئی جس میں ڈیڑھ لاکھ سے زیادہ انسان قتل ہوئے۔ 1953 میں ایران کے منتخب وز یر اعظم محمد مصدق کا تختہ فوج کی مدد سے الٹ کر امریکہ نے دوبارہ شاہ کو ایران پر مسلط کردیا، اس لیے کہ محمد مصدق ایک سچا سامراج دشمن قوم پرست انقلابی تھا جس نے تیل کی صنعت کو قومی تحویل میں لینے کا جرم کیا تھا،بعد ازاں مصدق نے شاہ کے عقوبت خانے میں سسک سسک کر زندگی کی بازی ہاری۔ 1954 میں امریکہ نے گوئٹے مالا میں جیکب اربینز کی پہلی جمہوری حکومت پرشب خون مارکرکرنل کارلوس کی فوجی آمریت قائم کی تھی۔ کارلوس کے بعد رانا اسور یوہویا جنرل گارشیا، جنرل لوکاس ہو یا جنرل ریورس مانٹ، جنرل وکٹر ہو یا جنرل وینی، گوئٹے مالا کے ہر قصائی کو امریکہ کا آشیر باد حاصل تھا۔ جنہوں نے گوئٹے مالا کو ایک ایسے مقتل میں تبدیل کر دیا جہاں ہزاروں انسان کاٹ ڈالے گئے ۔ 1961 میں امریکہ اور بلجیم کے اشارے پر کرنل مبوتونے کا نگولی عوام کے مقبول انقلابی رہنما اور منتخب حکمران پیٹرس لوممبا کا تختہ الٹ دیا لو ممبا کے بعد کرنل مبوتو 32 سال تک کانگو کے سیاہ سفید کا مالک رہا اور "محسن جمہوریت" اس کا سرپرست 1962 میں غرب الہند کی جمہوریہ ڈومینکن میں رافیل آمریت کے 31 سال بعد پہلے صدارتی انتخابات میں مزدور رہنما ژوان بوش کا میاب ہوئے تو سات ماہ بعد فوج کے ذریعہ اس کا تختہ اُلٹ دیا گیا جس کے بعد دائیں اور بائیں بازو میں جنگ شروع ہوئی تو امریکہ نے فوجی مداخلت کر کے وہاں اپنی نگرانی میں انتخابات کروائے جس میں اپنے کاسہ لیس جواکوئن بیلا گوئر کو منتخب کروایا گیا جو 1994 تک "منتخب" ہی ہوتا رہا، 1964 میں امریکہ بہادر نے بولیویا کی قومی انقلابی تحریک کے صدر وکٹر پازسورو (جو طویل معاشی وسیاسی بے چینی کے بعد ہونے والے انتخابات میں منتخب ہوئے تھے) کی حکومت کا تختہ فوج کے ذریعے الٹ دیا اسی بولیویا میں 9 اکتوبر 1967 کو شہرئہ آفاق انقلابی ارنسٹو چے گویرا کو سی آئی اے کے کل پرزوں کی نگرانی میں گولی سے اڑادیا گیا تھا۔

1965 میں انڈونیشیا کے پہلے صدر احمد سوئیکارنو کا تختہ الٹ کر جنرل سوہارتو کی خونی آمریت کی بنیاد رکھی گئی جو امریکہ اور مغرب کی آشیر باد سے 1998 تک انڈونیشیا پر ایک جلاد کی طرح مسلط رہا اس لیے کہ اس نے غیر اشترا کی دنیا کی سب سے بڑی اشترا کی جماعت کو کچلنے کا کارنامہ سر انجام دیا تھا جس میں دس لاکھ سے زیادہ افراد مارے گئے اور اتنی ہی تعداد میں دور دراز کے جزائر میں پابند سلاسل کر دیئے گئے۔ 1976 میں مشرقی تیمور پر سوہار تو کی لشکر کشی کو امریکہ سمیت پورے مغرب کی

حمایت حاصل تھی جس میں ایک لاکھ انسانوں کا قتلِ عام ہوا۔

1966سے 1968تک فلپائن پر مسلط بدترین آمر مارکوس کو امریکہ کی مکمل تائید وتوثیق حاصل تھی۔ مارکوس عہد میں ہزاروں جمہوریت پسند تہہ تیغ کر دیئے گئے ۔ 1964میں برازیل کی فوج نے امریکی سرپرستی میں جمہوری اداروں کی اینٹ سے اینٹ بجا کے حکومت پر قبضہ کر لیا۔ 1966میں گھانا کے پہلے صدر کوامے انکرومہ کا تختہ اس وقت الٹ دیا گیا جب وہ چین کے دورے پر تھے اس کے بعد لیفٹیننٹ جنرل جوزف انکراہ کی مغرب نواز آمریت قائم ہوئی ۔ 1970 میں کمبوڈیا کے پہلے صدر نورو ڈم سہانوک کا تختہ امریکہ نواز جنرل لون نال نے الٹ دیا تو کھمرروژگوریلوں نے لون نال آمریت کے خلاف مسلح جدوجہد کا آغازکر دیا اور ملک کے کافی حصے پر قابض ہو گئے تب امریکہ اور جنوبی ویتنام کی فوجیں جمہوریت کو روکنے کے لیے کمبوڈیا میں داخل ہوگئیں ۔کھمر روژ کے زیر کنٹرول علاقوں پر امریکہ کی وحشیانہ بمباری میں لاکھوں افراد ہلاک ہوئے جنرل لون نال کی پانچ سالہ امریکی نواز آمریت میں آٹھ لاکھ انسان قتل ہوئے۔ 1973 میں چلی کے عظیم انقلابی صدر سالوادورالاندے (جو بین الاقوامی شُہرت یافتہ پرولتاریہ شاعربھی تھے) کا تختہ الٹ دیا گیا اور جنرل آگستو پنوشے کی فوجی آمریت قائم ہوئی امریکہ کے چہیتے جنرل پنوشے کا شمار ہٹلر ، مسولینی ، فرانکو، سموزا، کرنل مبوتو، سوہارتو، مارکوس اور صدام حسین جیسے بدترین آمروں میں ہوتا ہے۔

1975 میں انگولا کی تنظیم برائے آزادی کے سربراہ ڈاکٹر نیتو نے آزادی کا اعلان کیا تو امریکہ نے ہولڈن اور سوامبی جیسے طالع آزماؤں کے ذریعہ شورش بپا کر دی جو ہزاروں انسانوں کے قتل پر منتج ہوئی ۔ 1975 میں ہی موزمبیق کے انقلابی رہنما اور پہلے صدر میشل سمورا کی حکومت کو گرانے کیلئے مغربی شعبدہ بازوں نے کیا کچھ نہیں کیا؟ جس کا نتیجہ خانہ جنگیوں میں ہزاروں افراد کی ہلاکت کے سوا کچھ بھی نہیں نکلا۔ 1977 میں امریکہ کی منظوری سے پاکستان میں ذوالفقار علی بھٹو کی منتخب حکومت کا تختہ ضیاءالحق کی سرکردگی میں فوجی ٹولے کی مدد سے الٹا گیا جسے امریکی سامراج کی مکمل تائید و توثیق حاصل تھی ۔ سرد جنگ کے مریض ضیاءالحق کے ہاتھوں یہاں کے جمہوریت پسندوں پر جو گزری اس سے یہاں کا بچہ بچہ واقف ہے اور صرف ضیاءپر ہی کیا موقوف ایوب خان سے جنرل مشرف تک یہاں کے ہر قصائی نے جو کشت و خون کیا ہے وہ امریکی سامراج کی منظوری سے ہی کیا ہے۔

1979 میں نکارا گوا کی انقلابی جماعت سیندی نیستا لبریش فرنٹ کی طویل جدوجہد کے نتیجہ میں سموزا آمریت کا محل زمین بوس ہوا تو امریکہ نے سموزا کے حامیوں کو مسلح کر کے وسیع پیمانے پر تشدد کو فروغ دیا۔ 1984 میں امریکہ نے نکارا گوا کی بندر گاہوں میں بارودی سرنگوں کا جال بچھا یا جس پر ساندی نیستا کی انقلابی حکومت نے امریکہ سے 27 کروڑ ڈالر کا عبوری ہرجانہ طلب کیا بعدازاں یہ معاملہ عالمی عدالت ِ انصاف میں گیا جس نے امریکہ کو نکارا گوا میں اپنی کاروائیاں بند کرنے کا حکم دیا مگر امریکہ کے کانوں پر جوں تک نہیں رینگی۔ 27جون 1986 کو عالمی انصاف نے فیصلہ دیا کہ امریکہ نکارا گوا کی باغی افواج کو ترتیب دے کر اور بھر پور فوجی کاروائیاں کر کے بین الاقوامی قانون شکنی کا مرتکب ہوا ہے لہٰذا وہ نکارا گو میں فوراً اپنی کاروائیاں بند کر کے ہر جانہ ادا کرے مگر ” قانون کی حکمرانی اور آزادی اظہار کی حامل امریکی حکومت نے یہ فیصلہ ماننے سے انکار کر دیا 1980 میں ایل سلواڈور کی جمہوریت پر فوج نے امریکہ کی سرپرستی میں شب خون مارکر عوام کیخلاف اس جنگ کی ابتداءکی جس میں 1992 تک اسی ہزار کے قریب افراد مارے گئے۔ 1983 میں گرینیڈا کی عوامی امنگوں کی ترجمان جماعت نیوجول موومنٹ کے انقلابی وزیراعظم مارس بشپ کی حکومت کا فوجی مداخلت کے ذریعے خاتمہ اور ان کا قتل امریکی ریشہ دوانیوں کا نتیجہ تھا۔ 1984 میں گنی کی تحریک آزادی کے ممتاز انقلابی رہنماءاحمد سیکو طورے کے انتقال کے فوراً بعد امریکی سنگینوں کے سائے میں کرنل لنسانا کانٹے کی فوج آمریت قائم ہوئی

یہ مکمل تفصیل نہیں بلکہ موٹی موٹی مثالیں ہیں جمہوریت پر امریکہ اور مغرب کے اتنے ”احسانات “ ہیں کہ ان کے بیان کیلئے کئی جلدیں درکار ہیں ۔ چلو مان لیتے ہیں کہ یہ سب پرانی باتیں ہیں اب امریکہ کے

انقلابی صدر جمہوریت قانون کی حکمرانی اور آزادی ِ اظہار کی ایک نئی تاریخ رقم کرنے جارہے ہیں مگر" جو تمہاری مان لیں نا صحاتو بچے گا دامن دل میں کیا"۔ " کامریڈ" اوبامہ کے "انقلابی" دور میں ہی بولیویا کے انقلابی صدر ایومور یز کو قتل کرنے کی سازش کا انکشاف ہوا اور چند افراد گرفتار ہوئے جن کے ڈانڈے جمہوریہ امریکہ سے جا ملے امریکہ کی "انقلابی حکومت" موریز کو قتل کرنا چاہتی ہے مگر کیوں؟ اس لیے کہ اس نے بولیو کا صدر منتخب ہوتے ہی واشنگٹن یاترا کی بجائے کیوبا کا دورہ کر کے فیڈل کاستروسے ملاقات کی جرات کی تھی اور وہاں سے وینزویلا جا کر ہوگوشاویز سے ملاقات کا جرم کیا تھا۔ اس لیے کہ وہ چے گویرا کے خواب کی تعبیر پانے کی بات کرتا ہے اس لیے کہ پسے ہوئے طبقے سے تعلق رکھنے والے ایوموریز بھوک، جہالت بیروزگاری اور دوسرے مسائل کا حل سوشلزم میں ڈھونڈتے ہیں اور وہ امریکہ اور اس کی کارپوریشنوں کی بجائے بولیویا کے عوام کو جوابدہ ہیں۔

جناب صدر کے "درخشاں" دور میں بھی کیوبا کی ردانقلابی قوتوں کی امداد اسی زوروشور سے جاری ہے جو سابقہ ادوار کا وطیرہ تھا۔کیوبن بھگوڑوں پر امریکی نوازشات اور کیوبا پر طویل پابندیاں آج تک برقرار ہیں۔ وینز ویلا میں ہوگوشاویز کی حکومت کو گرانے کیلئے اپنی دم چھلہ اپوزیشن پر امریکی مہربانیوں کا وہی عالم ہے۔ اوبامہ کے منتخب ہونے سے کچھ عرصہ قبل ہی امریکی سفیر کو ہوگوشاویز کے قتل اور بغاوت اکسانے کی سازش میں ملوث ہونے کی وجہ سے وینز ویلا سے نکلا گیاتھا۔17اپریل 2009 کو ٹرینیڈ ٹوباگو میں 30 ملکوں کے سربرہان کے عالمی معاشی بحران کے حوالے سے ہونے والے اجاس میں صدر اوبامہ کے ہوگوشاویز سے ہاتھ ملانے اور ہنس بولنے پر امریکہ کے ری پبلک قانون سازوں نے اتنا شور مچایا کہ انہیں اس کی وضاحت ان لفظوں میں کرنی پڑی "میری حرکت سے امریکہ کے عملی مفادات کو کوئی خطرہ نہیں ہے" کونسے مفادات؟ اس کی وضاحت جناب صدر نے کبھی نہیں کی لیکن کون نہیں جانتا کہ ان کا ہر قدم امریکہ کی گزشتہ پالیسیوں کا تسلسل ہے۔

ابھی مشرق وسطیٰ اور شمالی افریقہ کے ممالک میں جب تبدیلیوں کی لہر تیونس سے شروع ہوئی تو اپنے مفادات کے پیش نظر امریکہ نے جمہوریت کے خوب گیت گائے مگر جب بات مصر پہنچی تو جمہوریت کے یہ چیمپئن گُنگ رہ گئے۔بحرین میں جمہوریت پسندعوام ایک کرپٹ ترین آمر کے خلاف عوام سڑکوں پر نکلے تو یہاں امریکہ بہادر کے پیٹ میں مروڑ اٹھنا شروع ہو گئے مبادا اس تحریک کا دائرہ سعودی عرب تک نہ پھیل جائے۔بحرین کے جمہوریت پسندوں پر سعودی عرب کی ننگی جارحیت کو امریکہ کی تائیدحاصل تھی ۔انہیں سعودی آمریت تو قبول ہے کہ وہ ان کو جوابدہ ہے مگر لیبیاءمیں نہیں کہ قذافی کبھی ان کو جوابدہ نہیں رہا ،لہذا اس کے خلاف مصنوعی بغاوت کا ڈرامہ رچا کربد ترین جارحیت کا ارتکاب کیا گیاہے ۔ انہیں یمن میں جاری آمریت خلاف عوامی تحریک نظر نہیں آتی مگر شام میں جمہوریت کی فکر ضرور ہے۔ اصل میں جمہوریت کے اس "محسن و مربی" کو آج اگر کوئی غم کھائے جا رہا ہے تو وہ یہ ہے کہ کس طرح ان طفیلی آمریتوں کو جمہوریت سے بچایا جائے جن کا وجود خود اس کی بقا ءکے لیے ضروری ہے ۔جہاں کے مزدور آج بھی 14، 14 اور 16، 16 گھنٹے محنت کے ستم جھیلنے پر مجبور ہیں اور انہیں یونین سازی تک کی اجازت نہیں ہے۔

جمہوریت پر امریکی احسانات کی یہ کہانی ابھی ادھوری ہے "کامریڈ" باراک اوبامہ اس میں اپنا کافی حصہ بھر پور انداز میں ڈال چکے ہیں اور بہت سا ڈالنا ابھی باقی ہے۔

اسین 99 سيڪڙو آهيون

بخشل ٿلهو



وال اسٽريٽ تي قبضي واري تحريڪ (OWS) جو پروفائيل

سماجي تضادن جي معروضي شدت، ڪهڙي ريت انساني سياسي سرگرمي جي صورتن، مقصدن ۽ طرف کان متعين ڪري ٿي؟ اهو ان سياسي ڪارڪن جي هنن لفظن منجهان عيان آهي، جيڪو پهرين ڏينهن جي وال اسٽريٽ تي قبضي واري مظاهري ۾ شامل هيو ته "اسانجو خيال هو ته مظاهرو عام رواجي انداز ۾ ڪجهه منٽ جاري رهي پوءِ ختم ٿي ويندو ۽ اسين سڀ وري پنهنجي ذاتي ڪرت ۾ مصروف ٿي ويندا سين" پر جڏهن 17 سيپٽمبر جي ڏينهن مين هٽن ۾ 2000 ماڻهن جي هڪ ريلي زوڪوٽي پارڪ تائين پهچي ختم ٿي، ته مصري مزاحمت ۽ تحريڪ کان متاثر ڪي 150 نوجوان، زوڪوٽي پارڪ کي آمريڪا جو تحرير اسڪوائر بنائڻ جي مقصد سان خيما کوڙي رات پارڪ ۾ ترسي پيا شروع ۾ ته ڪارپوريٽ ميڊيا پنهنجو روايتي ڪردار نڀائيندي ڪين درگذر ڪيو، پر سماجي رابطن جي نون ذريعن، انٽرنيٽ، فيس بڪ، ٽوئيٽر، موبائل ايس ايم ايس وغيره به پنهنجو ڪردار نڀايو ۽ سماجي معاشي اڻبرابري ۽ استحصال جو شڪار عوام "شاگرد، عورتون، ٽريڊ يونين اڳواڻ ۽ مزدور" يڪجهتي طور مزاحمت ۾ شامل ٿيندو ويو. نيويارڪ انتظاميا طرفان پارڪ جي صفائي بهاني مظاهرو ڪندڙن کي پارڪ مان تڙي ڪڍڻ جي فيصلي، احتجاج ڪندڙن پاران مزاحمت ۽ نتيجتن اختيارن پاران فيصلي واپس وٺڻ سان تحريڪ جي خود اعتمادي ۾ اضافو ٿيو، پهرين آڪٽوبر تي جڏهن مظاهرو ڪندڙن عالمي مالياتي ادارن جي مک آفيس ڏانهن رخ ڪندي بروڪلن پل کي ڪراس ٿي ڪيو، تڏهن انتظاميا حرڪت ۾ ايندي 700 سرگرم ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي نه صرف آمريڪا جي ٻين شهرن ۾ يڪجهتي مظاهرن جي لهر شروع ٿي، پر پهرين دنيا سميت ٻيا سمورا مک شهر (لنڊن، فرينڪفرٽ، ميڊرڊ، روم، سڊني، آڪ لينڊ، هانگ ڪانگ، پيرس، تل ابيب، قاهره، هينا، سراجيو، بار سلونا، سان فرانسسڪو، سرمائيداري مخالف ڌرڻن، مظاهرن جو ڳوڙهه بڻجي ويا، اهڙي ريت تاريخي لازميت، پنهنجو اظهار ڪجهه خودرو واقعن ۾ ڪندي هڪ عالمگير تحريڪ جو بنياد وڌو، 15 آڪٽوبر جي ڏينهن تي عالمي مزاحمت جي سڏ کي 82 ملڪن جي عوام ڪنايو ۽ 951 شهرن ۾ عوام، مالياتي سرمائي جي حڪمراني خلاف روڊن، رستن تي نڪري آيو، شروع شروع ۾ تحريڪ جا مقصد اڻ چٽا هئا، پر مستقل مزاحمت ۽ ڪاٻي ڌر جي تنقيدي شعور، سرمائيدار مخالف مقصدن ۽ نعرن کي مرڪزي حيثيت ڏئي ڇڏي. "اسين 99 سيڪڙو آهيون" تحريڪ جو بنيادي نعرو ٿي ظاهر ٿيو. انهيءَ کان سواءِ ٻيا اهڙا نعرا به نسري آيا، جن عالمي مالياتي ادارن جي استحصال ۽ هن مدي خارج نظام جي تباهڪارين کي اظهاريو ٿي، جهڙوڪ:

سرمائيداري جو موت، عوام جي آزادي

هي بيئنڪن جي زنبيل ڦاٽڻ جو وقت آهي

بيئنڪ اسانجي گهر تي قبضو ڪيو آهي، اسان بيئنڪ تي قبضو ڪنداسين

ڪارپوريٽ حوس کي هاڻ بند ڪيو

يورپي عوام اٿي پوءَ (يورپ ۾)

هاڻ غريبن وٽ ڪائڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي، مانسواءِ اميرن جي.

اهڙن نعرن ۾ تحريڪ سان بقول، سويڊن جي ڊيو روءِ جي " the capital of capitalism is shaking" ته سرمائيداري جي راڄڌاني (وال اسٽريٽ) لرزي پئي ٿي.

تحريڪ جا سماجي، معاشي ۽ سياسي محرڪ

جدلياتي علم مطابق لقاءَ ۽ متضاد پنهنجي ابتڙن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن، اهڙي ريت سرمائيداراڻي معيشت جو بنياد "ڇٽاپيٽي" پنهنجي اوسر ۾ اڳتي هلي هڪ هٽي سرمائيداري (monopoly capitalism) لاءِ راهه هموار ڪئي، جنهنجو مطلب آهي سماجي دولت جو چند فردن وٽ گڏ ٿيڻ، جيڪي ذاتي مفادن جي آڌار تي سموري سماج جي معاشي ڪاروهنوار جي صورت گيري ڪي طئي ڪن ٿا، جنهن جو آخري نتيجو سرمائي جي اجا وڌيڪ ارتڪاز جي صورت ۾

ٽڪري ٿو. اڄ حالت هي آهي ته دنيا جي 500 ڪان به گهٽ امير ترين ماڻهن وٽ (جن کي هڪ هوائي جهاز ۾ گڏ ويهاري سگهجي ٿو) بقايا ساڍا 6 ارب انساني آبادي کان وڌيڪ دولت آهي، هي آهي حقيقت ان نام نهاد آزاد معيشت (neoliberal economy) جي، جنهن ۾ سماج جي هڪ سيڪڙي ڪان به گهٽ آبادي 99 سيڪڙو آبادي جي زندگي ۽ موت جو فيصلو ڪري ٿي، اڄ امير ۽ غريب عوام منجهه فرق جي حساب سان آمريڪا، دنيا جو پهريون نمبر ملڪ آهي، جتي جو پورهيت عوام ڳرن ٽيڪس جي صورت ۾ ۽ ماضيءَ جي سمورين رعايتن، حقن ۽ سهولتن جي قيمت تي سرمائيداراڻي بحران جي قيمت ادا ڪري رهيو آهي، جڏهن ته رياست انهيءَ عوام جي پيسي کي واپس بيئنڪن، مالياتي ادارن جي هڪ سيڪڙو سربراهن جي کيسي ۾ وجهي، هن نظام ۽ بحران جي پاڙن کي سگهارو ڪري رهي آهي.

فيڊرل رزرو بيئنڪ جي هڪ سروي جي بنياد تي معاشي ماهر ايڊورڊ وولف ڪجهه انگ اکر اڳيان ڪيا آهن، جن مطابق 1998ع ۾ آمريڪا اندر سماج جي مٿيون هڪ سيڪڙو تهه/طبقو، ملڪ جي سموري مالياتي دولت (اسٽاڪ، بانڊ ۽ بزنس) جي 47 سيڪڙو جو مالڪ هو (جيڪا صورتحال اڄ اجان وڌيڪ خراب ٿي وئي آهي). انهن امير ترين هڪ سيڪڙو ماڻهن جو ملڪ جي نه صرف معشيت پر پوري ريت سياست تي به قبضو آهي، جن ۾ 40 سيڪڙو ڪانگريس جا ميمبر 100 منجهان 54 سينيٽر ۽ ملڪ جا آخري چار صدر ڪرب پتي آهن، انهيءَ سان گڏ ڪجهه گهڻ قومي ڪمپنين جا مالڪ آهن، جيڪي گڏجي ان هڪ سيڪڙو جي جوڙجڪ ڪن ٿا، جيڪي وائيٽ هائوس ۽ وال اسٽريٽ جا ان داتا آهن، هي آهي اهو هڪ سيڪڙو حڪمران طبقو جنهن پوئين بحران ۾ 40 لک آمريڪي ماڻهن کي پيداواري عمل مان ٻاهر ڪڍي ڪين بيروزگار ڪري بي گهر ڪيو، جنهن عوام جي پيسن مان، موتمار بم ٺاهي، دنيا جي ٻين سامراج مخالف تحريڪن ۽ آزاد رياستن مٿان ڦٽا ڪيا (ياد رهي ته پوري دنيا ٻاران دفاع تي ٿيندڙ خرچ جو 48 سيڪڙو صرف هڪ ملڪ يعني آمريڪا ساليانو 800 بلين ڊالر خرچ ڪندو آهي).

هي آهي اهو هڪ سيڪڙو جنهن مالياتي بگاڙ پيدا ڪري سموري (انسانذات جي مستقبل تي سواليه نشان هڻي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ جي خلاف هاڻ آمريڪا ۾ ۽ پوري دنيا ۾ 99 سيڪڙو عوام (يان ان جي نمائندا سياسي قوتون) ٻاهر روڊ تي نڪتل آهن، هن سموري صورتحال ۽ بحران خلاف اولهه اندر سڀ کان پهرين مزاحمت اولهه جي سرمائيدار رياست جي ڪمزور ڪڙين، يونان ۽ اسپين ۾ ظاهر ٿي.

جنهن ۾ 5 مئي تي ميڊرڊ (puerta del sol) ۾ لکين ماڻهن جو مظاهرو اهم هيو، جڏهن ته موجوده عالمي تحريڪ پنهنجو گهڻو اتساهه وچ اوڀر جي انهن جمهوري تحريڪن منجهان به حاصل ڪيو آهي، جن کي عالمي سامراج، سعودي فاشي رياست جي مدد سان شام ۾ شورش پيدا ڪري ۽ لبيا تي حملو ڪري ختم ڪيو هو، جنگ هن سامراج جو جيئدان آهي، سرمائيداري نظام جڏهن بحران جي ورچڙهندو آهي، تڏهن جنگ ئي ڪارٽيزون (زندگي بچائڻ واري دوا) جيان ڪيس عارضي طور بچائي سندس بقايا عمر کي ننڍو ڪندي آهي، يورپ ۽ آمريڪي عوام جي مزاحمتي تجربي ۾ اينٽي گلوبلائيزيشن تحريڪ ۽ عراق جنگ خلاف ڪروڙين ماڻهن جي مظاهرن جي ياد به اڃا تازي هئي، جن به هاٺوڪي تحريڪن ۾ پنهنجو پاڻ کي اظهاريو آهي، اڃا به پوئتي وڃبو ته اهو آمريڪا جي پٺ (backyard) ۾ موجود لاطيني آمريڪا آهي، جنهن جي پوئين دور ۾ سامراج مخالف، جمهوري حاصلاتون نه صرف آمريڪا لاءِ پر پوري دنيا لاءِ اتساهيندڙ رهيون آهن.

Ows تحريڪ جو جائزو ۽ سندس مستقبل

هن تحريڪ جي شروعات نه واضح پليٽ فارم کان ٿي ۽ نه وري واضح پروگرام سان. صرف هڪ شئي واضح هئي ۽ اها هئي موجوده نظام کان بيزاري. بعد جي

عرصي ۾ به تحريڪ جي سرواڻن، ڪنهن مخصوص پليٽ فارم ۽ ڪجهه خاص مطالبن کي اڳيان ڪرڻ کان پاسو پئي ڪيو ته جيئن سماج جا مختلف طبقا ۽ پرت پنهنجن پنهنجن مطالبن کي آزادي سان اظهاري سگهن، بس هڪ محرومي (frustration) ۽ انتشار جو ماحول هو. پر نظم وضبط (order) به انتشار (chaos) منجهان ڦٽي نڪرندو آهي ۽ اهو نظم و ضبط آهستي آهستي پيدا ٿيندو ويو، جڏهن تحريڪ ۾ موجود تنقيدي سياسي شعور اڳيان اچي رهنمائي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پوري دنيا اندر يڪجهتي مظاهرن ۽ تحريڪن جي لهر اٿي، مختلف شهرن ۽ ملڪن ۾ ڪاٻي ڌر جي تنظيمن سميت ترقي پسند، سامراج مخالف وڏا نالا جهڙوڪ نوم چونسڪي، وڪي ليڪس جو سربراهه ۽ ضمانت تي آزاد ٿيل جولين آسانج، جڳ مشهور آسٽريلوي صحافي جان پلجر، مائيڪل مور ۽ سلاوو جيجڪ جهڙا ماڻهو ۽ ڪاٻي ڌر جون تنظيمون تحريڪ ۾ سرگرم ٿي، عوام جي رهنمائي ڪرڻ لڳيون، اهڙين حالتن جو جائزو وٺندي ڪيوبا نيوز چيو ته ”سٽي گروپ، بينڪ آف آمريڪا، گولڊ مين سيچز ۽ تيل ڪمپنيون هڪ پاسي آهن، جڏهن ته ٻئي پاسي اهو سوا 6 ڪروڙ آمريڪي عوام آهي، جن جو هڪ ڊالر به انهن بيئنڪ ۽ ادارن ۾ لڳل ڪونهي، ڪيوبا نيوز وڌيڪ چيو ته تحريڪ جي پاڙن کي طاقت ڏيڻ جي ضرورت آهي ته جيئن انهي منجهان گونچ ڦٽي سگهن، ته جيئن خودرو انشاري تحريڪ کان منظم قوت ۾ بدلجي سگهجي، اهڙي ريت وال اسٽريٽ تي قبضي واري تحريڪ ۾ نظرياتي طور تي لوڪل ۽ عالمگير سڌار پسند، انارڪسٽ کان وٺي ڪري ليننسٽ رجحانن تائين سڀ رنگ موجود آهن، هونئن به ٽين دنيا جي رياستن جي پيٽ ۾ اولهه جون رياستون تمام گهڻو جمهوري رهيون آهن ۽ سماجي تحريڪن جي دٻاءَ ۾ اچي ڪنهن نه ڪنهن مقداري صورت ۾ تبديل ٿينديون رهيون آهن، اهو ئي سبب آهي جو اتي تاريخي طور تي سماجي تبديليءَ جي حوالي سان پارٽين کان وڌيڪ سماجي تحريڪ تي زور ڏنو ويو آهي ۽ ساڳي وقت گذريل ڪافي ڏهاڪن کان رياستن پاران پارٽي آمريت ۽ ڪميونسٽ مخالف پروپيگنڊا جا به اجا اثر موجود آهن، پر جيئن ته 2009ع واري بحران کان پوءِ آمريڪا ۽ يورپ جون رياستون، بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ اجرتن، پينشن ۽ بيروزگاري الائونس جهڙن ٻين رعايتن ۾ ڪٽوتي جهڙي غير جهموري قدم کڻڻ تي مجبور ٿي ويون ته پوءِ عوام به پرامن تحريڪن کي درگذر ڪرڻ لڳو ۽ هڪ پاسي پرامن تحريڪون، پرتشدد ٿيڻ لڳيون (جيئن اسان تازو يونان، لنڊن، روم ۾ ڏٺوسين) ته ٻي پاسي وري پارٽي يا سماجي تحريڪ وارو بحث وري خود ڪاٻي ڌر اندر اسري آيو آهي، جيستائين خود ows تحريڪ جي حاصلاتن جو سوال آهي ته اهي پهرين ڏاڪي ۾ سياسي دائري کان وڌيڪ نظرياتي دائريءِ گهٽيون آهن. ترميم پسندن هٿان اشتراڪي روس جي خاتمي کان پوءِ نظرياتي طور تي لبرلزم ۽ سوشل ڊيموڪريسي کي جيڪو عارضي طور اپار نصيب ٿيو هو، سرمائيدار مخالف هاڻوڪي تحريڪ ۾ اشتراڪي خيال ۽ نظريو وري انهن لاءِ موتمار ثابت ٿيو آهي. هوئين به اهي عوامي تحريڪون آهن، جيڪي سماج ۾ طبقاتي تنقيدي شعور جي آبياري ڪنديون آهن، يعني جيڪو ڪم سوين پمفليٽ ۽ سيمينار نه ڪري سگهندا آهن، اهو هڪ تحريڪ ڪري ويندي آهي. چاڪاڻ ته تحريڪن ۾ (قطعي نظر انهي جي ڪاميابي يا ناڪامي جي) شامل عوام کي رياست ۽ نظام جي غير جمهوري بيهڪ جو ادراڪ حاصل ٿيندو آهي.

موجوده تحريڪ جو ٻيو اهم پاسو انهيءَ جو عالمگير هجڻ آهي، انهيءَ تحريڪ جي مطالبن ۽ مقصدن جي، رياست مخالف انقلابيت سان گڏ عالمگيريت ئي اهو پيمانو آهي، جنهن سان سرمائيدار مخالف تحريڪ جي حدن جو تعين ٿي سگهي ٿو، لنڊن ۾ ئي تاريخ جو هڪ شاگرد مٿيو ڪرل (matthijs krul) او ڊبليو ايس تحريڪ بابت ڪجهه هينئن لکي ٿو ته ”خود اها تحريڪ پنهنجا ديرپا ۽ عالمگير اثر تڏهن ڇڏيندي، جڏهن اها صرف پنهنجي پنهنجي

ملڪن جي بجيٽ ۾ ڪجهه سڌارن سان گڏ عالمي مالياتي سرمائي جي حڪمراني تي سوال ڪٿندي. تحريڪ جو حقيقي بنيادن تي عالمي بڻجڻ، عالمي ۽ ڪلي مطالبن، جيڪي هن معاشي نظام جو احاطو ڪن، کان سواءِ ممڪن ڪونهي، بئنڪن جي سامهون خيما کوڙڻ جي فائدي جي هڪ حد آهي.


چاڪاڻ جو موصوف وڏيڪ لکي ٿو ته پهرين دنيا (first world) جو اهو مزاج آهي ته انهي جي پورهيي جي نوابيت (aristocracy of labor) سرمائي جي حڪمراني خلاف بغاوت جا گهٽ امڪان رکندي آهي، پر هي اهو وقت آهي، جو جيڪڏهن هو ائين، جڏهن به ڪري ويا ته انهيءَ جا تمام گهرا ۽ اڻٽر اثر به لازمي پوندا.

اهڙي ريت هي اها حد يا تنقيد آهي جيڪا اولهه جي تحريڪ تي ڪري سگهجي ٿي، اها حقيقت آهي ته ڪو به انقلاب سماجي (عوامي) تحريڪ کان بغير ممڪن ڪونهي، پر ساڳي وقت اها به حقيقت آهي ته سرمائيداري نظام جي نفي صرف خودرو تحريڪن ذريعي نه ٿي ڪري سگهجي، سوشلسٽ انقلاب هڪ شعوري انقلاب هوندو آهي، جيڪو هڪ منظم باشعور پارٽي کانسواءِ ممڪن ڪونهي. (اهو ئي لينن ازم آهي، جنهن کي 20 هين صديءَ جي سمورن انقلابن ثابت ڪيو آهي) اهڙي ريت سماجي تبديلي جو عمل سماجي تحريڪن ۽ پارٽي جي جدلي هيڪڙائي جي تقاضا ڪري ٿو، جنهن ۾ هي متضاد هڪبئي کي طاقت ڏيندا رهن ٿا ۽ هڪبئي جي حدن کي طئي ڪن ٿا، اولهه جي هاٺوڪي مزاحمت جيڪڏهن عوام جي وڏيل سامراج مخالف طبقاتي شعور کي استعمال ڪندي پنهنجي تنظيمي/ پارٽي جوڙجڪ ۽ مضبوطي ڏانهن نه وڌي وئي ته اها سڌار پسند ئي رهڻ تي مجبور هوندي ۽ جنهن خودرو انداز ۾ پيدا ٿي آهي، انهي خودرو انداز ۾ ختم ٿيندي. (جنهن جا امڪان گهٽ آهن) بهرحال آخر ۾ ايترو ئي چئبو ته دنيا ۾ سماجي تحريڪن جي اڀرڻ ۽ سرڻ جو مقداري عمل تيزي سان ۽ ماضي جي پيٽ ۾ ٿوري ٿوري وقفي سان جاري رهندو (جيئن 2011 جو سال شروعات کان سمجهائي رهيو آهي ۽ جنهنجا معياري اثر، هن عالمي نظام تي پوٽا آهن) چاڪاڻ ته سرمائيداراڻي نظام ۽ پيداواري جي چڙواڳي سبب پيدا ٿيل بحران جو تدارڪ صرف منصوبابند معيشت ذريعي ممڪن آهي، هاڻوڪيون اولهه جون تحريڪون، پوري دنيا جي ترقي پسند تحريڪن ۽ پوئين پن ٽن ڏهاڪن ۾ اسري آيل نئين نسل لاءِ اتساهيندڙ آهن ۽ هي هڪ نئين دور جي شروعات آهي، جيئن او ڊبليو ايس تحريڪ جي نوجوانن کي خطاب ڪندي جڳ مشهور فلسفي سلاوو جيجڪ هيئيان شاندار لفظ چيا ته ”جيڪو سنو وقت اڄ اسين هتي گذاري رهيا آهيون، انهي جي چاهه ۾ ڦاسي نه پئو! رونشي مان مزو آساني سان حاصل ٿي ويندو آهي، پر رونشي جو اصل مزو اهو آهي، جيڪو ٻي ڏينهن تي حاصل ٿئي، يعني اسانجي تبديل ٿيل عام زندگي مان. سخت ۽ صبر طلب ڪم سان محبت رکو...... اسين پچاڙي نه پر شروعات آهيون“.

نظرياتي ادب

مارڪسزم ۽ لبرلزم جو تقابلي جائزو

سنڌيڪار: پرويز سولنگي





ايچ، جي، ويلس (1946- 1866ع) 20 صدي جو مشهور ليکڪ آهي. هي پنهنجي دور جو هڪ قدآور شخص آهي جنهن ادب، سائنس ۽ تاريخ تي لکيو. هن تاريخ تي ڪم ڪيو ۽ ان کان علاوه سائنس فڪشن به لکيو. H.G.Wells سوويت يونين جي اڳواڻ اسٽالن کان انٽرويو ڪيو هو. جيڪو اسان سماج واد جي پڙهندڙ لاءِ پيش ڪيون ٿا. هن دلچسپ انٽرويو پڙهڻ ڪانپوءِ توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته ويلس جهڙا يورپي لبرل ڏاها به ڪميونزم جي اصولن کان ايترائي اڻ واقف آهن جيترا هتان جا نام نهاد لبرل دانشور؟
(مترجم)

ويلس: محترم اسٽالن، سڀ کان پهرين ته مان توهان جو شڪرگذار آهيان جو توهان منهنجي لاءِ وقت ڪڍيو. ويجهڙائي ۾ مون آمريڪا جو دورو ڪيو ۽ اتان جي صدر روز ويلٽ سان ڪوڙ سارن معاملن تي ڪافي دير تائين گفتگو ڪئي ۽ مون صدر جي اهم خيالن جو سٺو ادراڪ حاصل ڪيوآهي ۽ هاڻي توهان وٽ حاضر ٿيو آهيان ته جيئن اهو معلوم ڪري سگهان ته توهان دنيا کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيو؟

اسٽالن: ڪجهه گهڻو نه......

ويلس: مان هڪ عام فرد جيان دنيا جو سفر ڪندو آهيان ۽ هڪ عام فرد جيان ئي جاچيندو آهيان ته منهنجي چوڌاري ڇا ٿي رهيو آهي؟

اسٽالن: ماڻهن ۾ ڄاتل سڃاتل توهان جهڙا انسان عام فرد ناهن هوندا. يقيناً تاريخ اسان کي وڏيڪ ثابتي سان ٻڌائيندي آهي ته ڪهڙي مشهور شخصيت پنهنجي دور ۾ ڪيتري اهم رهي پر پوءِ به توهان کي گهٽ ۾ گهٽ عام فرد جيان دنيا کي ڏسڻ نه گهرجي.

ويلس: مان سادي هجڻ جو بهانو نه ڪري رهيو آهيان. منهنجي ائين چوڻ جو مطلب آهي ته مان دنيا کي عام ماڻهن جي نظرن سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. نه ڪي ڪنهن سياسي پارٽي جي رهنما يا ذميوار منتظم طور تي. آمريڪا جي دوري مون کي پرجوش بڻائي ڇڏيوآهي ڇاڪاڻ ته پراڻي سرمائيدار دنيا مان ڍهندي ڏسي رهيو آهيان. ملڪ جي معاشي زندگيءَ کي هڪ نئي سوچ تحت ٻيهر تعمير ڪيو پيو وڃي. لينن چوندو هو ”جيڪڏهن اسان کي واپار ڪرڻ سکڻو آهي ته اهو سرمائيدارن کان سکڻ گهرجي.“ پر اڄ حقيقت هي آهي ته سوشلزم جي روح کي سمجهڻ لاءِ سرمائيدارن کي توهان مان گهڻو ڪجهه سکڻو آهي. مون کي ائين لڳي ٿو ته جيڪو ڪجهه هن مهل آمريڪا ۾ ٿي رهيو آهي اهي به سوشلسٽ ايڪانامي کي ئي نئي سري سان جوڙي رهيا آهن. توهان ۽ روزويلٽ شروعات ٻن الڳ نقطن کان ڪيو ٿا. پر ڇا توهان کي نه ٿو لڳي ته ماسڪو ۽ واشنگٽن وٽ جيڪي خيال آهن انهن ۾ هڪ جهڙائي ضرور آهي؟ ڇاڪاڻ جيڪو ڪجهه مان آمريڪا ۾ ٿيندي ڏٺو اهو ڪجهه هتي به ڏسي رهيو آهيان. اهي به توهان وانگر آفيسون ٺاهي رهيا آهن. نيون رياستي باڊيون ٺاهي رهيا آهن. اهي سول سروس کي وڌائي رهيا آهن. نتيجتاً انهن جون ۽ توهان جون ضرورتون

ساڳيون ئي آهن.

اسٽالن: آمريڪا جنهن مقصد جي پورائي لاءِ ائين ڪري رهيو آهي. اهو مقصد USSR جو نه آهي. اسان جو مقصد ٻيو آهي.

آمريڪا جنهن مقصد جي حاصلات چاهي ٿو اهو مقصد معاشي مسئلن ۽ بحرانن مان پيدا ٿيل آهي. آمريڪا انهن بحرانن مان پنهنجي معاشي بنيادن ۾ تبديلي ڪرڻ بغير نڪرڻ چاهي ٿو. اهي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته انهن جي موجوده معاشي نظام سبب ايندڙ نقصانن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري پيش ڪري سگهجي.

بهرحال، اسان وٽ توهان چاٿو ٿا ته پراڻي نظام جي جاءِتي نئون نظام قائم ڪيو ويو آهي. پلي آمريڪا وارا جن جو ذڪر توهان ڪيو پنهنجي اڏ مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب به ٿي وڃن يعني انهن جو نقصان گهٽ کان گهٽ ٿئي پر اهي ڪڏهن به ان ڇڙواڳي (Anarchy) جون پاڙون ڪٽي ڪونه سگهندا جيڪا سرمائيداري نظام ۾ موجود رهندي آهي. اهي ان معاشي نظام کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪو اڻ ٽر بنيادن تي انهن کي صرف ۽ صرف پيداوار جي تباهه ڪاري ڏانهن وٺي ويندو. نتيجي طور وڌ کان وڌ انهن جي ڪوشش ڪو معاشري جي نئين سري سان تعمير يا پراڻي سماجي نظام (جيڪو بحرانن ۽ وڳوڙ کي جنم ڏئي ٿو) کي ختم نه ڪندي، بس ايترو ٿيندو جو انهن بحرانن جي شدت يا اضافي کي محدود ڪري سگهبو شايد آمريڪا وارا پنهنجو پاڻ اهو سمجهن ٿا ته اهي معاشري جي نئي جوڙجڪ ڪري رهيا آهن پر حقيقت هي آهي ته اهي معاشري جي پراڻن بنيادن جي حفاظت ڪري رهيا آهن. ان جي ڪري ئي ان معاشري جي نئي جوڙجڪ ٿي ئي نه ٿي سگهي. نه ئي اتي ڪا منصوبابند معاشيات (Planned Economy) اچي سگهندي. منصوبابند معاشيات آخر آهي ڇا؟ ان جون ڪهڙيون خاصيتون آهن؟ منصوبابند معاشيات بيروزگاري کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ٺيڪ آهي فرض ڪيون ٿا ته سرمائيداري نظام جو بچاءُ ڪندي به بيروزگاري کي گهٽي حد تائين گهٽ ڪري سگهجي ٿو. پر حقيقت هي آهي ته ڪوبه سرمائيدار ڪڏهن به هن ڳالهه تي راضي نه ٿيندو ته بيروزگاري جو مڪمل خاتمو ڪيو وڃي. اهي بيروزگاري کي بچائي رکندا آهن ته جيئن مزدورن تي دٻاءُ قائم رهي. ان مقصد تحت انهن کي سستي ۾ سستو مزدور ملي ويندو آهي. هتي توهان کي بورجوا جي رٿيل معاشيات ۾ سوراخ نظر ايندا. ان کان علاوه منصوبابند معاشيات شروع کان ئي ڪارخانن جي وڌندڙ مجموعي پيداوار لاءِ ڀرين کان اهو فرض ڪري ويهندي آهي ته اهڙيون شيون ٺاهجن جن جي خاص طور تي ماڻهن کي وڏيڪ ضرورت آهي. پر توهان چاٿو ٿا ته سرمائيداري نظام ۾ شين کي ڦهلائڻ جا اراده يا خيال بلڪل مختلف بنيادن تي ٻڌل هوندا آهن. اهي پنهنجين شين جو وهڪرو ان طرف ڪندا آهن جنهن طرف کان منافعي جو وهڪرو وڌيڪ ايندو هجي. توهان ڪڏهن به ڪنهن سرمائيدار کي ان ڳالهه تي راضي نه ٿا ڪري سگهو ته هو پنهنجو پاڻ کي نقصان ڏئي منافعي جي قيمت گهٽ ڪن ته جيئن عام ماڻهن جي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهجي. پيداوار جي ذريعن مان ذاتي ملڪيت جي قانون ختم ڪرڻ ۽ سرمائيدارن مان جان ڇڏائڻ بغير منصوبابند معاشيات ناهڻ ناممڪن آهي.

ويلس: توهان جيڪو ڪجهه چيو مان ان مان گهڻين ڳالهين تي اتفاق ڪيان ٿو. پر مان هن ڳالهه تي زور ڏيندس ته جيڪڏهن ڪو ملڪ منصوبابند معاشيات جو

اصول لاڳو ڪري يا ڪا حڪومت آهستي آهستي قدم به قدم هن اصول کي مستقل طور ئي لاڳو ڪرڻ لڳندي ته ناٽي تي قابض ٿيل سرمائيدارن جو مخصوص ٽولو ختم ٿي ويندو ۽ اينگلو سيڪسن (Anglo Saxon) ٻولي وارو سوشلزم اچي ويندو.

روز ويلٽ جي (New Deal) جي تصورن جو اثر ڏاڍو پراثر ۽ طاقتور آهي ۽ منهنجي خيال ۾ اهي سوشلزم جا ئي تصور آهن. مون کي لڳي ٿو ته موجوده حالتن ۾ ٻن دنيائن (ڪميونزم ۽ سرمائيدار) جي وچ ۾ نفرت وڌائڻ جي بجاءِ پيداواري قوتن جي لاءِ هڪ جهڙي زبان اختيار ڪرڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ گهرجي.

اسٽالن: منصوبابند معاشيات جنهن کي مان سرمائيداري نظام جي موجود هوندي هڪ ناممڪن اصول سمجهان ٿو ان تي ڳالهائيندي مان روز ويلٽ جي ذاتي قابليتن مطلب هن جي ڪنيل قدمن، هن جي همت ۽ مضبوط ارادن کي ننڍو ڪري پيش ڪرڻ جي خواهش نه ٿو رکان. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته روز ويلٽ سرمائيداري دنيا جي سيني اڳواڻن مان وڏيڪ قابل اڳواڻ طور نمايان آهي. اهو ئي سبب آهي جو مان هڪ دفعو وري دهرايان ٿو ته سرمائيداري نظام هوندي منصوبا بند معاشيات جو اصول هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي ۽ ان سان گڏ اهو ته ائين چوڻ سان منهنجو مطلب هرگز اهو نه آهي ته روز ويلٽ جي ذاتي خوبين، ان جي ذهانت يا همت تي مون کي ڪو شڪ شبهو آهي. پر ڏسو جڏهن حالتون پنهنجي هٿ وس نه هونديون آهن ته بهتر کان بهتر اڳواڻ پنهنجي اهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ويندا آهن جن جو توهان ذڪر ڪيو آهي. صرف ڳالهين جي حد تائين اهو صحيح آهي ته آهستي آهستي ۽ قدم به قدم اينگلو سيڪسن ٻولي وارو سوشلزم توهان جي لاءِ اڻ ٿيڻي ڳالهه نه آهي پر اهو ڪهڙو سوشلزم هوندو؟ مان ٿو ٻڌايان ته اهڙو سوشلزم ڪنهن هنڌ تائين هڪ لغام هوندو اهڙن بي لغام نمائندن لاءِ جيڪي صرف ۽ صرف سرمائيداري جو فائدو ڏسندا. سو ايترو ٿي سگهي ٿو ته قومي مالياتي اداري ۾ ڪجهه وڌيڪ اضافو ممڪن ٿي سگهي ٿو. اهو سڀ ٺيڪ آهي پر جيئن ئي روز ويلٽ يا بورجوا دنيا جو ڪو ٻيو اڳواڻ سنجيده ٿي سرمائيداري نظام جي بنيادن کي لوڏڻ جي ڪوشش ڪندو ته هن کي نه ٽاري سگهجندڙ شڪست کي منهن ڏيڻو پوندو. ان جي وجه هي آهي ته بينڪون، فيڪٽريون، ڪمپنيون ۽ ٻيا وڏا فارم روز ويلٽ جي هٿ وس نه بلڪه سرمائيدارن جون ذاتي ملڪيتون آهن ۽ اهي انهن جي هٿ ۾ آهن. آخر ۾ ٻچا مهارت رکندڙ پورهيت، انجنيئر ۽ ٽيڪنيشن اهي به روز ويلٽ جي هٿ ۾ نه آهن. اهي ويچارا ته پنهنجي مالڪن جا غلام آهن ۽ اهي انهن جي لاءِ ئي ڪم ڪندا آهن. ٻيو ته اسان کي اهو وسارڻ نه گهرجي ته بورجوا رياست جو ڪم ڇا هوندو آهي. هن رياست جو ڪم هوندو آهي؛ ملڪ جو دفاع مضبوط ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ ٻيو رياست هڪ اهڙو اوزار ٽيندو آهي. جنهن جي مدد سان ٽيڪس گڏ ڪبو آهي. مطلب چوڻ جو هي آهي ته سرمائيداري رياست معاشيات کي ٺيڪ طرح حل نه ٿي ڪري ۽ ٻيو ته معاشيات خود رياست جي هٿ ۾ ناهي هوندي. ان جي ابتڙ رياست سرمائيدارن جي هٿن ۾ هوندي آهي. تنهنڪري ئي مون کي اهو خوف آهي ته روز ويلٽ پنهنجي خداداد صلاحيتن باوجود اهو مقصد حاصل ڪري ڪونه سگهندو. جنهن جو توهان ذڪر ڪيو آهي. جيڪڏهن واقعي هن جو مقصد اهو ئي آهي! شايد ائين ٿئي ته ڪجهه نسلن بعد هن مقصد تي رسائي حاصل ٿئي پر

منهنجي ذاتي راءِ اها آهي ته اهو ممڪنات ۾ نه ٿو اچي سگهي.

ويلس: شايد، مان توهان کان وڌيڪ سياست جي معاشي تشريحن تي يقين رکان ٿو. اتي ڪوڙ ساريون قوتون بهتر اڏاوت لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. بهتر ڪميونٽيون جوڙي رهيون آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه سوشلزم لاءِ ئي ٿي رهيو آهي جنهن کي جديد سائنس جي ايجادن ممڪن بڻايو آهي. آرگنائيزيشن ۽ فرد جا عمل سماجي نظريي جي مدد بغير به هڪ ضرورت بڻجي پيا آهن. جيڪڏهن اسان رياستي ڪنٽرول بينڪن کان شروع ڪيون ۽ ان کان پوءِ ٽرانسپورٽ کي رياست جي ضابطي هيٺ ڏجي، ان کانپوءِ ڪارخانن کي ۽ پوءِ واپار کي، اهڙي طرح آهستي آهستي سڀ ادارا رياست جي ضابطي هيٺ اچي ويندا ۽ قومي معاشيات جي تشڪيل ٿي ويندي ۽ سوشلزم جو عمل شروع ٿي ويندو. سوشلزم ۽ انفراديت اڇي ۽ ڪاري رنگ وانگر به الڳ رنگ نه آهن، انهن ٻنهي جي وچ ۾ مختلف ڏاڪا آهن. انفراديت لٽ مار کي روڪڻ لاءِ ديوار جو ڪم ڪندي ۽ نظم و ضبط ۽ آرگنائيزيشن سوشلزم جي برابر هجڻ جو ڪم ڏيندا.

منصوبا بند معاشيات کي لاڳو ڪرڻ گهٽي حد تائين معاشيات سنڀاليندڙن جن کي ٽيڪنيڪي مهارت رکندڙ چئي سگهجي ٿو جيڪي آهستي آهستي اڏاوت کي سوشلسٽ بنيادن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا ۽ اها سڀ کان وڌيڪ اهم شيءِ آهي. چاڪاڻ ته سوشلزم کان پهرين رٿابندي ايندي آهي ۽ اها وڌيڪ اهم حقيقت به آهي. رٿابنديءَ بغير سوشلسٽ خيال بس خيال ئي هوندو آهي.

اسٽالن: انفراديت ۽ اجتماعيت ۾ ڪو فرق نه آهي نه ئي ڪنهن کي انهن ٻنهي ۾ فرق ڪرڻ کپي. اهڙي طرح فردي مفادن ۽ اجتماعي مفادن ۾ به فرق نه ڪرڻ کپي. جيڪي اهڙي ڳالهه کان صاف انڪار ڪن ٿا اهي انفرادي ۽ اجتماعي فائدي کي ڳنڍن ٿا. سوشلزم فردي مفادن کي مبهم انداز ۾ نه ڏسندو آهي بلڪ اهو سوشلزم ئي آهي جيڪو ذاتي مفادن جو بهتر نموني پورائو ڪندو آهي. ان کان وڌيڪ هي ته سوشلسٽ سماج ئي اڪيلي سر فردي مفادن جو بچاءُ ڪري ٿو. هن حساب سان انفراديت ۽ سوشلزم ۾ ڪوبه فرق نه آهي. پر ڇا اسان طبقن ۾ موجود فرق کان انڪار ڪري سگهون ٿا؟ هڪ طبقو اهو آهي جنهن وٽ ڪابه ملڪيت نه آهي. هڪ سرمائيدار طبقو آهي ۽ ٻيو پورهيت طبقو آهي. هڪ پاسي اسان وٽ اهو طبقو آهي جنهن وٽ پنهنجون بئنڪون، ملون، ڪاٽيون، فيڪٽريون ۽ پنهنجا پيلا آهن. هي ماڻهو پنهنجي وڌندڙ منافعي کان سواءِ ٻيوڪجهه به ناهن ڏسندا. هي ماڻهو اجتماعيت لاءِ پنهنجو ڌن قربان ڪري ڪونه سگهندا. هي ته چاهيندا آهن ته اجتماعيت هنن لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري ۽ هنن جي مرضي جي تابع زندگي گذاري.

ٻئي پاسي پورهيت طبقو آهي هي هڪُ ڦرجندڙ طبقو آهي. هنن وٽ پنهنجي نه ڪا فيڪٽري آهي ۽ نه ئي ڪا بئنڪ. هي اهي مجبور آهن جيڪي پنهنجو پورهيو سرمائيدارن کي وڪڻن ٿا ۽ ان جي بدلي سرمائيدار انهن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ کان قاصر آهن ۽ هو انهن جي بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ جو سوچيندا به نه آهن. هنن ٻنهي طبقن ۾ اڇي ۽ ڪاري رنگ وانگر فرق آهي.

اهڙا متضاد پاسا هڪ ٻئي سان ڪيئن ڳنڍبا؟ جيستائين مان سمجهان ٿو ته روز ويلٽ هن مهل تائين هنن ٻن متضاد طبقن جي مفادن ۾ پائيچارو قائم ڪري نه سگهيو آهي ۽ تجربو ڏسي ٿو ته ائين

ڪرڻ ناممڪن آهي. اتفاق سان توهان آمريڪا جي صورتحال مون کان وڌيڪ ڄاڻندا هوندؤ ڇاڪاڻ ته مان ڪڏهن آمريڪا وڃي ڪونه سگهيو آهيان. مون کي اخبارن ذريعي آمريڪا جي ٿوري گهڻي خبر پوندي آهي. پر ان کان علاوه مون وٽ پنهنجو تجربو آهي جيڪو مون سوشلزم کي آڻڻ واري جنگ مان سکيو آهي. منهنجو تجربو مون کي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن روز ويلٽ سرمائيدار طبقي جي مفادن جي قيمت تي پورهيت طبقي جي مفادن جو پورائو ڪرڻ لاءِ حقيقي جدوجهد ڪندو ته سرمائيدار هن کي هٽائي هن جي جڳهه تي ٻيو صدر اچي ويهاريندا. سرمائيدار صرف ايترو چوندا ته صدر اچڻ وڃڻ واري شيءِ آهي پر اسان کي هميشه اڳتي اچڻو آهي ۽ ان ۾ دير ٿيڻ نه گهرجي. جيڪڏهن ڦلاڻو ڦلاڻو صدر اسان جي مفادن تي لت ڏيندو ته اسان ان کي لت هڻي ان جي جاءِ تي ٻئي صدر کي ويهارينداسين. هاڻي توهان پاڻ اندازو لڳايو ته ڇا ڪوئي صدر سرمائيدارن جي مرضيءَ خلاف وڃي سگهي ٿو.

ويلس: مان انسان ذات جي امير ۽ غريب واري ساري ورڇ تي اعتراض واريان ٿو. ٺيڪ آهي هت ڪجهه اهڙا ماڻهو ضرور آهن جيڪي صرف پنهنجي مفادن لاءِ جدوجهد ڪن ٿا. پر ڇااين نه آهي ته اهڙن ماڻهن کي اولهه ۾ ايتري بري نظر سان ڏٺو وڃي ٿو جيترو هت توهان ڏسو ٿا. ڇا اهڙا ڪوڙ سارا ماڻهو اولهه ۾ نه اهي ماڻهو آهن جن لاءِ پنهنجا مفاد سڀ ڪجهه نه آهن. اهي سيڙپڪاري ڪن ٿا ۽ ان سيڙپڪاري مان فائدو به وٺن ٿا پر اهي ان کي پنهنجو اصل مقصد نٿا سمجهن. اهي سيڙپڪاريءَ کي هڪ قابل تڪليف ضرورت سمجهن ٿا ڇا اتي ڪيترائي اهڙا قابل ۽ سچا انجنيئر ۽ ڪارخانن جا مالڪ نه آهن جيڪي اڻ ٿڪ محنت ڪن ٿا ۽ انهن جي اها محنت ذاتي مفادن کان ڪافي متاثهين آهي؟ منهنجي خيال ۾ ڪوڙ سارا اهڙا قابل ماڻهو آهن جيڪي موجوده نظام مان مطمئن نه آهن. هي ئي اهي فرد آهن جن جي مقدر ۾ آهي ته اهي مستقبل ۾ سوشلسٽ سماج لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن. گذريل ڪجهه سالن دوران مان هن ڳالهه ۾ ڪافي مصروف رهيم ته سوشلزم ذريعي دنيا کي هڪ ڳوٺ بڻائڻ لاءِ پرچاري مهم کي انجنيئرن، سائنسدانن ۽ فوجين وغيره ۾ وڌائجي. پر جڏهن توهان ٻن طبقن جي لڙائي جي ڳالهه ڪيو ٿا ته پوءِ مون لاءِ اهڙن ڌرين تائين پهچڻ ئي اجايو بڻجي وڃي ٿو. ماڻهو دنيا جي حالتن کي سمجهن ٿا. اهو سمجهن ٿا ته هي خونخوار مونجهاري ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. پر اهي توهان جي سادي سودي طبقن جي جنگ (Class war) ۾ نفرت کي بيهودگي سمجهن ٿا.

اسٽالن: توهان کي انسانذات جي سادي سودي درجابندي جيڪا امير ۽ غريب طبقي تي مشتمل آهي ان تي اعتراض آهي. يقيناً هن ٻن طبقن جي وچ۾ ٽيون طبقو اچي وڃي ٿو جنهن کي اسين وچولو طبقو چئون ٿا. هن طبقي ۾ ٽيڪنيڪي مهارت رکندڙ به آهن جن جو اوهان ذڪر ڪيو ۽ بنا شڪ انهن ۾ ايماندار ماڻهو هوندا آهن پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته سڀ ماڻهو ايماندار آهن. اتي توهان کي ظالم ۽ بي ايمان ماڻهو به نظر ايندا بلڪه ايئن چئون ته سڀني قسمن جا ماڻهو هوندا آهن. باقي هي هڪ کليل حقيقت آهي ته دنيا امير ۽ غريب ٻن طبقن ۾ ورهايل آهي. هڪ استحصال ڪندڙ آهي ۽ ٻيو آهي ان جي هٿان استحصال ٿيندڙ. توهان بنيادي حقيقتن جا انڪاري سڏبؤ جيڪڏهن ٻن طبقن جي سادي سودي ورهاست توهان کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي يا توهان کي هنن ٻن طبقن ۾ موجود نفرت نظر نه ٿي اچي.

مان انهن ٻن طبقن سان گڏوگڏ ايندڙ ٽين طبقي (وچون طبقو) جو انڪاري نه آهيان جيڪو هنن ٻنهي مان ڪنهن هڪ جو ساٿ ڏئي ٿو ته ڪڏهن بلڪل غير جانبدار رهي ٿو يا اڌ غير جانبدار. پر مان هڪ دفعو وري هن ڳالهه کي دهرائيندم ته پنهنجو پاڻ کي معاشري جي بنيادي ورهاست جي سوال تي ٻن طبقن جي جنگ کان الڳ ڪري بيهارڻ جو مطلب آهي پنهنجو پاڻ کي حقيقتن کان الڳ ڪري بيهارڻ. اها طبقاتي جنگ جاري آهي ۽ جاري رهندي ۽ ان جو نتيجو ڏيندڙ پورهيت طبقو يا محنت ڪش عوام هوندو.

ويلس: پر ڇا اهڙا ڪي به ماڻهو نه آهن جيڪي غريب ته نه آهن مگر اهي هر وقت لاءِ ڏيندڙ ڪم ڪندا رهن ٿا؟

اسٽالن: جي ها. بلڪل اهڙا ننڍڙا ذميدار ننڍا واپاري يا آرٽسٽ قسم جا فرد موجود آهن جيڪي بلڪل محنت ڪندا رهن ٿا. پر هي اهي ماڻهو نه آهن جيڪي ملڪ جي قسمت جو فيصلو ڪن ٿا. هي اهي جاڪوڙيندڙ انسان آهن جيڪي اهڙيون شيون پيدا ڪن ٿا جن جي معاشري کي ضرورت هوندي آهي.

ويلس: پوءِ سرمائيدارن جا به ته مختلف قسم هوندا آهن. ڪجهه سرمائيدار صرف منافعي جو سوچن ٿا ۽ امير کان امير تر ٿيڻ جا خواهشمند آهن. پر ڪجهه اهڙا به سرمائيدار آهن جيڪي قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار هوندا آهن. توهان کي "Morgan" جو مثال ڏيڻ چاهيندم. هن همراهه صرف منافعي ۽ دولت گڏ ڪرڻ جو سوچيو تنهن ڪري هن کي پيراسائيٽ (مفت خور) سڏيو ويو. پر ساڳي جاءِ تي (Rockefeller) جو مثال وٺو. هي بهترين آرگنائيزر هو. هن تيل کي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي ڪيئن پهچائڻ جو اهڙو طريقو ٻڌايو جنهن جو مثال نه ٿو ملي. هي شخص پنهنجي ان عمل جي ڪري قابل تعريف آهي. هاڻي توهان "Ford" جو مثال وٺو. هي شخص ڏاڍو خود غرض آهي. توهان کي هن وٽان سکڻ لاءِ ڪجهه به نه ملندو. ڇاڪاڻ ته هن ڪو اهڙو عملي يا عقلي مثال قائم نه ڪيو آهي.

مان هاڻي هڪ حقيقت تي زور ڏيندي چوندس ته انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪن ۾ سويت روس لاءِ ويجهڙائيءَ ۾ ماڻهن وٽ هڪ نئي سوچ جنم ورتو آهي. ان جو پهريون سبب جپان جي پوزيشن آهي ۽ ٻيو سبب جرمنيءَ ۾ ٿيندڙ واقعا آهن. بين الاقوامي سياست ۾ رونما ٿيندڙ واقعن کان علاوه ٻيا به سبب آهن ماڻهن جي تبديل ٿيندڙ سوچ جا ۽ خاص طور تي هي سبب ته پراڻو نظام جيڪو ذاتي منافعي تي ٻڌل آهي اهو ٽٽي رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ مون کي لڳي ٿو ته اسان ٻن دنيائن جي وچ ۾ نفرت جي ڳالهه نه ڪيون. بلڪه اسان کي گهرجي ته اهڙين سڀني قوتن کي جيڪي معاشري کي اڳتي وٺي وڃڻ چاهين ٿيون جيترو ممڪن ٿي سگهي هڪ قطار ۾ ڪري بيهاريون ۽ انهن کي متحد ڪيون. مسٽر اسٽالن مون کي لڳي ٿو ته مان توهان کان وڌيڪ کاٻي ڌر سان بيٺل آهيان ڇاڪاڻ ته مان توهان کانوڌيڪ ان ڳالهه کي سمجهان ٿو ته پراڻو نظام پنهنجي خاتمي جي قريب پهچي چڪو آهي.

اسٽالن: اهڙن سرمائيدارن تي ڳالهائڻ جيڪي صرف منافعي ڪمائڻ ۽ امير ٿيڻ جو سوچين ٿا منهنجي لاءِ غير اهم نه آهي. ٺيڪ آهي ڪجهه اهڙا سرمائيدار موجود آهن جيڪي بهترين تنظيم ڪار آهن ۽ مان ان حقيقت کان انڪارکونه ٿو ڪيان. اسان سوويت فيدريشن وارا اهڙن فردن کان تمام گهڻو سکندا آهيون. تنهنڪري ئي چوندم ته Morgan جيڪو توهان لاءِ هڪ پيراسائيٽ آهي پر اسان لاءِ اهو به

ساڳيو ئي بهترين ۽ لائق آرگنائيزر آهي. پر جيڪڏهن توهان جو مطلب آهي ته اهڙا ماڻهو جيڪي نئين دنيا کي اڏڻ لاءِ تيار هوندا آهن ته پوءِ توهان انهن کي اهڙن ماڻهن جي لسٽ ۾ شامل نه ٿا ڪري سگهو جيڪي سچائي سان صرف پنهجي منافعي جو سوچيندا آهن. اسان جون ۽ منافعي لاءِ سوچيندڙ جون بلڪل الڳ واٽون آهن. توهان ”Ford“ جو ذڪر ڪيو ته هو پيداواري ذريعن جو بهترين آرگنائيزر آهي پر هن جو پورهيت طبقي طرف ڪهڙو رويو آهي اهو توهان ڇا لاءِ ٿا وساريو؟ ڇا توهان کي خبر نه آهي ته هي ڪيترن مزدرون کي ڪم ڏيڻ کان جواب ڏئي ٿو ۽ انهن کي فيڪٽرين مان ڪڍي ڇڏي ٿو؟ سرمائيدارن جو دين ۽ ڌرم صرف منافعو آهي ۽ دنيا جي ڪابه طاقت انهن کي سولائي سان ان نفعي خوري تان هٽرائي نه ٿي سگهي نه ئي اهي پنهنجي هن ڌرم تان دستبردار ٿي سگهن ٿا. توهان کي اگر سرمائيداري نظام ختم ڪرڻو آهي ته پوءِ ان کي هي آرگنائيزر پاڻ ختم ڪونه ڪندا نه ئي ٽيڪنيڪي مهارت رکندڙ ذهين ماڻهو هنن جو ڪجهه بگاڙي سگهندا. هڪ ئي طبقو آهي جيڪو هنن کي سبق سيکاري سگهي ٿو ۽ اهو آهي پورهيت ۽ مزدور طبقو. اهو ان ڪري ٿيندو آهي جو پورهيت طبقي کان علاوه ٻيا طبقا آزاد ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر آهن. ڪو انجنيئر يا ڪو پيداوار جو آرگنائيزر پنهنجي مرضي مطابق ڪم ناهي ڪري سگهندو. انهن کي پنهنجي مالڪن جي حڪمن هيٺ عمل ڪرڻو هوندو آهي ته جيئن انهن جي مفادن جو پورائو ڪري سگهي. ٺيڪ آهي ڪجهه اهڙا مثال ضرور ملن ٿا ته جن ۾ ڪجهه فرد سرمائيداري واري نشي مان سجاڳ ٿي پوندا آهن جن کي مان ٽيڪنيڪل مهارت رکندڙ چوندم. اهي يقيناً ڪن حالتن ۾ حيرت انگيز ڪم ڪري انسان ذات کي فائدو ڏئي سگهن ٿا. اسان سوويت وارن کي ان ڳالهه جو ڪافي تجربو به اهي. پر آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ ڪجهه ٽيڪنيڪي هنر رکندڙ ماڻهن اسان سان گڏجي نئين سماج کي اڏڻ واري تعميري ڪم کان ڪُنو جواب ڏئي ڇڏيو هو. ايتري تائين جو انهن اهڙن نئين اڏاوت جي ڪمن جي مخالفت ڪئي ۽ اهو ڪم انهن وٽ يرغمال بڻجي ويو. اسان سر توڙ ڪوشش ڪري هنن همراهن کي هن ڳالهه تي راضي ڪرڻ چاهيو پر هو صفا نابري واري بيهي رهيا. اسان پوءِ هڪ نه ته ٻئي طريقي سان هنن جي پٺيان لڳاسين ۽ آخرڪار هنن کي اسان جي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ۽ نئين سماج کي اڏڻ لاءِ انهن اسان جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ اڄ اهي ٽيڪنيڪي هنر رکندڙ سوشلسٽ سماج اڏڻ لاءِ اسان سان ڀهرين مورچي تي گڏ بيٺل آهن. آءٌ پنهنجي هن تجربي جي بنياد تي چئي سگهان ٿو ته هن (وچين) طبقي جا به پاسا آهن. هڪ پاسي اهي انتهائي هاجيڪار ثابت ٿي سگهن ٿا ۽ ٻئي پاسي هنن ۾ اها صلاحيت آهي ته اهي انتهائي غير معمولي ۽ معجزاتا ڪم ڪري هڪ بهترين سماج اڏڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. پوءِ هاڻي جيڪڏهن توهان ۾ ايتري طاقت آهي ته هڪ ڌڪ سان هن ٽيڪنيڪي ماهرن کي سرمائيدارن کان آزاد ڪرائي الڳ بيهاريو ته پوءِ ممڪن آهي ته اهي ڪجهه ڪن. پر ڏسو ائين سوچڻ به احمقن جي جنت ۾ رهڻ وانگي آهي.

مون کي ٻڌايو ايترا گهڻا ٽيڪنيڪي ماهر انسان آهن جيڪي بورجوا دنيا سان پنهنجو واسطو ختم ڪرڻ جي همت رکن ٿا ته جيئن هڪ نئين ۽ بهتر سماج کي اڏي سگهن؟ ڇا توهان سمجهو ٿا ته انگلينڊ ۽ فرانس ۾ اهڙن فردن جو تعداد تمام گهڻو آهي؟ مان ٻڌايان ٿو. بلڪل به نه. اهڙا تمام ٿورڙا

ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي مالڪن کان پڇي ڪري هڪ نئين دنيا اڏڻ جا حامي آهن. ان کان سواءِ چا اسان هن حقيقت کان نظرون هٽائي سگهون ٿا ته دنيا کي تبديل ڪرڻ لاءِ سياسي طاقت انتهائي ضروري آهي. مسٽر ويلس مون کي ائين لڳي ٿو ته توهان سياسي طاقت واري سوال کي صفا نندڙو ڪري ڏسو ٿا ۽ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان جو سچو خيال اچي پٽ تي پوي ٿو. اهي ماڻهو جن وٽ دنيا کي تبديل ڪرڻ جا بهترين ارادا ۽ خيال آهن اهي ماڻهو چا ڪري سگهندا جيڪڏهن انهن وٽ ڪا سياسي قوت نه آهي يا اهي ان طاقت کي حاصل ڪرڻ واري سوال اڻارڻ کان لاچار آهن؟ توهان جن فردن کي انقلاب آڻيندڙ سمجهو ٿا اهي وڏ ۾ وڏ اهو ڪري سگهن ٿا ته طاقت حاصل ڪندڙ ڪنهن ڌر جو ساٿ ڏين. باقي پنهنجن خوبصورت خيالن سان اهي دنيا کي گهر ويٺي تبديل نه ٿا ڪري سگهن. دنيا کي تبديل ڪرڻ واري خواب جي تعبير صرف عظيم پورهيت طبقو ئي ڏئي سگهي ٿو. هي اهو طبقو آهي جيڪو سرمائيدارن جي جڳهه والاري هڪ آزاد طاقت بڻجي اڀري سگهي ٿو. اهو صحيح آهي ته ٽيڪنيڪي هنر رکندڙ ماڻهو هنن جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ موٽ ۾ پورهيتن کي هنن جي مدد ڪرڻ گهرجي باقي اهو سوچڻ خام خيالي ئي چئبي ته ٽيڪنيڪي مهارت رکندڙ (Technical intelligentsia) تبديليءَ لاءِ ڪو آزاد تاريخي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. هن دنيا کي تبديل ڪرڻ هڪ عظيم، منجهيل ۽ تڪليفن سان پُريل عمل آهي. هن عظيم ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ عظيم طبقو گهربل آهي ۽ اهو آهي پورهيت طبقو. توهان ٻڌو هوندو ته تمام وڏا جهاز ئي ڏگهو سامونڊي سفر طئي ڪرڻ جي اهل هوندا آهن.

ويلس: ها، پر ڏگهي سامونڊي سفر لاءِ هڪ ڪپتان به گهربل هوندو آهي.

اسٽالن: اهو سچ آهي، پر پهريان ڏگهي ساموندي سفر لاءِ هڪ وڏي ٻيڙي جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن ٻيڙو نه آهي ته ڪپتان ڪهڙي ڪم جو؟ بس پوءِ ڪپتان خود واندو ماڻهو بڻجي وڃي ٿو.

ويلس: پر اهو وڏو ٻيڙو ڪو طبقو يا ڪلاس نه بلڪ خود پوري انسانيت آهي.

اسٽالن: مسٽر ويلس! توهان ظاهري طرح هن خيال کان ڳالهه شروع ٿا ڪيو ته سڀ انسان سٺا آهن. پر معاف ڪجو مان ائين ناهيان سمجهندو. هت سٺن سان گڏ برا ۽ ظالم انسان به آهن ۽ جڏهن سرمائيدار طبقو سٺائي جي ڳالهه ڪندو آهي ته مان ان ۾ يقين ناهيان ڪندو.

ويلس: مون کي ٽيڪنيڪي هنر رکندڙ فردن جي حالتن جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ آهي. ان دور ۾ هي طبقو چاڪاڻ ته ٿورڙي تعداد ۾ هو ۽ هنن وٽ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪم هوندو هو ان ڪري هو سرمائيدارن سان گڏ هوندا هئا ۽ انقلابي تمام ٿورڙا فرد هوندا هئا پر هاڻي وقت ساڳيو ناهي رهيو. هاڻي اهڙن ماهرن جي تعداد ۾ بي حد اضافو ٿيو آهي ان کان علاوه هنن جي سوچ ۾ به تبديلي آئي آهي. هي هنريافته فرد پهرين ڪا به انقلابي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هوندا هئا پر هاڻي هو انهن ڳالهين ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن ويجهڙائي ۾ مون کي رائل سوسائٽي وارن مانجهاندي جي تقريب تي گهرايو. هي سوسائٽي اسان انگريزن جي عظيم سائنسي سوسائٽي آهي. صدر ان وقت جيڪا تقرير ڪئي اها سموري سماجي منصوبه بندي ۽ سياسي ضابطي تي ٻڌل هئي. ڏسو اڄ کان 30 سال پهرين ماڻهو اهڙين ڳالهين ٻڌڻ کي ترجيح نه ڏين ها. پر اڄ ڏين پيا.

اهو ئي سبب هو جو رائل سوسائٽي جي سربراهه وٽ انقلابي آدرش آهن. تنهنڪري ئي هو ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته سائنس انساني سماج جي نئين سر جوڙجڪ ڪري سگهي ٿي. وقت سان گڏ سوچون به تبديل ٿينديون آهن. مگر توهان جي طبقاتي جنگ واري پروپيگنڊا اڄ به ساڳي آهي.

اسٽالن: ها. مان اهو سڀ ڪجهه ڄاڻان ٿو. هاڻي مون کي اجازت ڏيو ته ان سچي ماحول جي ٺيڪ طرح تشريح ڪري سگهان. ڏسو، سرمائيداري سماج هڪ اهڙي گهٽي وانگي آهي جنهن جي اندر ته وڃي سگهجي ٿو باقي ان گهٽِ کي پار ڪري ٻئي پاسي ٽپي وڃي نه ٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته گهٽي جي ٻئي پاسي بند ڏنل آهي.

سرمائيدار هن مهل ان گهٽيءَ ۾ نڪرڻ جو رستو تلاش ڪري رهيا آهن. پر هنن کي ڪو اهڙو رستو ملي نه پيو. جنهن ۾ هڪ پاسي بحران به حل ٿي وڃن ۽ ٻئي پاسي هنن جي عزت ۽ عظمت به برقرار رهي يا هنن جي مفادن کي ڪو وڏيڪ هاڃو نه رسي. هاڻي هو ائين ڪري سگهن ٿا ته بانبڙا پائي يا رهڙجي سهڙجي هن بحران مان نڪري ته سگهن ٿا پر مسئلو هي آهي ته هنن کي اها هڪ واٽ به نه پئي ملي. جنهن مان نڪري هو پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري هلڻ جي لائق ٿي سگهن مطلب ته ڪو اهڙو رستو ملي جنهن ۾ هنن جا سرمائيداري مفاد هيڏي هوڏي نه ٿين. هي آهي اها ڳالهه جيڪا ٽيڪنيڪي ماهرن سمجهي ورتي آهي. هن ڪميونٽي جي ڪوڙ سارن فردن پنهنجا مفاد اهڙن انسانن ۾ ڳولڻ شروع ڪيا آهن جيڪي هنن کي هن گهٽي مان نڪرڻ جو صحيح رستو ڏيکاريندا.

ويلس: مسٽر اسٽالن، توهان ۽ توهان جو عوام انقلاب جي عملي پاسي کان گهڻو واقف آهي. مون کي ٻڌايو ته انقلاب لاءِ سڀ ماڻهو هڪ دم اٿندا آهن؟ ڇا اها حقيقت نه آهي ته انقلاب هميشه اقليت يا ٿورڙن ماڻهن جو آندل هوندو آهي؟

اسٽالن: انقلاب کي آڻڻ لاءِ هڪ بهترين انقلابي اقليت جي ضرورت هوندي آهي. پر ڏسو تمام ذهين، سچي ۽ پرجوش اقليت بي يارو مددگار هوندي اگر انهن سان لڪين ماڻهن جي خاموش حمايت (Passive support) نه هوندي.

ويلس: گهٽ ۾ گهٽ (Passive) حمايت يا ڪٽي ائين چئجي ته غير ارادي حمايت؟

اسٽالن: ٺيڪ آهي ليڪن اها نيم فطري ۽ نيم شعوري هوندي پر ڏسو جيڪڏهن لکين ماڻهو بهترين اقليت جو ساٿ نه ڏنو ته اها بهترين اقلت ڪجهه به ڪري نه سگهندي.

ويلس: خير اولهه ۾ مان ڪميونسٽ پروپيگنڊا ڏسندو آهيان. مون کي جديد حالتن ۾ هي پروپيگنڊا ڏاڍي دقيانوسي لڳندي آهي. ڇاڪاڻ ته اها هڪ سرڪش ۽ فسادي قسم جو پروپيگنڊا آهي. اهڙي قسم جي پروپيگنڊا جنهن ۾ سماجي نظام جي ڪايا پلٽ ڪجي ان دور ۾ سٺي لڳندي هئي. جنهن دور ۾ حڪومتون ظلم ۽ جبر تي ٻڌل هونديون هيون. پر هنن جديد حالتن ۾ جڏهن هي نظام خود به خود ڍهي رهيو آهي ته اسان کي قابليت، برابري ۽ بهبود طرف زور ونرائڻ گهرجي نه کي فساد يا سرڪشي طرف....؟ مون کي لڳندو آهي ته توهان جو بغاوتي نعرو ڏاڍو دقيانوسي آهي. اولهه جي ترقي پسند ماڻهن لاءِ ڪميونسٽن جي پروپيگنڊا چڙ ڏياريندڙ ٿي پئي آهي.

اسٽالن: پراڻو نظام آهسته آهسته ٽٽي رهيو آهي. اهو سچ آهي. پر اهو به سچ آهي ته مختلف طريقن سان نيون ڪوششون ورتيون پيون وڃن. ته جيئن مرندڙ نظام جي حفاظت ڪري ان کي

بچايو وڃي.
توهان ڳالهه صحيح ڪري ان جو نتيجو غلط ڪڍيو ٿا. توهان اهو بلڪل صحيح چيو ته پراڻو نظام ٽٽي رهيو آهي پر توهان نتيجي ۾ ايئن غلط آهيو ته اهو نظام پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان ٽٽي رهيو آهي. جيڪا ڳالهه ايئن هرگز نه آهي. هڪ نظام جو ٻئي نظام جي جاءِ وٺڻ وارو عمل هڪ منجهيل ۽ ڏکو انقلابي عمل هوندو آهي. هي هڪ وڏي جدوجهد جو نتيجو هوندو آهي اهو پاڻهي ڄاڻي ناهي ٿيندو. ان ۾ ٻن طبقن جي جنگ شامل هوندي آهي. سرمائيداري نظام ڊهي پٽ پئجي رهيو آهي پر ان کي توهان وڻ وانگر نه سمجهو جيڪو سالن جا سال زمين تي بيٺل هجڻ ڪري هاڻي پنهنجي مرضيءَ سان اچي زمين تي ڪرڻو آهي. جيئن توهان سمجهو ٿا ائين هرگز نه آهي. انقلاب ۾ هڪ نظام جي جاءِ تي ٻئي نظام جو اچڻ هڪ اڻ ٽٽ جدوجهد، ڏکن ۽ تڪليفن سان ڀريل، زندگي ۽ موت جي راند وانگي آهي ۽ هر دفعي ائين ٿيندو آهي ته جڏهن نئين دنيا اڏيندڙ ماڻهو طاقت ۾ اچي ويندا آهن ته انهن کي پراڻي دنيا جي ماڻهن کان پنهنجو بچاءُ ڪرڻو هوندو آهي ڇاڪاڻ ته پراڻي دنيا جا ماڻهو طاقت وسيلي پراڻو نظام لاڳو ڪرڻ جا جتن ڪندا آهن. نئين دنيا جي ماڻهن کي هر وقت چوڪس ۽ تيار رهڻو هوندو آهي ته جيئن هو پراڻي دنيا طرفان نئين دنيا تي ٿيل حملي جو جواب ڏئي سگهن.
توهان صحيح آهيو جڏهن توهان چئو ٿا ته پراڻو نظام ڊهي رهيو آهي پر اهو پنهنجي مرضي سان نه ٽٽي رهيو آهي، توهان فاشزم جو مثال وٺو.
فاشزم هڪ رجعت پسند قوت آهي. جيڪا پراڻي نظام کي تشدد جي بنياد تي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. توهان فاشسٽن سان ڇا ڪندؤ؟ ڇا انهن سان ڳالهيون ڪندؤ؟ انهن کي مڃرائڻ جي ڪوشش ڪندؤ؟ پرتوهان جي اهڙين ڳالهين جو انهن تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو.
ڪميونسٽ تشدد جي رومانس ۾ پيل نه هوندا آهن. پر اهي ائين ضرور ڪندا آهن ته رونما ٿيندڙ واقعن کي وات پٽي ڏسندا نه آهن. اهي ڪڏهن به ويهي اهو تماشو ڪونه ڏسندا ته واه واه پراڻو نظام پاڻ ڊهي رهيو آهي. بس ويهي مزو ڏسو. ڪميونسٽ اها ڳالهه سمجهن ٿا ته پراڻو نظام پنهنجي بقا کي قائم رکڻ لاءِ تشدد جو سهارو وٺي ٿو. تنهڪري ئي اسان ڪميونسٽ پورهيتن کي چوندا آهيون ته تشدد جو جواب تشدد سان ڏيو. ان کان اڳ جو پراڻو نظام توهان کي چيپاٽي ڇڏي توهان ان کي چيپاٽڻ لاءِ جيڪو ڪجهه ڪري سگهو ٿا ضرور ڪيو. هن فرسوده نظام کي جنهن کي توهان جي هٿن ڪٽي ڦٽي ڪيو ان کي اجازت نه ڏيو ته هي اچي توهان جا هٿ ڪپي. هاڻي توهان سمجهي سگهو ٿا ته ڇو ڪميونسٽ هڪ نظام جي جاءِ تي ٻئي نظام کي آڻڻ واري عمل کي پنهنجو پاڻ ٿيڻ وارو عمل ڪونه سمجهن ٿا. بلڪه اهي سمجهن ٿا ته هي هڪ ڏکو، منجهيل ۽ پرخطر عمل آهي. معاف ڪجو مسٽر ويلس ڪميونسٽن جي هڪ عادت آهي ته اهي حقيقتن کي نظرانداز ڪري نه سگهندا آهن.
ويلس: پر اڄ ڏسو ته سرمائيدار دنيا ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. ڊهڻ ايترو سادو نه آهي بلڪ اهو انهن رجعت پسندن جي ٿيل تشدد جو نتيجو آهي جيڪو پوءِ غندا گرديءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. پر ڏسو سوشلسٽ کي قدامت پسندي ۽حيواني تشدد جي سامهون ٿيڻ نه گهرجي بلڪ انهن کي پوليس کان مدد وٺڻ گهرجي يا پوليس سان گڏجي رجعت پسندن خلاف وڙهڻ گهرجي. توهان کي پوليس کي پنهنجو دشمن نه سمجهڻ گهرجي بلڪه ٻڌي ڪرڻ گهرجي. مان سمجهان ٿو ته

سوشلزم جي پراڻي تشدد واري بغاوتي طريقي کي استعمال ڪرڻ اجايو ۽ غير ضروري آهي.

اسٽالن: ڪميونسٽ پنهجو بنياد تاريخ جي ان ڦلدائڪ تجربي تي ٻڌن ٿا جيڪو انهن کي سمجهائي ٿو ته دقيانوسي نظام ڪڏهن به تاريخ ۾ پاڻ مرادو اسٽيج ڇڏي نه ويو آهي. توهان انگلينڊ جي 17 صدي واري تاريخ جانچي ڏسو. ان دور ۾ ڪوڙ سارن ماڻهن جي اها راءِ هئي ته پراڻو سماج ختم ٿي رهيو آهي. پر ڏسو اتي (Cromwell) ڪرام ويل کي اچڻو پيو جنهن طاقت ذريعي ان نظام کي ٽڪرا اچي ڪيو.

ويلس: ڪرام ويل آئيني بنيادن ۽ آئين جي حقن جي نالي تي ان نظام سان جنگ ڪئي هئي.

اسٽالن: آئين جي نالي تي هو تشدد تي لهي آيو. پنهنجي بادشاهه جو سرعام سر قلم ڪيو، پارليامينٽ ٽوڙي ڇڏيائين ۽ اتان جي ڪافي ميمبرن کي يا ته گرفتار ڪيائين يا موت جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

يا توهان اسان جي تاريخ جو مثال وٺو. ڇا اهو گهٽي عرص کان واضح نه هو ته زار شاهي جو نظام ٽٽي رهيو آهي يا فرسوده بڻجي چڪو آهي؟ پر اسان کي ان نظام کي ڍاهڻ لاءِ ڪيترو رت ڏيڻو پيو! توهان اندازو به نه ٿا ڪري سگهو. اسان جي آڪٽوبر واري انقلاب کانپوءِ واريون حالتون ڏسو؟ ڪيترا ماڻهو ان ڳالهه کان چڱي نموني واقف هئا ته صرف اسان بلشويڪ وٽ ئي سچو ۽ صحيح رستو آهي. هو اهو به ڄاڻن پيا ته سرمائيداري نظام بيڪار ٿي چڪو آهي پر وري به ڏسو. اسان واري نظام جي خلاف ٿيندڙ مزاحمت ڪيتري شديد هئي..... ۽ اسان کي پنهنجي انقلاب کي اندروني ۽ بيروني دشمنن کان بچائي رکڻ لاءِ ڪيترو رت ڏيڻو پئجي ويو.

هلو هن کي ڇڏيو 18 صديءَ جي آخر ۾ فرانس جو مثال ڏسو..... 1789ع واري انقلاب کان اڳ فرانس جا ماڻهو اهو سمجهيو وينا هئا ته جاگيرداري ۽ بادشاهي نظام پراڻو ٿي چڪو آهي. پر اتي به فساد برپا ٿئي ٿو قتل و غارت ٿئي ٿي. توهان ڪڏهن به بغاوت ۽ طبقن ۾ ٿيندڙ جنگ کي ٽاري نه ٿا سگهو. ڇو؟ ڇاڪاڻ اهو طبقو جنهن جي باري ۾ توهان سمجهو ٿا ته ان کي خود به خود پنهنجي اسٽيج ڇڏڻ کپي. صفا آخر ۾ انهن کي سمجهه ۾ ايندو آهي ته هنن جي حڪمراني هاڻي ختم ٿي چڪي آهي. هنن کي اها ڳالهه پيار سان نه ٿي مڃرائي سگهجي. ڇاڪاڻ ته اهي سمجهن ٿا ته انهن جي نظام ۾ آيل سوراخن يا ڇنگهن کي پري هو ان جو بچاءُ ڪري سگهن ٿا. هن ڳالهه کي مدنظر رکندي هي حڪمران طبقو پنهنجي مرندڙ حڪمراني کي جيئندان ڏيڻ لاءِ معصوم انسان جي سر جي بلي ڏئي ٿو ۽ هر واحيات عمل ڪري ٿو ته جيئن هنن جا مفاد بچيل رهن.

ويلس: پر فرانس جي انقلاب جي اڳواٽي ٽورڙا وڪيل ڪري رهيا هئا.

اسٽالن: ڇا توهان انقلاب ۾ ڏاهن ماڻهن جي ڪردار کان انڪار ڪندؤ؟ ڇا فرانس جو انقلاب رڳو وڪيلن جو انقلاب هو؟ ڇا اهو عوام جو انقلاب نه هو جنهن ۾ ڪيترائي فرد جاگيرداري خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ Third Estate جي مفادن کي بچايو؟ ۽ ڇا اتي جيڪي وڪيل هئا انهن پراڻو نظام ۾ موجود قانون ۾ رهندي انقلاب آندو؟ ڇا انهن نوان سرمائيدار قانون متعارف نه ڪرايا؟

تاريخ جو لاپ ڏيندڙ تجربو ٻڌائي ٿو ته اڄ تائين هڪ به اهڙو طبقو نه ٿيو آهي جنهن پاڻ مرادو ٻئي طبقي لاءِ راهه هموار ڪئي آهي ۽ ان کي پنهنجي تخت تي ويهاريو آهي. دنيا جي تاريخ ۾

ڪڏهن به اهڙي ڳالهه نه ٿي آهي.... پر وري به اگر بورجوا پاڻمرادو حڪومت ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيندا ته اسان ڪميونسٽ هنن جي اهڙي عظيم آڇ جي آجيان ڪنداسين. پر حقيقت هي آهي ته بورجوا ڪڏهن به ائين ڪونه ڪندا ڇو جو تاريخ جو تجربو اهو ئي ٻڌائي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪميونسٽ هميشه بري وقت لاءِ تيار هوندا آهن ۽ پورهيت طبقي کان مطالبو ڪندا آهن ته اهي به طاقت وڌائن ۽ جنگ لاءِ تيار رهن... ڪميونسٽن کي هڪ ڪپتان جي ضرورت هوندي آهي جيڪو صحيح وقت اچڻ تائين پنهنجي فوج جي طاقت ۽ جذبن کي تيار رکيو ايندو آهي. ڪوبه اهڙو ڪپتان جيڪو اهو نه ٿو سمجهي ته دشمن ڪڏهن به پاڻ هٿيار ڦٽا نه ڪندو اهڙي ڪپتان کي ماري ڇڏجي ڇاڪاڻ ته هي اهڙو ڪپتان هوندو جيڪو دوکيباز هوندو ۽ پورهيت طبقي کي نقصان ڏيندو. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته (بغاوت) جو جيڪو خيال اوهان کي دقيانوسي لڳي ٿو اهو درحقيقت پورهيت طبقي جو انقلاب هوندو آهي.

ويلس: مان ان ڳالهه کان انڪار نه ٿو ڪيان ته طاقت جو استعمال نه ڪرڻ گهرجي. پر مان سمجهان ٿو ته جدوجهد جون صورتون گهٽ ۾ گهٽ اتي موجود قانونن جي ويجهڙائي ۾ هجن ته جيئن انهن قانونن جي مدد سان رجعت پسند ڌرين کان پنهنجو دفاع ڪري سگهجي. انهن کي شڪست ڏئي سگهي ٿي. تنهنڪري ئي مان سمجهندو آهيان ته پراڻي نظام يا قانون جي خلاف اوهان جي نفرت يا بغاوت دقيانوسي ۽ سمجهه کان ٻاهر آهي. توهان ان کي اتفاق ئي سمجهو پر مان شايد پنهنجي نقطي کي ڇاٽي ٻجهي وڌائي ڪري پيش ڪري رهيو آهيان ته جيئن اوهان کان وڌيڪ سچ ٻاهر ڪڍي سگهان...

ٻيو ته منهنجو نظريو هينئين تن نقطن تي ٻڌل آهي. پهريون ته مان نظم و ضبط جو قائل آهيان. ٻيو هي ته مان هن نظام تي ان ڪري تنقيدي حملا ڪندو آهيان ڇاڪاڻ ته هي نظام نظم و ضبط جو يقين نه ڏياري ٿو ۽ ٽيون ڪجهه هي آهي ته توهان جي طبقن واري جنگ واري پروپيگنڊا سبب سوشلزم کان پڙهيل لکيل پري ٿي وڃي ٿو.

اسٽالن: عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو ان سماج جي لاءِ اهم مقصد هوندو آهي ان لاءِ لازم آهي ته توهان وٽ هڪ قوت، هڪ مضبوط مورچو ۽ انقلابي طبقو هئڻ گهرجي. ٻيو اهو ته اهم قوت کي وڌائڻ لاءِ هڪ اهم مددگار شيءِ جي ضرورت هوندي آهي ان کي اسين پارٽي سڏيندا آهيون. ان پارٽي ۾ ذهين فرد بهترين قوت جو ڪم ڏيندا آهن. توهان تعليم يافته ماڻهن جو ذڪر ڪيو. پر مون کي ٻڌايو ته توهان ڇو ٿا وساريو ته سترهين صدي واري انقلاب دؤران پڙهيل لکيل ماڻهو ته پراڻي نظام سان گڏ هئا. ساڳيو ئي چڪر 18 صدي واري فرانس انقلاب ۽ 20 صديءَ ۾ روس جي انقلاب سان ٿيو. انهن پڙهيل لکيل ماڻهن ئي هميشه پراڻي نظام کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجي نام نهاد علم سان ان جو دفاع ڪيو آهي. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي پئسن عيوض پنهنجون خدمتون پراڻي نظام جي حوالي ڪري نئين نظام جي مخالفت ڪرڻ جو سنڌرو ٻڌي ويهي رهندا آهن. تعليم پراڻي سماج جو اهو هٿيار هوندو آهي جنهن کي اهي ماڻهو ئي استعمال ڪندا آهن جن اهو نظام ڏنو هوندو آهي ۽ اهي ڇاڻيندا آهن ته پنهنجي هن هٿيار کي استعمال ڪندي ڪنهن کي ۽ ڪيئن شڪست ڏجي. ڏسو اهو صحيح آهي ته سوشلزم ۾ پورهيت طبقي لاءِ هڪ انتهائي پڙهيل

لڪيل ماڻهن جي شديد ضرورت هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته ساده پورهيت ماڻهو بغير ڪنهن فڪري هٿيار جي نئين دنيا يا سوشلزم کي اڏي نه ٿا سگهن.
مان ڪڏهن به پڙهيل لکيل ماڻهن جي اهميت يا انهن جي ڪردار کي نظرانداز ڪونه ڪندس. بلڪ مان ان ڳالهه تي زور ڏيندس ته هي انتهائي ضروري طبقو آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ اسان کي ايترو ته واضح هئڻ گهرجي ته اسان ڪهڙي قسم جي لکيل پڙهيل طبقي جي ڳالهه پيا ڪيون. ڇاڪاڻ ته پڙهيل لکيل ماڻهن جا ڪوڙ سارا قسم هوندا آهن.
ويلس: ڪوبه انقلاب تيستائين نه ٿو اچي سگهي جيستائين تعليمي نظام ۾ ترقي پسند تبديلي نه ڪئي ويندي. جي مان به مثال ڏيندس جيڪي ڪافي آهن. هڪ مثال آهي جمهوريه جرمني جو. هن ڪڏهن به تعليمي نظام ۾ ترقي نه آندي ان ڪري هي ملڪ اڄ تائين جمهوريه بڻجي نه سگهيو آهي. ٻيو مثال آهي برطانيه جي ليبر پارٽي جو جنهن وٽ به تعليم کي تبديل ڪرڻ جا نيڪ ارادا تمام گهٽ ڏسڻ ۾ پيا اچن.
اسٽالن: اهو توهان جو بلڪل صحيح تجزيو آهي. پر مون کي هاڻي اجازت ڏيو ته توهان جي پهرين ذڪر ڪيل ٽن نقطن جو جواب ڏيان. پهريون ته انقلاب لاءِ سڀ کان اهم شيءِ آهي سماجي مورچي جي موجودگي انقلابي مورچو پورهيت طبقي جي گڏجڻ سان ٺهندو آهي. ٻيو هڪ مددگار قوت جي ضرورت پوندي آهي. اسان ڪيمونسٽ ان کي پارٽي چوندا آهيون. ذهين پورهيتن ۽ ٽيڪنيڪل مهارت رکندڙ ڏاها پارٽيءَ سان منسلڪ هوندا آهن ۽ پارٽي وري پورهيت طبقي سان جڙيل هوندي آهي. پڙهيل لکيل طبقو صرف هڪ بنياد تي طاقتور بڻجي سگهي ٿو جيڪڏهن هنن سان انيڪ پورهيت گڏ بيٺل آهن.
جيڪڏهن تعليم يافته طبقو پورهيت طبقي جي خلاف ٿي بيهندو ته پوءِ پڙهيل لکيل طبقو ڪڏڙن وانگر تاڙيون وڄائڻ ۽ وڄرائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪري ڪونه سگهندو. هنن وٽ ڪابه طاقت نه هوندي. ٽيون ته تبديليءَ جو بار کڻڻ لاءِ سياسي قوت گهربل هوندي آهي. نئين سياسي قوت نوان قانون ۽ نئون نظام ۽ ضبط ٺاهيندي آهي. جنهن کي اسان انقلابي نظم ۽ ضبط سڏيندا آهيون.
مان ڪنهن ٻئي ضابطي لاءِ پائيوار ٿي نه بيهندس مان صرف ان ضابطي لاءِ بيهندس جيڪو پورهيت طبقي جي مفادن جي ڳالهه ڪندو. ها ايترو ضرور ٿيندو ته جي پراڻو قانون جيڪو نئي نظام اَٽڻ لاءِ اسان جي جدوجهد جي مفادن لاءِ ڪم ايندو اهڙي قانون کي اسان ضرور استعمال ڪنداسين. ها باقي مان توهان جي ان خيال تي اعتراض نه واريندس ته موجده نظام تنقيد جي لائق آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ماڻهن کي امن جي ضمانت نه ٿو ڏئي.
آخر ۾ اهو چوڻ چاهيندس ته توهان پنهنجي ان خيال ۾ بلڪل غلط آهيو ته اسان ڪميونسٽ تشدد واري سياست سان پيار ڪيون ٿا. توهان کي خبر آهي ته اسان لاءِ ان کان وڏيڪ ڪا خوشيءَ جي ڳالهه نه هوندي ته حڪمران طبقو پورهيت طبقي کي حڪومت ڏيڻ لاءِ پنهنجو پاڻ ۽ خوشيءَ سان رستو ڏئي ۽ پنهنجي حق حاڪميت کان دستبردار ٿئي حڪمران ائين ڪن ته ڪميونسٽ خوشيءَ سان تشدد وارو بغاوتي طريقو ڇڏي ڏيندو. پر تاريخ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته حڪمران طبقي ڪڏهن به ائين نه ڪيو آهي ۽ نه ئي ڪندو.
ويلس: پر تاريخ ۾ اسان ائين انگلينڊ ۾ ٿيندي ڏٺو آهي ته هڪ طبقي ٻئي طبقي کي ازخود پنهنجي طاقت ڏئي

چڙي هئي. 1830ع کان وٺي 1870ع جي دؤر ۾ امير جاگيردارن (Ariscracy) جنهن جو اثر 18 صدي تائين قائم دائم هو، پنهنجي اها طاقت ازخود مطلب ته بنا ڪنهن جدوجهد جي بورجوا طبقي جي حوالي ڪئي هئي. نتيجي طور طاقت جي هن تبديلي سبب هڪ ٻيو امير طبقو قائم ٿي پيو هو.

اسٽالن: مسٽر ويلس، توهان هن مهل اڄ‌ڪلهه/اڄاڻائيءَ ۾ انقلاب کي اڇي سياسي ۽ سماجي اصلاح (Reform) جي سطح تي اچي بيهاريو آهي. ڏسو انقلاب ۽ اصلاح به الڳ شيون آهن. ڇا توهان کي خبر نه آهي ته 19 صديءَ ۾ چارٽسٽ تحريڪ انگلينڊ ۾ اصلاح آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

ويلس: چارٽسٽن ڪجهه به ڪونه ڪيو هو. اهي پوءِ جلدي بغير ڪو سراغ ڇڏڻ جي منظرعام تان غائب ٿي ويا هئا.

اسٽالن: مان توهان سان هن ڳالهه تي اتفاق نه ڪندس. چارٽسٽن هڙتال جي جيڪا تحريڪ هلائي هئي ان ۾ انهن بهترين ڪردار ادا ڪيو هو. انهن حاڪم طبقي کي مجبور ڪيو ته اهي فرينچائيز ۾ رعايتون ڏين ۽ نام نهاد "Rotten borough" جي قانون کي ختم ڪن. ان کان علاوه هنن ٻيا نقطا به مڃرايا هئا. چارٽسٽن هڪ تمام ضروري تاريخي ڪردار ادا ڪيو. ان حاڪم طبقي کي مجبور ڪيو هو ته اهي رعايتون ڏين ۽ اصلاح ڪري ايندڙ نقصانن کان پاڻ کي بچائن.

سرسري طور تي ڳالهائيندي مان انگلينڊ جي بورجوا طبقي جي باري ۾ چوندس ته اهي هميشه ٻين بورجوا کان وڌيڪ چالاڪ ۽ لچڪدار ثابت ٿيا آهن. چاڪاڻ ته اهي هميشه پنهنجي مفادن کي بچائڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن. توهان جديد تاريخ جو ئي مثال وٺو. 1926ع ۾ انگلينڊ ۾ هڙتالون ٿيون هيون. جيڪڏهن ٽريڊ يونين جي پهرين

جنرل ڪائونسل پاران هڙتال جي سڏ ڏيڻ وارو واقعو ٻين بورجوا قوتن جي سامهون ٿي ها ته اُهي پهرين ڏڪ سان ٽريڊ يونين اڳواڻن کي گرفتار ڪن ها، پر برطانيه جي بورجوازين ائين نه ڪيو ۽ ڏاڍي چالاڪيءَ سان پنهنجي مفادن جو بچاءُ ڪري ويا. اهڙي قسم جي شاندار لچڪداري مون کي آمريڪا، جرمني ۽ فرانس ۾ نظر نه ايندي آهي.

پنهنجي حڪومت کي قائم رکڻ لاءِ عظيم برطانيه جا حاڪم ننڍيون ننڍيون رعايتون ڏئي عوام کي خوش نه ڪندا آهن بلڪه اهي سياسي يا سماجي اصلاح (Reforms) اڳيان آڻيندا آهن پر انهن اصلاحن کي انقلاب نه ٿو چئي سگهجي.

ويلس: لڳي ٿو ته منهنجي ملڪ جي بورجوازين لاءِ توهان جي دل ۾ مون کان وڌيڪ احترام آهي. پر ڇا عظيم اصلاح ۽ ننڍڙي انقلاب ۾ ڪو فرق آهي ڇا؟ ڇا اصلاح ننڍڙو انقلاب نه آهي؟

اسٽالن: جڏهن عوام هيٺيان کان حڪومت تي گهڻو دٻاءُ وجهندو آهي ته بورجوا ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه جاندار اصلاح متعارف ڪرائيندا آهن پر انهن جو سماجي ۽ معاشي نظام ساڳيو جو ساڳيو ئي رهندو آهي.

اهڙي قسم جو ڪم جو ڪندي اهي پلي پت ڄاڻندا آهن ته اهڙي قسم جون رعايتون يا ننڍڙا اصلاح آڻڻ ضروري آهن. اصلاحن آڻڻ جو اصل جوهر هوندو ئي اهو آهي ته جيئن سرمائيدار طبقو پنهنجي ڦرلٽ وارو نظام کي قائم دائم رکيو اچن. پر انقلاب ڪجهه ٻيو هوندو آهي. انقلاب درحقيقت طاقت (رياستي) جو هڪ طبقي کان ٻي طبقي ڏانهن منتقلي جو نالو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن اصلاح کي ڪڏهن به انقلاب نه ٿو چئي سگهجي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان

ڪڏهن به ان تبديلي کي جنهن ۾ صرف پورهيت عوام کي ڪجهه رعايتون ڏنيون ويندليون آهن يا حاڪم طبقو ڪجهه اهم اصلاح آٿي نظام کي ٿورڙو تبديل ڪندو آهي ان کي انقلاب ڪري ناهيون مڃيندا.

ويلس: مان توهان جو شڪر گذار آهيان جو توهان مون سان اهڙي گفتگو جاري رکي جيڪا منهنجي لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. توهان جهڙي نموني شين جي وضاحت منهنجي اڳيان رکي اهي بلڪل ذهن سان لڳيون ۽ مون کي اها ڄاڻ ملي ته انقلاب اچڻ کان اڳ سوشلزم جا بنياد سوشلسٽ مخالفن اڳيان ڪيئن رکجن.

هن وقت به فرد آهن جن جي راءِ ڪروڙين ماڻهو ٻڌي رهيا آهن. هڪ آهيو توهان ۽ ٻيو آهي روز ويلٽ. ٻيا همراهه به گهڻو ڪجهه چئي رهياآهن پر اهي جيڪو چون ٿا انهن کي گهٽ ٻڌو يا پڙهيو وڃي ٿو.

توهان جي ملڪ ۾ ڇا ڇا ڪيو ويو آهي ان لاءِ مان ڪا واضح راءِ نه ٿو ڏئي سگهان ڇاڪاڻ ته مان ڪلهه ئي پهتو آهيان. باقي صحتمند مرد ۽ عورتن جي ٻهڪندڙ چهرا ڏسي اهو اندازو ڪيو اٿم ته ڪميونسٽ هِت پنهنجي عوام لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري رهيا آهن.

اسٽالن: جيڪڏهن اسان بالشويڪ وڌيڪ سياڻا هجون هان ته پنهنجي عوام لاءِ اجا گهڻو ڪجهه بهتر ڪيون هان.

ويلس: بالشويڪ نه بلڪه ڪاش سڀ انسان سياڻا هجون ها ته پنهنجي عوام لاءِ گهڻو ڪجهه بهتر ڪيون هان.

اهو تمام سٺو ٿيندو جيڪڏهن پنج سالن جو ڪو منصوبو جوڙي ان ۾ انساني دماغ جي پرزن جو معائنو ڪري انهن کي بلڪل ٺيڪ ڪري ڇڏجي. ڇاڪاڻ جو مون کي انساني دماغ ۾ ڪوڙ سارين اهڙين شين جي کوٽ نظر ايندي آهي جيڪي هڪ مضبوط سماج جوڙڻ لاءِ تمام ضروري آهي. (ٻئي کلن ٿا)

اسٽالن: توهان جو هٽ سويت ليکڪن جي يونين جي ڪانگريس تائين ترسڻ جو ته ارادو هوندو؟

ويلس: افسوس سان چوڻو پوندو ته مون کي ڪافي ٻيون مصروفيتون آهن. ٻيو ته مان توهان وٽ صرف هڪ هفتي لاءِ آيل آهيان. بس خاص مقصد اوهان سان ئي ملڻ هيو. هن مهل توهان جي گفتگو کان ڪافي مطمئن آهيان. بس اهو چوڻو آهي ته جيڪڏهن مان سوويت جي ليکڪن سان مليس ته پوءِ انهن کي "Pen club" سان رابطي رکڻ جي ڳالهه ڪندس. "Pen Club" هڪ بين الاقوامي تنظيم آهي. ان جو بنياد Glass worthy رکيو هو. هن جي وفات کان پوءِ مان ان جو صدر آهيان. هي تنظيم اجا تائين گهڻي مضبوط نه آهي، پر ان جون مختلف ملڪن ۾ شاخون ضرور آهن. سڀ کان اهم ڳالهه هي آهي ته اسان جي ميمبرن جون تقريرون پريس ۾ ڏنيون وينديون آهن. اسان ان ڳالهه تي زور ڏيندا آهيون ته هر انسان پنهنجي ڳالهه چوڻ لاءِ آزاد آهي پوءِ اها ڳالهه اسان جي ئي خلاف چو نه وڃي. مان گورڪيءَ جي اڳيان هيءَ ڳالهه ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. مون کي خبر نه آهي ته توهان هتي اهڙي قسم جي آزادي ڏيڻ لاءِ تيار آهيو يا نه؟

اسٽالن: اسان بلشويڪ ان کي پاڻ تي تنقيدي (self criticism) جي نالي سان سڏيندا آهيون. هي شيءِ ته سويت روس ۾ عام جام آهي.

جيڪڏهن منهنجي لائق ڪا خدمت آهي ته مون کي ضرور ٻڌائجو. ان کي ڪرڻ ۾ مون کي خوشي ٿيندي.

ويلس: (توهان جي مهرباني)

اسٽالن: توهان جي هٽ اچڻ جون مهربانيون)

گوريلا جنگ

لينن/ منصف جتوئي



گوريلا جنگ جو سوال اسان جي پارٽي ۾ ماڻهن کي تمام گهڻو متاثر ڪندو رهيو آهي. ان سوال کي اسان مختلف زاوين کان ڏٺو ۽ پرکيو آهي ۽ هاڻ اسان پنهنجي خيالن کي هڪ مڪمل رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

(الف)

اچو ته منڍ کان شروع ٿا ڪيون. اُهي ڪهڙيون بنيادي گهرجون آهن جي هڪ مارڪسٽ کي ذهن ۾ رکڻ جي جدوجهد جي طريقن کي سمجهڻ گهرجي؟ پهرين اِهو سمجهڻ گهرجي ته مارڪسزم، قديم ۽ انهن سادن سوشلزم کان ممتاز ۽ الڳ بيٺل آهي جيڪي جدوجهد کي فقط هڪ مخصوص ۽ هڪ خاص رنگ ۾ ڏسندا آهن. مارڪسزم جدوجهد جي مختلف ۽ گوناگون طريقن کي ڏسي ٿو ۽ بجاءِ ان جي جو مختلف طريقن جوهڪ جَمِ غفير ٿاهي. بلڪه مختلف جدوجهد جي طريقن جي خيالن ۽ حقيقتن کي جمع ڪري، ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، جوڙي ٺاهي توري تڪي، هڪ معنيٰ ڏئي ٿو جيڪي انقلابي طبقن منجهان جدوجهد جي عمل دوران پيدا ٿين ٿا. مارڪسزم پراڻن ۽ مُدي خارج حڪمت عملين ۽ طريقن خلاف جارحاڻو رُخ اختيار ڪندي عوامي جدوجهد کان هڪ محتاط ۽ مُدبر رويو طلب ڪري ٿو. جيڪا تحريڪ جي واڌاري سان، جيئن جيئن طبقاتي شعور ۾ واڌارو ٿئي ٿو، معاشي ۽ سياسي گهوٽالو وڌي ٿو، تيئن تيئن جديد ۽ نت نوان بچاءُ ۽ وڙهڻ جا خوبصورت انداز ٿو فراهم ڪري. ان ڪري ئي مارڪسزم ڪنهن به جدوجهد جي طريقي کان انڪار نه ٿو ڪري. مارڪسزم، ڪهڙين به حالتن ۾ پاڻ کي جدوجهد جي رائج طريقن تائين محدود نه ٿو ڪري، بلڪه نوان طريقا ۽ راهون ٿو ڏسي. اِن ڏس ۾ مارڪسزم ماڻهن جي جدوجهد مان سکي ٿو. اسان ڄاڻون ٿا جيئن ڪائوتسڪي چيو هو ته هر نئون بحران هڪ نئين جدوجهد جي طريقي کي ايجاد ٿو ڪري جنهن کي اسان هينئر جانچڻ کان قاصر آهيون.

ٻئي پاسي مارڪسزم جدوجهد جي طريقن جي هڪ قطعي تاريخي جانچ جو مطالبو ڪري ٿو. هِن سوال کي تاريخي حالتن کان سواءِ جانچڻ دراصل جدلياتي ماديت سان سنئون سڌو ٽوڪو آهي. سماجي ارتقا جي مختلف مرحلن تي، تبديل ٿيل قومي ثقافتي، سياسي ۽ ٻين حالتن جي سبب، مختلف جدوجهد جا طريقا ظاهر ٿيندا رهندا آهن، جيڪي پوءِ مکيه جدوجهد جا طريقا ٿي پون ٿا. جن ڪانپوءِ ٻيا مددي جدوجهد جا طريقا به تبديل ٿي وڃن ٿا. ڪنهن به جدوجهد جي طريقي کي بنا تاريخي طور تي ڇنڊڇاڻ جي هڪ مقرر ارتقا جي دور ۾ 'ها' يا 'نه' ۾ طئي ڪرڻ معنيٰ مارڪسزم جي نفي ڪرڻ آهي.

ٻه مکيه قانون اِن ڏس ۾ ٻُڌايا ٿا وڃن. مارڪسي تاريخ اُلهندي يورپ ۾ اهڙا انيڪ مثال ٻُڌائي ٿي جيڪي مٿئين نظريي کي سچا ثابت ڪن ٿا. يورپي ملڪ سوشل ڊيموڪريسي، پارلياماني سياست ۽ ٽريڊ يونين جدوجهد کي، جدوجهد جو مکيه طريقو قرار ڏين ٿا، ماضي ۾ اُنهن تشدد وسيلي

مُلڪ جو اختيار حاصل ڪرڻ ڪي صحيح چاتو هو، ستر جي ڏهاڪي ۾ سوشل ڊيموڪريسي هڙتال کي مسئلن جو ڪُل حل نه ٿي مڃيو ته ڪيئن هڪ ڏڪ سان بورجوازي کي غير سياسي طريقي سان هٽائي ڇڏجي پر سوشل ڊيموڪريسي مخصوص حالتن ۾ جدوجهد جي هن طريقي کي جنهن ۾ ماڻهن جي سياسي هڙتال جي مُڪمل حمايت ڪري ٿي. (خاص طرح روس ۾ 1905ع واري تجربي کانپوءِ).

سوشل ڊيموڪريسي اڻويهين صدي تائين لڙائي کي رد ٿي ڪيو پر پوءِ ماسڪو جي تجربي کانپوءِ اِن کي قبولڻ لڳا جيڪو ڪائوتسڪي جي لفظن ۾ نون لاڙن کي متعارف ڪرڻ جو باعث بنيو.

(ب)

مارڪسي نقطئه نظر پُڌائڻ کانپوءِ اچو ته روسي انقلاب تي هڪ نظر ٿا وجهون. اچو ته تاريخي ارتقا کي ساريون جن اُتي جدوجهد جي مختلف طريقن کي جنميو. پهريان مزدورن جي معاشي هڙتال (1900 – 1986ع)، پوءِ مزدورن ۽ شاگردن جا سياسي مظاهرا (02- 1901ع)، هارري بغاوتون (1902ع)، عوامي سياسي هڙتالن جي شروعات (روستو 1902ع، سانوٽي هڙتالون 1903ع، 9 جنوري 1905ع)، ڪل روسي سياسي هڙتال (آڪٽوبر 1905ع)، عوامي ويڙهه ۽ منظم فوجي بغاوت (ڊسمبر 1905ع)، امن پسند پارلياماني جدوجهد (اپريل جون 1906ع)، فوجي بغاوتون (جون 1905- جولاءِ 1906ع) ۽ اڏيون گابريون هاري بغاوتون (سرءُ 1905- سرءُ 1906ع).

انتقامي ويڙهه جو طريقو، جيڪو آٽوڪريسي طرفان متعارف ڪرايو ويو جنهن کي بليڪ هنڊريڊ پروگرام سڏيو ويو سو 1903ع بهار کان وٺي 1906ع تائين اثرانداز رهيو. هن عرصي دوران بليڪ هنڊريڊ پروگرامس کي نه صرف منظم ڪيو ويو پر بِئي طرف يهودين، شاگردن، انقلابين کي مسلسل دٻايو ويو.

اهو هو تاريخي پسمنظر. هن مضمون جو مقصد ان مظهر کي جانچڻ آهي ته جدوجهد ڇا ٿيندي آهي؟ هُن جا طريقا ڇا هوندا آهن؟ هُن جا سبب ڇا هوندا آهن؟ هُو ڪڏهن اسرندي آهي ۽ ڪيستائين ويندي آهي؟ انقلابي عمل ۾ هُن جي اهميت ڇا هوندي آهي؟ پورهيت طبقي جي جدوجهد سان هُن جو ڪهڙو سنبنڌ هوندو آهي؟ هاڻي اچو ته واري واري سان انهن سوالن جي جوابن طرف رجوع ٿا ڪريون.

جنهن لقاءُ کي اسان جانچڻ ٿا گهرون سو آهي 'هٿياربند جدوجهد'. هي جدوجهد فردن يا ننڍن گروهن طرفان ڪئي وڃي ٿي. انهن مان ڪجهه جو واسطو انقلابي تنظيمن سان هجي ٿو. باقي ٻيا (رشيا جي اڪثر علائقن ۾) ڪنهن به انقلابي ڌُر سان واسطي ۾ نه آهن. هٿياربند جدوجهد به مختلف مقصد ڪٽي اڳتي هلي ٿي جيڪي الڳ الڳ ۽جداگانه حيثيت جا حامل آهن. پهريون ته هي جدوجهد فردن، اعليٰ ۽ هيٺين سطح جي فوج توڙي پوليس جي عملدارن کي قتل ڪري ٿي، ٻيو ته هُن جو حدف مال کي ضبط ڪرڻ آهي جيڪو يا ته سرڪار جو يا وري خاص فردن جو هجي ٿو. اِهو ضبط ڪيل مال، ڪجهه ته پارٽي جي خزاني ۾ وڃي ٿو جڏهن ته باقي اسلحي خريدڻ ڪاڻ يا وري ڪنهن بغاوت جي تياري لاءِ مختص ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته هِن ضبط ڪيل مال جو ڪجهه حصو اُنهن ماڻهن لاءِ به رکيو ويندو آهي جي هٿياربند جدوجهد ۾ هڪ مکيه ڪردار ادا ڪندا رهندا آهن. گهڻو ڪري مکيه حصو (جيئن ڪاڪَسنِ، جتي 200000 رُبل ۽ ماسڪو جتي 575000 رُبل) خرچ ڪيو ويو صرف انقلابي تنظيمن لاءِ جڏهن ته بقايا مال مٿي ڏسيل مقصدن لاءِ خرچ ڪيو ويو. هن قسم جي جدوجهد 1900ع کانپوءِ ئي ترقي يافته شڪل اختيار ڪئي. (ڊسمبر جي

بغاوت ڪانپوءِ) هِن جدوجهد جو مکيه سبب سياسي انتشار/ بحران جو وڌڻ، ٻُک غربت، ۽ بيروزگاري جو ڳوڻن توڙي مُلڪ ۾ پکڙجڻ پڌايا وڃن ٿا. جدوجهد جو هي طريقو آبادي جي چڙوچڙ ماڻهن، لمپن پرولتاري، مزدور طبقي ۽ انارڪسٽ ڏڙن طرفان اپنايو ۽ همٿايو ويو. مارشل لا جو اعلان ڪرڻ، نون ڪارندن کي همٿائڻ، بليڪ هنڊريڊ پروگرامس (سيڊ ليٽس) ۽ فوجي ڪورٽن کي انتقامي ڪارروايون ڳڻائي سگهجي ٿو جي آٽوڪريي طرفان ايجاد ڪيون ويون/ اپنايون ويون.

III

عمومي طرح گوريلا جدوجهد کي انارڪزم، بلانڪزم، دهشتگردي، چڙواڳ انفرادي عمل، جيڪو پورهيتن کي نااميد ڪري، آبادي کي تمام وڏي حصي کي ڏِڪاري،تحريڪ کي ڪمزور، نيستو ڪري ۽ انقلاب کي ڪاپاري ڏڪ رسائي سمجهيو ويندو آهي. اِن سمجهاڻي جي حمايت ۾ هر روز اخبارن ۾ ڇپجندڙ واقعات کي مثال طور ڏئي سگهجي ٿو.

پر ڇا اهڙا مثال ايترو يقين ڏياريندا آهن جن تي پروسو ڪري ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي؟ اِن مفروضي کي آزمائڻ لاءِ اچو ته هڪ علائقي جو مثال ٿا کڻون جتي جدوجهد جو طريقو جيڪو پاڻ جانچي رهيا آهيون. وڏ ڪان وڏ اسريل آهي. ليٽس علائقو. هڪ اخبار نوي وريميا (Noveye Vremya) پنهنجي سيپٽمبر 9 ۽ 12 جي شماري ۾ ليٽش سوشل ڊيموڪريٽس جي هن رويي بابت دانهين ٿي. ليٽش سوشل ڊيموڪريٽس ليبر پارٽي (رشين سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو هڪ حصو) پنهنجي اخبار جون باقاعده 30000 ڪاپيون جاري ڪري ٿي. پنهنجي جاري ڪرده شماري ۾ هڪ ڪالم جاسوسن لاءِ رکيل آهي جن ۾ جاسوسن جون فهرستون شايع ڪري هر مهذب ماڻهن کي لازم قرار ڏنو ويو آهي ته ڪين (جاسوسن کي) ختم ڪن! جيڪي ماڻهو پوليس جي مدد ڪن ٿا تن کي ”انقلاب دشمن“ قرار ڏئي هُنن کي نه صرف اشد مارڻ جي صلاح ڏني ٿي وڃي بلڪه سندن ملڪيت ضبط ڪرڻ کي لازمي ٺهرايو ٿو وڃي. عام ماڻهن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو صرف دستخط ٿيل ۽ مُهر لڳل رسيد کي ڏسي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي کي چندو ڏين. پارٽي جي تازي رپورٽ موجب ڪُل 48000 رُوبل ساليانو اپت مان 5600 رُوبل لبئو شاخ هٿيارن لاءِ ڏنا، جيڪا قبايل رقم هئي. هاڻي اِهو عين فطري آهي نوي وريميا انهن دهشت پسند حڪومت خلاف پنهنجي غم و غصي کي ظاهر ڪري.

ڪنهن ماڻهو ۾ ايتري جرئت ناهي جو ليٽش سوشل ڊيموڪريٽس جي هنن عملن کي انارڪزم، بلانڪزم يا دهشتگردي قرار ڏئي. ڇا لاءِ؟ ڇاڪاڻ ته هينئر اسان وٽ هڪ چٽو رابطو موجود آهي جدوجهد جي نئين طريقي ۽ بغاوتن جي وچ ۾ جي تازو ڊسمبر ۾ اپريون ۽ هاڻ وري اُپرڻ شروع ٿيون آهن. اِها هڪ حقيقت آهي ته گوريلا جدوجهد ڊسمبر کان ئي تمام تيزي سان پکڙي آهي سا غير تڪراري ٿي وئي آهي جنهن جو زور نه صرف معاشي بلڪ سياسي بحرانن تي آهي. پراڻي دهشتگردي صرف دانشوراڻي سازش جو معامرو هو.... پر اڄ گوريلا جنگ هڪ پورهيت جو مُک هٿيار بڻجي چُڪي آهي. بلانڪزم ۽ انارڪزم انهن ماڻهن جي ذهنن تي حاوي ٿي وڃي ٿي جن وٽ هڪ راهه عمل اختيار ڪرڻ لاءِ ڪمزوري هجي پر هڪ بغاوت جي صورت ۾، جيڪي ليٽش علائقن ۾ آهن، اُتي اهڙا لفظ بي معنيٰ ۽ مُدي خارج لڳن ٿا.

ليٽس جي مثال مان اسان سمجهي سگهون ٿا ته ڪيترو غلط، غير سياسي ۽ تاريخي بحٿن کان وانجهيل عمل رهيو آهي ڪنهن به گوريلا جنگ کي جانچڻ جو بنا

انهن سببن کي مدنظر رکندي جيڪي اُن بغاوت کي جنميندڙ آهن. حالتون هميشه مدِنظر رکڻ گهرجن، حڪومت خلاف وڏي بغاوت کان پهرين اسان کي ڪڙي نظر سان وچين عرصي کي جانچڻ گُهرجي، انهن جدوجهد جي طريقن کي مدنظر رکڻ گهرجي جي انهن حالتن تحت پيدا ٿين ٿا ۽ اِن مسئلي کي رٽيل سٽيل جملن عيوض دٻائي نه ڇڏجي. جيئن نو.... وارد ڪندا آيا آهن.

اِهو چيو ويندو آهي ته گوريلا سرگرمي اسان جي ڪم کي متاثر ڪندي. اچو ته هِن ڳالهه کي ڊسمبر 1905ع کان وٺي بليڪ يوگدان ۽ مارشلا تائين پيدا ٿيل حالتن جي روشني ۾ ڏسون. تحريڪ کي کهڙي شيءِ غير منظم ڪري ٿي؟ مزاحمت جي اٿهوند يا منظم گوريلا جدوجهد؟ رشيا کي سندس اولهائين پاڙيسرين پولينڊ ۽ليٽش علائقن سان ڀيٽي ڏسو. اِها پلي پٽ خبر آهي ته گوريلا جدوجهد اُلهندي علائقن ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم آهي ۽ اِهو به واضح آهي ته انقلابي جدوجهد عام عام طرح ۽ سوشل جمهوري تحريڪ خاص طرح وچ رشيا ۾ وڌيڪ غير منظم ۽ غير فعال آهن الهندي سرحدي علائقن کان. بيشڪ ته اِن ڳالهه مان اِهو نتيجو ڪڍڻ ته گوريلا تحريڪ جي هجڻ جي ڪري ئي سوشل جمهوري تحريڪ پولينڊ ليٽشس علائقن ۾ وڌيڪ مضبوط آهي. نه بلڪ ائين ڪٿي چئجي ته روس ۾ سوشل جمهوري پورهيت طبقي جي غير منظم هجڻ جو سبب گوريلا جدوجهد کي نٿو ٺهرائي سگهجي.

هن صورتحال کي قومي حالتن سان غلط طريقي سان ڀيٽيو ويندو آهي پر اهو اشارو به تمام ڪمزوري سان مٿين بحث کي ڏوڪي ۾ رکي ٿو. جيڪڏهن اهو قومي حالتن جو سوال آهي ته اِهو انارڪزم، بلانڪزم يا دهشتگردي جو سوال نه آهي جو اِهي عام طرح پوري روس ۽ خاص طرح روسين کي درپيش آهي پر ڪنهن ٻي طرح سان! هِن ’ٻي طرح‘ کي خاص طرح، ڌيان سان جانچٽو پوندو پوءِ اوهان ڏسندؤ ته قومي استحصال يا متفرق رويو ڪجهه به سمجهائي نه ٿو سگهي چو ته اِهو هميشه اُلهندي سرحدي علائقن ۾ رهيو آهي، جڏهن ته گوريلا جنگ صرف هاٺوڪي تاريخي دؤر تحت پروان چڙهي آهي. اهڙيون ڪيتريون ئي جايون/ هنڌ آهن جتي قومي جارحيت موجود آهي پر اُتي گوريلا جدوجهد نه آهي. ڳوڙهي چنڊ ڇاڻ سان پتو پوندو ته گوريلا جدوجهد جو سوال قومي استحصال سان ٻڌل نه بلڪ طاقت جي ڏي تي ماڻهن جي منظم جٿي جو ڪنهن مُلڪ تي ڪنٽرول ڪرڻ جو آهي. گوريلا جنگ اُن وقت جدوجهد جو اڻ ٽر هٿيار بنجي ٿي جڏهن ماڻهن جي اڪثريت جدوجهد هڪ ڳڏيل مقصد خاطر بغاوت لاءِ تيار هُجي. اِها گوريلا جنگ/ مهم جوئي نه آهن جيڪي تحريڪ کي ڪمزور ڪن، پر اِها پارٽي جي تحريڪ جي ڪمزوري آهي جا اِنهن عملن کي پنهنجي وس آهر رکڻ ۾ ناڪام وڃي ٿي. گوريلا جنگ جي گهربل تاريخي حالتن کان بي خبري سبب اسان اِن جنگ جي ناڪاري اثرن کي ختم ڪرڻ کان قاصر آهيون. پوءِ به اِها جدوجهد جاري رهي ٿي. اِها تحريڪ پوءِ به ٿيندي رهي ٿي. اُنهن معاشي يا سياسي سببن کي (جي هِن کي پروان چاڙهين ٿا) ختم ڪرڻ اسان جي وس ۾ ناهي. اسان جون گوريلا جنگ خلاف شڪايتون دراصل هڪ بغاوت وقت اسان جي پارٽي ۾ موجود ڪچائين جي خلاف شڪايتون آهن.

هيئنر تائين جيڪو ڪجهه غير منظم جدوجهد لاءِ ڳالهايو ويو آهي تنهن کي ساڳي طرح اڻ همٿائڻ (Demoralization) لاءِ به لاڳو ڪيو وڃي. اِها گوريلا جنگ ناهي جيڪا همت پست ڪري ٿي بلڪه اهي غير

منظم، غير فعال، پارٽي کان لاتعلق گوريلا حرڪتون آهن. صرف زباني تنقيد سان انهن گوريلا حرڪتن کي دٻائي يا ختم نٿو ڪري سگهجي جيڪي پارٽي کي ڪمزور ۽ نبل ڪن. اِهو پڻ خيال ۾ رکيو وڃي ته جي اسان اهڙين حرڪتن کي ٻنجو نه ڏئي سگهياسين ته پارٽي به اهڙا ائبنارمل ۽ غير مهذباڻا طريقا اپنائيندي. اِهو اعتراض ٻُه ته جدوجهد جي هڪ طريقه ڪار (گوريلا جنگ) کي صفا ڦِٽو ڪري ڇڏجي ۽ ڪيس ختم ڪري پاسيرو ٿي وڃجي ته اِهو به خالصاً بورجوا لبرل طريقهءِ ڪار ٿي پوندو. ڇاڪاڻ ته ڪو مارڪسٽ خانه جنگي ۽ گوريلا جنگ کي بيسود قرار نٿو ڏئي سگهي. هڪ مارڪسٽ طبقاتي جدوجهد ۾ ويساهه رکي ٿو. ڪجهه مخصوص حالتن ۾ جڏهن معاشي توڙي سياسي بحران چوٽ چڙهيل هجن ته طبقاتي جدوجهد هڪ سڌي خانه جنگي طرف وڌي ٿي جتي سماج جا ٻه طبقا منهن سامهان ٿي هڪٻئي خلاف جنگ ڪن ٿا.اهڙين حالتن ۾ هڪ مارڪسٽ تي فرض هجي ٿو ۽ هو خانه جنگي جو پاسي وٺي بيهي. اهڙين حالتن ۾ خانه جنگي کي دٻائڻ هڪ مارڪسٽ جو شيوو نه آهي.

خانه جنگي جي دور ۾ هڪ سچي پرولتاري پارٽي هڪ ويڙهو پارٽي هجي ٿي.

گوريلا جنگ، تحريڪ کي ڪهڙي طرح غير منظم ڪري ٿي؟ اِن سوال جو هڪ تنقيدي جائزو وٺڻ گهرجي. جدوجهد جو هر نئون طريقو پاڻ سان گڏ نوان خطرا سانڍي رکي ٿو، جيڪا اوس تحريڪ کي غير منظم ڪرڻ جي زميوار هجي ٿي جو اُها تحريڪ انهن نون طريقن کان غير واقف آهي. هر فوجي قدم ڪنهن به جنگ ۾ ڪنهن حد تائين، وڙهندڙن جي جٿن کي غير منظم ڪري ٿو. پر ان جو هرگز هي مطلب نه آهي ته ڪو ويڙهه نه ڪجي بلڪه ڳالهه اُن هُنر جي آهي، اُن عقل جي آهي جيڪو هڪ بامقصد، ترتيب وار ويڙهه ڏانهن ڪٽي وڃي. بس!

جڏهن مان سوشل- ڊيموڪريٽس کي فخر ۾ ائين چوندي ڏسانٿو ته ”اسان انارڪسٽ نه آهيون، چور، ڌاڙيل نه آهيون، اسان انهن سڀن کان مٿي آهيون، اسان گوريلا جنگ کي رد ٿا ڪيون“، مان پاڻ کان پُڇان ٿو، ڇا اهي ماڻهو ڄاڻن ٿا ته اهي ڇا ٿا چون؟ فوجي اختلاف ۽ جهڳڙا بليڪ- هنڊريڊ جي حڪومت ۽ آبادين وچ ۾ پوري مُلڪ ۾ جاري آهن. اِها هڪ قطعي طور تي اڻ ٽر صورتحال آهي. موجوده انقلاب جي شروعاتي حالت ۾. آبادي جو وڏو حصو خودرُو ۽ غير منظم طريقي سان، هڪ بدقسمت ۽ اڻ وٽندڙ طريقي سان، فوجي طريقي سان هن مظهر خلاف ردعمل ڪري رهيا آهن. آءٌ سمجهان ٿو ان سوال کي عام ڪارڪن طئي ڪن، ۽ هڪ غير منظم ۽ ڪمزور تحريڪ جو مسئلو ڪو آسان مسئلو نه آهي. پر جڏهن آءٌ ڪنهن سوشل ڊيموڪريٽ نظريه دان کي اِن تحريڪ جي ڪمزور ٿيڻ تي ڪَن لاٿار ڪندي ڏسان ٿو يا اُٿلندو هڪ غير ذميواراڻي ۽ پاڻ مٿيرائپ واري روش اختيار ڪندي انارڪزم، بلانڪزم ۽ دهشتگردي بابت رٽيل جملا ڳالهائين ٿا، مان انقلابي دنيا جي هِن طاقتور هٿيار جي ائين گهٽتائي ڪرڻ تي ڏُڪارو آهيان.

اِهو چيو وڃي ٿو ته گوريلا جنگ، طبقاتي سوال کان باخبر پرولتاري طبقي کي گهٽ پڑهيل ۽ ٻي سمجهن سان ويجهي تعلق ۾ ڳنڊي ٿي. اِهو سچ آهي. جدوجهد جي هِن طريقي (گوريلا جنگ) کي پَل ته اپنايو وڃي پر اِن کي جدوجهد جي مُک طريقي سان ڳنڍيو وڃي ۽ ڪيس سوشلزم جي اثر تحت وڌيڪ اثرائتو ۽ ڪارگر بڻايو وڃي ۽ هِن پوين شرط ڪانسواءِ، سڀ جا سڀ، جدوجهد جا طريقا ڪنهن بورجوازي معاشري ۾ پرولتاري کي هڪ غير پرولتاري

طبقي سان هڪ ويجهي لاڳاپي ۾ آڻي بيهارين ٿا، ۽ جيڪر اهي خودرو حالتن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيا وڃن ته اُهي بيڪار ۽ خرافات ٿي وڃن ٿا، هڙتالون جيڪر خودرو ڇڏي ڏجن، ته اُهي هڪ ”اتحاد“ بڻجي پون ٿا. ناهه ٿي پون ٿا ورڪرن ۽ مالڪن جو واپرائيندڙن خلاف ناهه. پارليامينٽ هڪ ڇڪلو بڻجي پوي ٿي جتي بورجوا سياستدانن جو ٽولو، ”قومي آزادي“، لبرلزم“، ”جمهوريت“، ”ريپبلڪنزم“، ”اينٽي ڪليڪزم“، ”سوشلزم“ ۽ ٻيا ڪيئي وکر کپائڻ لاءِ سرگرم نظر اچن ٿا. هڪ اخبار سواءِ هڪ خرافات جي جيڪا ماڻهن جو ذهن خراب ڪري ان ڪانسواءِ ڪجهه نه ٿي بچي.

سوشل ڊيموڪريسي وٽ اهڙو ڪو آفاقي جدوجهد جو طريقو نه آهي جنهن سان پرولتاري طبقي جي هيٺان مٿان ڪا ديوار چين ڪڙي ڪري ڇڏجي بلڪ مختلف موقعن تي، سوشل ڊيموڪريسي مختلف طريقا اپنائي ٿي، جيڪي سختيءَ سان نظرياتي ۽ تحريڪي اصولن تي ڪاربند هجن.

IV

روس جي انقلابي جدوجهد جا طريقا، يورپ جي بورجوازي انقلابن کان گهڻي قدر مختلف آهن. ڪائوتسڪي اِن ڳالهه کي 1902ع ۾ ٻڌايو هو جڏهن هُن چيو هو ته مستقبل جا انقلاب بجاءِ ماڻهن جو حڪومت خلاف جنگ جي، سماج جي ٻن طبقن جي وچ ۾ جنگ جهڙا هوندا. روس ۾ بلاشڪ پوين ٻن طبقن جي وچ ۾ جنگ جهڙي صورتحال اسان ڏٺي جا يورپ جي بورجوا انقلابن کان مختلف آهي. اسان جي انقلاب جا دُشمن گهٽ آهن پر جيئن جيئن جدوجهد مضبوط ٿئي ٿي، تيئن تيئن انقلاب دُشمن بورجوا طبقي جي مدد سان وڌن ويجهن ٿا. تنهنڪري اِهو بلڪل اٽڙ آهي ته اهڙي وقت ۾، هڪ قومي سطح تي ڦهليل سياسي هڙتالن جي وقت ۾، هڪ بغاوت کي هڪ مخصوص وقت ۽ علائقي تائين محدود نٿو سمجهي سگهجي. اهو بلڪل اڻ ٽر امر آهي ته اِها بغاوت هڪ مثالهين ۽ پيچيده ڊگهي خانه جنگي جي صورت اختيار ڪري پوري مُلڪ کي لپيٽ ۾ آڻي يعني مسلح جدوجهد معاشري جي ٻن طبقن جي وچ ۾ ويڙهه. سوشل ڊيموڪريٽس جي اِها ذميواري آهي ته تحريڪ کي اِن ڌارا ۾ آڻي سُڌارين ۽عوام جي اهڙي جدوجهد ۾ اڳواڻي ڪن. اهڙي وقت ۾ جڏهن طبقاتي جدوجهد تمام گهڻي ترقي ڪري وڃي ۽ اِها سول وار تائين وڃي پهچي ته اِها سوشل ڊيموڪريٽس جي ذميواري آهي ته نه صرف اِن سول وار ۾ حصو وٺن بلڪ اِن جي اڳواڻي ڪن. سوشل ڊيموڪريٽس ان حوالي سان پنهنجي تحريڪ کي مُنظم ڪن ۽ ان حوالي سان اهڙي نموني تيار رهن جو دشمن تي وار ڪرڻ ۽ کيس نقصان پهچائڻ جو هڪ به موقعو هٿان نه وڃائڻ ڏين.

اِهو تمام ڏکيو ڪم آهي، ان ڪان ڪو انڪار نه آهي. اِهو سڀ يڪدم حاصل ڪرڻ آسان نه آهي. اسان کي اِن حوالي سان بهترين تربيت ۽ هوشياري کان ڪم ڪرڻو پوندو.

اسان هرگز عملي ڪارڪن جي مٿان جدوجهد جا هٿرادو طريقا مڙهڻ نه ٿا چاهيون. اسان انهيءَ سوچ کان به پري آهيون صرف گوريلا عملن جي چندڇاڻ ڪري کيس سوشل ڊيموڪريسي جو رويو (Trend) قرار ڏيون. پر اِها اسان پنهنجي ذميواري ٿا سمجهون ته هڪ صحيح جائزو وٺي، جدوجهد جي نون طريقن کي اپنائي سگهون. اِها به اسان جي ذميواري آهي ته اهڙن تعصبين سان وڙهون ۽ طبقاتي سوال کان باخبر ڪارڪنن کي اهڙي نازڪ سوال کان صحيح آگاهي ڏئي کين صحيح حل تائين پهچڻ ۾ مدد ڪيون.

تاريخ

حُر تحريڪ : هڪ جائزو

امين قريشي



”حُر تحريڪ“ بنيادي طور هڪ سئو سالن کان وڌيڪ عرصي تائين جاري رهندڙ سياسي جدوجهد جو نالو آهي. ان مزاحمتي تحريڪ جو آغاز يا بڻ بنياد 1843ع يعني انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ واري وقت کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ به ڪيترن سالن تائين جاري رهيو.

اوڻيهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي کان شروع ٿيندڙ ۽ ويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ عروج حاصل ڪرڻ تائين جي طويل تسلسل ۾ جتي مزاحمتي تحريڪ ۾ جهول ۽ ڪچ پڪايون آهن اتي ان وقت سان هم آهنگ ٿيندڙ سياسي سوچ جي نيڪ عڪاسي پڻ ٿئي ٿي.

حر تحريڪ جي ذڪر ڪرڻ سان گهڻي ڀاڱي پڙهندڙن جي ذهن ۾، سورهيه بادشاهه جي مزاحمت وارو آخري دور يعني ويهين صدي جي چوٿين ڏهاڪي جو خيال اچي ٿو. جڏهن ته ان سموري مزاحمت کي ماضي جي پس منظر کان ڪٽي ڏسڻ بلڪل غلط ٿيندو.

هن تحريڪ جي ماضي جي اهم اوڻيهين صديءَ جي ”مزاحمتي دورن“ تي ڌيان ڪم ڀنهه ڪونهي، پر ساڳي وقت پنين ويهين صديءَ واري اهم ۽ فيصلائتي دور ۾ پڻ ٿيندڙ مزاحمت بابت ڪم ڳڻڻ ۾ ئي نٿو اچي. هڪ طرف اسان ان دور جي وڏن وڏن سياسي ٻَتَنَ کي هن سموري تحريڪ کان ذري گهٽ لاتعلق ڏسون ٿا ته ٻئي طرف حال اهو آهي جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن 1962ع ڌاري محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي اخبار ۾ ”حر تحريڪ“(1) جو خاص نمبر شايع ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري ته به ڪيس جيل موڪليو ٿو وڃي. ان مان اهو اندازو به ٿئي ٿو ته انگريزن جي نڪرڻ کان پوءِ به ان جي ڇڏيل ”جانشين اسٽيبلشمينٽ“ ان وقت تائين ڪيڏي نه خوف ۾ ورتل هئي جيستائين هنن حر مجاهدين کي پنهنجي فوج جو حصو بنايو ۽ سک جو ساهه کنيو.

هن وقت تائين حر تحريڪ تي سائنسي بنيادن تي، عوامي نقطئه نگاهه کان ڪم بلڪل ٿيل ناهي. ان ڪري عوام جي ذهنن ۾ هن تحريڪ بابت تصور به چٽا ناهن.

گهڻي ڀاڱي هن تحريڪ بابت اسان کي ڪجهه مضمونن جو مجموعو ملي ٿو جن جو اندازو به سائنسي ۽ منطقي گهٽ پر رومانوي وڌيڪ آهي.

عوامي نقطئه نگاهه کان گهڻا جهول ۽ ڪمزوريون رکندڙ محمد عثمان ڏيپلائي جو ناول ”سانگهڙ“ چڱي ڀلي معلومات جو ذخيرو ضرور آهي. پر ان ۾ تاريخي حقيقتون گهٽ ۽ انهن جي چندچاڻ گهٽ پر داستان گوئي وڌيڪ آهي، پر پوءِ به ان ناول مان حر مزاحمتي تحريڪ جا مقصد چٽا ٿين ٿا ۽ عوام جي جرئت مند ۽ دليراڻي ويڙهه جي حدن جو طعين ٿئي ٿو.

ٻئي پاسي انگريز سامراج جي حڪمران طبقي سان تعلق رکندڙ ۽ ان

سموري مزاحمت کي ڪچلڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا
ڪندڙ ”ليمبرڪ“ جوناول ”ٽيررسٽ“ ”Terrorist“ آهي. برطانوي حڪمرانن جو رايو اهو ئي ٿي پيئي سگهيو ته اهي سمورا حُر ۽ انهن جي انگريز مخالف مزاحمتي تحريڪ پيو ڪجهه به ناهي سواءِ ”دهشتگردي“ جي. ان ڪري حڪمرانن جو موقف اهو ئي رهيو ته اهي ڌاڙيل، ڦورو، لٽيرا، شرپسند آهن.

ٽيون ڪم پروفيسر محمد عمر چنڊ ڪيو آهي جيڪو ڪجهه قدر تحقيقي ۽ ڪجهه قدر سهڙيندڙ ڪتاب آهي. جنهن جو نالو آهي ”Brutility of British Empire….“ هن ڪتاب جو زور به مزاحمتي تحريڪ ۾ ٿيندڙ راشدي پير خاندان جي ملڪيت کي ٿيندڙ نقصان ۽ انهيءَ ملڪيت کي ڦٻائڻ وارا پهلو، يا وري گادي نشيني تي ٿيندڙ سازشن ۽ انهن بابت ٿيل انگريز سرڪار واري تاريخي خط و ڪتابت وارا پاسا گهڻا ۽ بهتر کان بهتر طريقي سان بيان ڪيل آهن. تحريڪ جا لاتعداد پاسا اڃا به ساڳي ريت رهيل آهن. جنهن بابت معلومات اها آهي ته مٿي ذڪر ڪيل پروفيسر صاحب، پنهنجو تاريخي فريضو سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي.

هن ”مزاحمتي تحريڪ“، بابت اسان وٽ عام تصور به گهڻا ورهايل آهن. هڪڙو مڪتبه فڪر اهڙو آهي جيڪو حڪمرانن يعني انگريز سامراج وارو موقف ٿوري گهڻي فرق سان ورجائي ٿو. يعني سموري ويڙهه کي دهشتگرد ڌاڙيل، ڦورو نقطئه نظر سان ڏسڻ. ڇو جو وقت جا حڪمران اهڙا تصور جوڙي ڏيئي ويا. انگريز سامراج 1857ع جي جنگ کي، ”غدر، بغاوت“ جي نالي سان سڃاتو ٿي. جڏهن ته ان وقت ئي عوامي سوچ رکندڙ، مارڪس انهيءَ بغاوت ۽ غدارن جي تحريڪ کي آزادي جي جنگ ڪوٺيو هو.

هڪ مڪتبه فڪر اهڙو آهي جيڪو هن مزاحمتي جدوجهد کي سنڌ جي پهرين آزادي جي جنگ، پهرين گوريلا ويڙهه، پهرين سياسي تحريڪ تسليم ڪري ٿو. جيڪو سورهيه بادشاهه جي ڏنل ”وطن يا ڪفن“ واري نالي کي مڪمل ”Own“ ڪري ٿو ۽ ان مان مڪمل اتساهه حاصل ڪري ٿو.

هڪ مڪتبه فڪر انهيءَ سموري ماجرا کي صرف گادي جي ويڙهه، يا ڪجهه قدر مذهبي رنگ ۾ رڱيل ويڙهه جي رخ کان ڏسي ٿو. جيڪو تنقيد جو مڪمل طور ڪمزور پهلو آهي. ڇاڪاڻ ته سياسي تحريڪن جا سياسي رنگ به اهي ئي هوندا جهڙا خود سماج هوندا. جاگيردارن، يا زرعي سماجن ۾ مختلف سياسي تحريڪن جا روپ، پنهنجو اظهار رائج مذهبي روپن ۾ به ڪندا رهيا آهن.

جيئن 1857ع جي جنگ آزادي جي تحريڪ، بنيادي طور مرندڙ ۽ ختم ٿيندڙ بادشاهي، جاگيرداري جي بحالي جي تحريڪ هئي. پر پنهنجي جوهر ۾ سامراج مخالف هئي. گهڻي پاڳي اسان کي ننڍي کنڊ جي سماجي اٿل پٿل، مذهبي رنگن روپن ۾ ويڙهيل نظر اچي ٿي. پر جيڪڏهن ڪو گادي، مذهبي يا ڪنهن فرقي وارو پهلو به ڇو نه هجي ان جو جائزو، تجزيو، سائنسي بنيادن تي ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اهي حالتون به تاريخي جبر طور پيدا ٿيل آهن. ان ڪري گادي نشيني جي ويڙهه يا گادي جي ويڙهه جو تاثر ڏيئي معاملي کان ڪن ٽار نٿي ڪري سگهجي.

سنڌ جي پس منظر ۾ ڏسجي ته هن جي صوفي ڪلچر جي رنگ ۾ ڪيترين ئي گادين، پنهنجي بنيادن ۾ مڪمل سيڪيولر آهن. مثال، سچل، شاهه عنايت، پٽائي، قلندر وغيره وغيره جون گاديون مذهب، رنگ، نسل جي متڀيد کان بالاتر آهن. ڇو جو انهن صوفين جا پوئلڳ

مختلف مذهبن ۽ فرقن سان تعلق رکندڙ آهن.

هاڻي جيڪڏهن معتقد، پوئلڳ، عوام ئي گهڻ مذهبي آهي ته سندس سياسي توڙي سماجي روپ "هڪ مذهبي" ٿي ئي نٿو سگهي، اهو به ممڪن ئي ڪونهي ته هڪ فرقي جي سياست ٿي سگهي. نه ئي اهڙي صورتحال ۾ وري ڪنهن تنگ نظر سياست جو امڪان ممڪن آهي.

مسلم ليگ جي سياست لاءِ ته اهو ممڪن آهي ته هوءَ Pan Islamism طرف وڃي، يا مسلمان جي نج حڪمراني واري رياست قائم ڪري، يا شريعت جو پابند بنائي، پر "ڪانگريس" لاءِ جيڪا عوام جي گهڻ مذهبي نمائنده جماعت آهي. ان روپ ۾ هڪ مذهبي ٿي بيهڻ ممڪن ئي ڪونهي. ان جو مظهر سيڪيولرازم ۾ ئي ٿيٽو آهي. انديا جي رياست جو صدر مسلمان ٿي سگهي ٿو، پر پاڪستان ۾ ان جي ابتڙ سوچڻ توهين آئين پاڪستان آهي. حر مزاحمتي تحريڪ ڪي، مذهبي ويڙهه تائين محدود ڪندڙ يا گادي جي ويڙهه تائين محدود ڪندڙ رايا ان وقت رد ٿا ٿين جڏهن اسان ڏسون ٿا ته مسجد منزل گاهه وارن فسادن کان پوءِ حر جماعت، هندن جو مڪمل تحفظ ڪري ٿي. اهو ان تحريڪ جو نج سيڪيولر پاسو آهي.

يا جيڪڏهن اسان سائين جي ايم سيد ۽ سورهيه بادشاهه واري تاريخي ملاقات جو هتي حوالو سامهون رکون. جتي سائين جي ايم سيد صاحب، سورهيه بادشاهه کي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ٿو ڏيئي ۽ جواب ۾ سورهيه بادشاهه "ڇا لاءِ" ٿو پڇي. جنهن جي جواب مان سائين چيو ته "ان لاءِ ته 1940ع جي ٺهراءُ موجب وطن آزاد ڪرائجي." جنهن تي سورهيه بادشاهه چيو ته "مسلم ليگ ۽ وطن آزاد ڪرائيندي؟!"

انهي مٿين ذڪر ڪيل ملاقات مان هڪ ته ٻنهي شخصيتن جي سياسي بالغپڻي جو اندازو ٿئي ٿو ته انهن ٻنهي حالتن کي ڪيئن ڏٺو ٿي. پر ساڳي وقت سورهيه بادشاهه جو مسلم ليگ کي رد ڪرڻ وارو عمل اهو ٻڌائي ٿو ته هن ليگ ۾ ڪرتا ڌرتا ۽ ان جي انگريز پشت پناهي کي پڻ ٺيڪ طرح سمجهيو ٿي. جيڪڏهن حُر تحريڪ جي ايجنڊا صرف "مسلمانيت" جي دائري ۾ هجي ها ته حالتون ڪنهن ٻئي رخ ۾ به وڃي پئي سگهيون. ساڳي وقت اسان اهو به ڏسون ٿا جيڪڏهن سورهيه بادشاهه ليگ، توڙي ڪانگريس ٻنهي مان ڪنهن جي چونڊ ته نه ڪئي پر هن جو جهڪاءُ سيڪيولر ڪانگريس ڏانهن هميشه مثبت رهيو. ان ڪري ڪنهن حد تائين چئي سگهجي ٿو ته حر مزاحمت جي تحريڪ جي اڳواڻي پلي ڪنهن گادي وٽ رهي هجي پر اها پنهنجي جوهر ۾ ڪٿي به تنگ نظر يا رجعتي نظر نٿي اچي.

حر مزاحمتي تحريڪ جا دور

پهريون دور: هي دور 1843ع کان شروع ٿئي ٿو ۽ 1893ع تائين جاري رهي ٿو. ٻيو دور 1893ع کان 1896ع تائين جو آهي. ٽيون دور 1898ع کان 1921ع تائين رهيو. هن ئي دور ۾ انگريزن حرن لاءِ "Criminal Tribes Act" لاڳو ڪيو هو. جيڪو پاڪستان ٺهڻ تائين"حر ايڪٽ" جي شڪل ۾ رهيو. جنهن جي انگريزن لاءِ معنيٰ "حرن کي ڏسندي ئي گولي هڻڻ" ئي رهيو. ٽئين دور کان ئي انگريزن حرن لاءِ Concentration Camps، جنهن کي هو Settlements چوندا هئا، جوڙڻ شروع ڪيون. لوڙهن وارين ڪيمپن ۾ ٽئين دور ۾ به هڪ اندازي موجب ڇهه هزار ماڻهو واڙيل هئا. جيئن ته مٿين دور بابت معلومات بنهه گهٽ آهي. ان ڪري تاريخ جا اهي ئي دور اڄ به اسان وٽ ڌنڌلايل آهن. تنهن ڪري

اسانکي انهن بنيادي ٽڪرائن جي صحتمند چاڻ حاصل نه ٿي سگهي آهي، جن جي ڪري اهو ٽڪراءُ اڳتي هلندو هلندو سامراج مخالف مزاحمتي تحريڪ جو بنياد بڻيو.

چوٿون دور: هن دور جو آغاز 1921ع کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو سورهيه بادشاهه پير صبغت الله راشدي کي ڦاهيءَ اچڻ ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به جاري رهي ٿو. 1921ع ۾ پير صبغت الله- پير پاڳارو جي حيثيت سان ٻارهن سالن جي عمر ۾ گادي نشين ٿئي ٿو. جيئن ته سورهيه بادشاهه جي عمر اڃا ننڍڙ آهي ان ڪري سندس سنڀال "گارڊين شپ" سکر جي ڪليڪٽر حوالي ٿيل آهي. ان ڪري ماضيءَ ۾ انگريزن کي ناگوار لڳندڙ گادي ۽ ان جي سماجي، سياسي اثر رسوخ کي ڪجهه قدر پنهنجي ضابطي ۾ ڪرڻ ۽ پنهنجي منشا موجب هلائڻ جو موقعو حاصل ٿئي ٿو. گاديءَ ۾ وفادارن کي پاسيرو ڪرڻ کان ويندي سورهيه بادشاهه جي تعليم لاءِ مقرر ٿيندڙ استادن تائين ان وقت جي ڪامورا شاهي، انگريزن جي حڪمن جي پوئيواري ڪئي. پر جيئن ئي "گارڊين شپ" جو عرصو پورو ٿيو، سورهيه بادشاهه پنهنجي اٿارٽي ۽ مرضي قائم ڪرڻ شروع ڪئي. نتيجي طور ماضيءَ جي ٽڪراءُ جو ورجاءُ هڪدم شروع ٿيڻ لڳو. پهرين مرحلي ۾ انگريزن خاندان جي ملڪيت جي عنصر کي اپاريندي، هڪ ٻئي جي خلاف ڀيهارڻ کي هٿي ڏيڻ وارو عمل ڪيو. پر جيئن ئي حالتون سياسي رخ اختيار ڪرڻ لڳيون ۽ انگريزن جي هٿن مان معاملا نڪرندا ويا تيئن ئي ان وقت جي ڪمشنر سنڌ "جي. اي. ٿامس" ڪليڪٽر سکر "جي آرمود" توڙي ٻي سموري ڪامورا شاهي جي مشينري جو ڪم ڪرمنل ٽرائيب ايڪٽ تحت، حرن ۽ سورهيه بادشاهه کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ، ڪوڙا سچا ڪيس داخل ڪرڻ هو. ان جي نتيجي ۾ 1923ع کان ويندي 1929ع تائين 184 ڪيس داخل ڪيا ويا. جيڪي بنيادي طور تي حر مجاهدين تي لڳايا ويا هئا، جن جو رخ وري سورهيه بادشاهه ڏانهن ڪيو ويو هو ته ان جي حڪم سان ئي اهي ڏوهه ڪيا ويا آهن.

نيٺ مارچ 1930ع ۾ سورهيه بادشاهه کي ڇهن ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو. جن مان هن کي قتل ڪيس ۾ بري "Acquittal" ڪيو ويو. پر هٿيار رکڻ ۽ غير قانوني طور تي پنهنجي ملازم کي قيد ۾ رکڻ جي بنياد تي کين ڏهه سالن جي سزا ڏني ويئي. جڏهن ته ٽن ٻين ڪيسن تان برٽش سرڪار خود هٿ ان ڪري ڪڍي ويئي جوهنن جو سورهيه بادشاهه کي قيد ڪرڻ وارو مقصد پورو ٿي چڪو هو. نتيجن سزا ڪل اٺ سال بيٺي جن مان ٻه ٻه سال ٻيا Good Conduct جي ڪري ختم ٿيا ۽ ڪل جيل جو عرصو ڇهه سال رهيو.

هن کي مختلف جيلن جهڙوڪ رتنا گري، راجشاهي، مدناپور، علي پور ۽ سيوني ۾ رکيو ويو. جتي هو ان وقت جي گڏيل ڪنڊ جي سياسي حالتن کان وڌيڪ باخبر ٿيو ۽ ان وقت جي سياسي هلچل جي گرفتار ٿيل اڳواڻن سان پڻ مليو. جتي هن جي ويڙهه ۽ مزاحمت جو ڪينواس اڃا وسيع ٿئي ٿو. خاص ڪري ڪانگريس جي انقلابي ڌڙي جي اڳواڻ سڀاش چندر بوس سان ملاقاتون اهم آهن. (جنهن جي تصديق جي باري ۾ لکت ۾ مواد گهٽ ملي ٿو). پر ان ڳالهه تي اڪثريتي راءِ اها آهي ته ان وقت جي گڏيل هندستان جي جيل ۾ زندگي جا ڇهه سال گذاريندڙ سورهيه بادشاهه سنڌ ۾ موجود ٻين سياسي ڄاڻ رکندڙن جي ڀيٽ ۾ سياسي صورتحال ۽ ان جو ادراڪ بهتر نموني سمجهي سگهڻ جو موقعو حاصل ڪري سگهيو.

ننڍي کنڊ ۾ ان وقت جون سياسي حالتون

ويهين صدي جو ويهه، ٽيهه يا

چاليهه وارا ڏهاڪا سموري دنيا ۾ توڙي هن ننڍي کنڊ ۾ سياسي اٿل پٿل جي حوالي سان، يا وري انقلابن جي حوالي سان، يا آزادي جي تحريڪن جي حوالي سان، اهم ڏهاڪا رهيا. پهرين عالمي جنگ تحت سموري دنيا جي منڊين جي بندربانٽ، ان ڪانپوءِ انقلابي دورن جا آغاز، جنهن جو مثال روس جو انقلاب آهي ۽ اتان ڪان ملندڙ انقلابي، سامراج مخالف اتساهه اهم آهي. انڊوپاڪ ننڍي کنڊ ۾ جليانوالا باغ وارو قتل عام، ڀڳت سنگهه جي ڦاسي، ڪانگريس جو عوامي احتجاجن جو روپ، سنڌ جو بمبئي کان آزاد ٿيڻ، مسلم ليگ جو Active ٿيڻ، نازي ازم جو سموري دنيا لاءِ خطرو بنجڻ، سڀاش چندر بوس جو هٽلر سان رابطي ۾ اچڻ (واضح رهي ته انگريزن، سورهيه بادشاهه تي به اهي الزام هنيا هئا ته هو انگريز بادشاهي نظام مخالف نازين جي اشاري تي سندن راڄ پاڳ کي ڪمزور ڪري رهيو آهي). اهڙن سياسي ۽ سماجي اٿل پٿل جي دورن ۾ ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي سياسي شعور جو تيز ٿيڻ فطري هئو.

سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ لڳندڙ پهرين مارشل لا

انگريزن، حر مزاحمتي تحريڪ کي، ختم ڪرڻ ۽ سورهيه بادشاهه جي سياسي سرگرمين کي مختصر ڪرڻ لاءِ، پهرين مارشل لا 41-1942ع ۾ لاڳو ڪيئي. ان مارشل لا لاڳو ڪرڻ لاءِ هنن کي پهرين سورهيه بادشاهه کي گرفتار ڪرڻو هو ۽ بعد ۾ ان جي عوامي ردعمل هيٺ مارشل لا نافذ ڪرڻي هئي ۽ هنن ائين ئي ڪيو.

ليمبرڪ کي نه صرف ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ٿرپارڪر ۽ نواب شاهه جي اضافي چارج ڏني ويئي. پر ساڳي وقت هن کي سول ايڊوائيزر ٿو مارشل لا ايڊمنسٽريٽر سنڌ ڪيو ويو. ساڳي وقت هن آپريشن ۾ حصو وٺندڙ ”ميجر جنرل وصال خان“ جيڪو ان وقت فوج جو سينئر انٽيليجنس آفيسر هو. (جنهن جي ئي تجويز سان 1965ع ۾ ”ٿر راجستان سيڪٽر“ حرن جي فوج ٺاهي ويئي هئي. جنهن نه صرف سنڌ جو 1965ع ۾ اوڀر واري سرحد وٽان تحفظ ڪيو پر ساڳيو ڪردار 1971ع واري جنگ ۾ به نڀايو. ۽ نيٺ حر پاڪستاني فوج جو حصو بنيا. ان کان علاوه سنڌ پوليس رينجرس (بروهين، بلوچن ۽ ٻين قبيلن جي بنياد تي ٺاهيل فورس) جي بلوچ ڪمپني جو ڪوارٽر ماسٽر ولي داد ساڳي وقت ڪمشنر آف پوليس ”ايف. ايس. ينگ“ (مٿي ذڪر ڪيل) سڀني جي ٻڌايل ۽ لکت ۾ موجود مواد مان سنڌ ۾ لڳندڙ مارشل لا ڪهڙا ظلم ڪيا ۽ ڪهڙي قسم جا نتيجا حاصل ٿيا. انهن جو ڪجهه اندازو هن ريت آهي.

ان وقت به سنڌ سرڪار ۾ مقامي افسر شاهي جو تعداد مجموعي طور تي ويهه سيڪڙو مس هيو. شروع کان وٺي مزاحمتي روپ ڪري فوج ۾ سنڌين کي نه کنيو ويندو هو.

روهڙي ڪينال ايريا، حر آبادي وارن علائقن ۾ سماجي گڏجاڻي ۾ عام ماڻهو کي وڃڻو هجي، يا ڪنهن شادي غمي ۾، پاس ۽ پرمٽ کان سواءِ ماڻهن جي چرپر ممڪن ئي نه هئي.

ماڻهن کي ڪوڏر، ڪهاڙي، ذاتي ڪٽڻ لاءِ به پاس حاصل ڪرڻو پوندو هو. سرڪاري مشينري کي بغير ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي ڪنهن کي به گرفتار ڪرڻ جو حق حاصل هو. سج لٿي کان پوءِ ماڻهن کي گهرن تائين محدود رهڻ جو حڪم هو. مخصوص ڪئنالن ۾ واهن ۾ پاڻي گهٽايو ويو. هڪ سوچ انگريزن جي اها به هئي ته متان حر گوريلا واهن ۽ ڪئنالن کي کنڊ نه هٽن ته ٻئي طرف پاڻي بند ڪري ڪنهن مخصوص علائقي مان ماڻهن جي لڏپلاڻ ڪرائڻ پڻ مقصد هوندو هو.

پهريون پيرو ڳوٺن ۽ گهرن مٿان بم

ڪيرايا ويا. ڳوٺن جا ڳوٺ خالي ڪرايا ويندا هئا. جن بابت رايو اهو آهي ته ناڪاره مواصلاتي نظام جي ڪري ڳوٺ وارن کي انگريزن جي Execute آڊرس جو پتو ئي نه پوندو هو. نتيجن بي گناهه عتاب هيٺ ايندا هئا. رياستي جبر، ڪامورا شاهي هيٺ سڀ ڪجهه ڪرڻ جي حد تائين آزادي هئي. ڳوٺن کي ماڻهن، مال، ملڪيتن سميت زنده ساڙڻ جا واقعا عام ٿيا. لوڙهن وارين Concentration ڪيمپن ۾ عورتون، ٻار، پوڙها، غير انساني بنيادن تحت واڙيا ويا. عورتن جي بيحرمتي ۽ لڄالٽ جا واقعا عام ٿيا. جن جو الزام گهٽو ٽٺو، مجموعي طور تي"فورس" ۾ موجود ڏارين جو هئڻ هو. چاڪاڻ ته ليمبرڪ، آپريشن دوران انتظامي طور مقامي ماڻهن کي وڏ کان وڏ پري رکڻ جي ڪئي. اهو عام ماڻهو جن حرن جو ساٿ ٿي ڏنو اهو به سرڪار جي عتاب هيٺ هو. جن سرڪار جو ساٿ ٿي ڏنو اهو "حر گوريلن" جي ردعمل هيٺ هو. جيڪو غير جانبدار هو. اهو پڻ سرڪاري ڦرلٽ جو بنياد بنجي ويو. فوج ۽ پوليس ۾ ڪوبه تعاون نه هو نه ئي هڪ ٻئي تي اعتماد هو. عام حرڪي چوري جي سزا به ويهه ويهه سال ڏني ويندي هئي. خليفن کي قابو ڪرڻ لاءِ لٽ ۽ چٺ، ٻنهي جو استعمال ڪيو ويندوهو ۽ ڪين اهو يقين ڏياريو ويندو هو ته هنن جي تعاون جي نتيجي ۾ ئي سورهيه بادشاهه جي آزادي ممڪن آهي. حر مزاحمت جو زور ٽوڙڻ لاءِ هڪ دفعو ٻيهر ڏاري آبادڪاري کي مخصوص رعايتون ڏيئي آباد ڪرايو ويو. مثال طور سانگهڙ ۾ بگٽين کي آباد ڪرائڻ يا وري ٻين علائقن ۾ رٽائرڊ پنجابين کي زمينون الاٽ ڪري آباد ڪرائڻ.

هڪ اندازي مطابق ويهه هزار حر گوريلا ماريا ويا. لکن جي تعداد ۾ ٻار ٻچا لڏ پلاڻ ڪرڻ، ٻين جاين تي پناهه وٺڻ ۽ بي يارو مددگار ٿيڻ تي مجبور ٿيا ۽ ڪيمپن ۾ واڙجندڙ ماڻهن جو تعداد به لکن ۾ ئي ٻڌايو ٿو وڃي. (جنهن تي صحيح معنيٰ ۾ اڃا تائين ڪم رهيل آهي)

پير علي محمد راشدي "AMR" جو ڪردار

پير علي محمد راشدي ان سموري معاملي ۾ انگريزن سان گڏ بيٺل رهيو. ساڳي خاندان سان هئڻ ڪري اڳتي هي، سرڪار جو ساٿ ڏيندي، ۽ حالتن کي پنهنجي حق ۾ ڏسندي هن سورهيه بادشاهه جي نه رهڻ جي صورت ۾ گادي نشين ٿيڻ جي گهر ڪئي.

جڏهن سورهيه بادشاهه سنيوئي سينٽرل جيل مان 1943ع ۾ سينٽرل جيل حيدرآباد ڪيس هلائڻ لاءِ آندو ويو ۽ جتي پنجن انگريز ججن ڪيس جي ٻڌٽي ڪيئي ته ان وقت پير علي محمد راشدي جيڪو ان سموري حال کان واقف هو اهو چاٽي ويو ته ايندڙ وقت ۾ ڇا ٿيڻ وارو آهي.

هن ان وقت جي انگريز سرڪار کي تفصيلي خط لکيو جنهن ۾ هن ڪجهه سوال ۽ ڪجهه خدشا ظاهر ڪندي لکيو ته ڇا حرن جي گادي نشيني ختم ڪيئي پيئي وڃي؟! جيڪڏهن ائين ڪرڻ جو سوچيو پيو وڃي ته اهو نيڪ ناهي چاڪاڻ ته ان گادي کي سماجي، سياسي ۽ معاشي بنياد حاصل آهي. گاديءَ جا پوئلڳ حر، پنهنجو ساهه قربان ڪندڙ آهن ۽ اسان وٽ گادي نشين جي فوت ٿيڻ جي صورت ۾، ان جي دفن ٿيڻ کان اڳ گادي نشين جو اعلان ڪيو ويندو آهي. چاڪاڻ جو دير جي صورت ۾ فساد ۽ وڏيڪ دعويدار جي نڪرڻ جو انديشو هوندو آهي. اڳتي هلي علي محمد راشدي گادي نشين "ڪير ٿيڻ" گهرجي جا معيار مقرر ڪري ٿو. جنهن ۾ انگريزن سان "وفاداري" پڻ هڪ معيار طور شامل آهي ۽ سورهيه بادشاهه جي سياسي لائين کان لاتعلق ٿيڻ پڻ معيار طور شامل آهي.

انهيءَ خط ۾ هو بعد ۾ امڪاني طور تي ٽيندڙ گادي نشين جا نالا وٺندو ان جي رد ڪرڻ جا سبب ڄاڻائي ٿو ۽ آخر ۾ ٻڌائي ٿوته پلا اهڙي صورت ۾ مون ڪان يعني علي محمد راشدي ڪان وڌيڪ گادي جو حقدار ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو. هي خط پروفيسر محمد عمر چنڊ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي.

حر تحريڪ جي اهميت

پير پاڳاري جي خاندان ۾ آزادي لاءِ جدوجهد جو بنياد پير صبغت الله اول رکيو جڏهن هو سيد احمد شهيد جو ٻانهن ٻيلي ۽ مددگار ٿي بيٺو. سيد احمد شهيد جيڪو ان وقت انگريزن جي ساٿاري راجه رنجيت سنگهه جي ڪيل پنجاب تي قبضي خلاف ويڙهه ڪري رهيو هو. پير صبغت الله اول، هن کي مدد لاءِ حر مجاهدين مهيا ڪري ڏنا.

هي 1829-30ع وارا سال هئا. انگريزن اڃا سنڌ تي قبضو نه ڪيو هو. پر انگريزن کي حر مجاهدين بابت ڄاڻ ضرور حاصل هئي. حر مجاهدين کي "حرن" جو لقب به ان دور ئي ۾ مليو هو. جڏهن حر مجاهدين سيد احمد شهيد حوالي ڪيا ويا هئا. حر لفظ جي معنيٰ آهي "آزاد".

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ حر گادي کي شڪ سان ڏسڻ انگريزن لاءِ فطري عمل هو. نتيجي طور حر جماعت ۾ پنهنجو ساهه قربان ڪندڙن لاءِ الڳ چونڊ ڪرڻ جو آغاز ٿيو. جن کي "فرق وارا" ڪري سڃاتبو هو. انگريزن کي سامراج سمجهندي، ان وقت جي پير حزب الله، ترڪيءَ جي سلطان عبدالحميد ڏانهن خط لکيو جنهن ۾ هن برصغير ۽ سنڌ تي ڪيل انگريزن جي قبضي خلاف، خلافت کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چيو.

اهڙيءَ ريت 1880ع واري ڏهاڪي کان ئي حر ڇاپا مار ڏڙن جا بنياد به پئجڻ لڳا. انگريزن طرفان پڻ حرن کي لوڙهن اندر قيد ۾ رکڻ يعني "Concentration" ڪيمپن جو آغاز پڻ ان وقت کان ئي شروع ٿيو.

1890ع واري ڏهاڪي ۾ حرن جي مزاحمت شدت اختيار ڪري ويئي. ان دور ۾ بچو بادشاهه ۽ ان جا ٻيا ساٿي گوريلا تمام گهڻا مشهور ٿيا. جيڪي انگريزن کي ڪڏهن به هٿ نه آيا ۽ نيٺ ان وقت جي گادي نشين پير پاڳاري ۽ انگريز سامراج جي وچ ۾ مفاهمت جي بنياد استوار ڪرڻ لاءِ، پير جي چوڻ تي ئي بچو بادشاهه ۽ ان جا گوريلا ساٿي انگريز حڪومت آڏو پيش پيا. جن کي ڦاهي چاڙهي لاش گم ڪيا ويا. حر تحريڪ ۾ پنهنجو سِرُ ڏيندڙ حُرن جا لاش گم ڪرڻ جي تاريخ پڻ پراڻي آهي.

1910ع ۾ ان وقت جي سنڌ جي پهرين ڊي آئي جي پوليس، اهو اعتراف لکت ۾ ڪيو ته جيڪڏهن بچو ۽ سندن ساٿين جا لاشا، سانگهڙ ۾ پورڻ لاءِ ڏنا وڃن ها ته جيڪر هن وقت اتي وڏيون درگاهون ٺهيل هجن ها. بچو بادشاهه ۽ ان جي ٽولي تي اهي به الزام هئا ته هنن ان وقت پنهنجي اثر رسوخ واري علائقي ۾ متوازي حڪومتي نظام جوڙيو آهي. (هتي هڪ دفعو ٻيهر اها ڳالهه ورجائجي ٿي ته جيئن ته هن تحريڪ بابت لکت ۾ مواد گهٽ آهي ۽ عوامي رخ کان تحقيق بنهه گهٽ آهي ان ڪري جيڪو ڪجهه مواد لکت ۾ ملي ٿو ان جي گهڻائي سامراج جي ان وقت جي انتظامي مشينري جي فردن جي آهي.)

انهن مفاهمتي بنيادن کي پرکڻ لاءِ انگريزن پير کان پهرين عالمي جنگ 1914ع ۾ حر سپاهين جي گهر ڪئي جنهن ۾ پير 500 حر مجاهد ڏنا ۽ مالي سهائتا ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ انگريزن "Concentration" ڪيمپن جو خاتمو ڪيو.

سنڌين جي فوج ۾ وڃڻ بابت ڪرنل فلپ جيڪو ملٽري انٽيليجنس جو سربراهه رهيو هو، هڪ خط ۾ چئي ٿو ته "جڏهن سنڌ ۾ حر تحريڪ شروع ٿي ته سنڌي

موجي، فوج ڇڏي اچي حرن سان شامل ٿيا. اهو به شڪر ٿيو جو سنڌي فوج ۾ آگرين تي ڳڻڻ جيترا هئا. جنهن جي ڪري ڪو خاص اثر نه ٿيو. 1914ع وارو حادثو ياد ڪري اسان لکي ڇڏيو هو ته سنڌي ماڻهو فوج لاءِ نااهل آهن. هنن کي ڪڏهن به فوج ۾ نه کنيو وڃي.“

انهيءَ ئي ڏگهي تفصيلي خط ۾ ڪرنل فلپ اهو پڻ لکي ٿو ته 1912ع ڌاري هلنڌڙ حر تحريڪ هڪ مذهبي تحريڪ هئي.جيڪا شهيد سيد احمد جي اصولن تي هلنڌڙ هئي. پهرين حر تحريڪ آزاد مسلمان تحريڪ هئي. جڏهن ته هي (سورهيه بادشاهه واري هلنڌڙ تحريڪ) آزاد سنڌ، وطن جي گُهر تي ٻڌل هئي جيڪا پهرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ خوفناڪ ۽ خطرناڪ ٿي سگهي پئي. جنهن ڪري اسان تمام گهٽي پروپيگنڊا شروع ڪئي ۽ مذهبي تحريڪ نه هئڻ ڪري اسان مشهور ڪيو ته پير پاڳارو پنهجون ذاتي دشمنيون، انگريزن،هندو سيٺين ۽ سنڌ جي وڏيرن کان پاڙڻ چاهي ٿو. اسان حرن کي ڌاڙيل مشهور ڪيو. پر جڏهن حرن ريل گاڏي ڪيرائي ته هندستان جي ڪجهه ليڊرن، ان وقت جي وائسراءِ کان پڇيو ته ڇا ڌاڙيل گاڏيون ڪيرائيندا آهن ۽ ان جي ڦرلٽ به نه ڪندا آهن؟! ”هنن ليڊرن ۾ گانڌي اهو چيو ته اسان سمجهون ٿا ته اوهان ڪنهن تحريڪ کي دٻائڻ چاهيو ٿا.“ ڇگو ٿيو ته سياش جا ان وقت ڪانگريس سان اختلاف هئا ۽ ان وقت هو هندستان مان غائب هو. نه ته هو ڪانگريس تي اڻ سڌي ريت دٻاءُ وجهي برطانيه سرڪار تائين واويلا ڪرائي ها.“

آخري حر تحريڪ جو آغاز پير پاڳاري سورهيه بادشاهه جي ٻارهين ورهين جي عمر ۾ گادي سنڀالڻ سان ئي شروع ٿئي ٿو. پر ان ۾ شدت ۽ تيزي پير صاحب جي انڊياجي مختلف جيلن ۾ ڪاٽيل سزا کان پوءِ واپسي بعد اچي ٿي.

سنڌ جو ان وقت جو سي آءِ ڊي سربراهه ڪي آر ايس 1942ع ۾ رپورٽ ڏئي ٿو ته 1936ع واري جيل ياترا کان پوءِ پير صاحب وڳوڙي ڪارروائين ۾ اضآفو ڪري ڇڏيو آهي. ان وقت جي مختلف خفيه ايجنسين جي رپورٽ مطابق پير صاحب متبادل انتظاميه جوڙي چڪو آهي. ڍل محصول، فيصلا، عدالتون وغيره. هنن جي پنهنجي دائره ڪار ۾ آهن. پير 6 هزار غازين جي پرتي ڪئي آهي. جوڌپور ۽ جيسلمير مان هٿيار آندا اٿس.

حر تحريڪ جي ويڙهه جو دائرو ته ان وقت سانگهڙ، خيرپور، ٿرپارڪر وارا علائقا هئا پر حرن جي گادي جو اثر رسوخ سنڌ کان علاوه جيسلمير، جوڌپور، راجپوتانه رياست تائين پکڙيل هيو. حر تحريڪ جي گوريلا ويڙهه جو مرڪز مکي ٻيلو، ڪڇي وارا علائقا، ٿر، اڇڙو ٿر، ريگستاني علائقا، ڍنڍون، ڍورا وغيره هئا.

ميجر جنرل وصال محمد خان لکي ٿو ته جيل مان نڪرڻ کان پوءِ پير صاحب ڳجهي نموني سنڌ ۾ انگريز راڄ جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ وڏي پيماني تي ماڻهو ڀرتي ڪرڻ ۽ ويڙهه جون تياريون شروع ڪيون. راجپوتن کيس وڏي مقدار ۾ هٿيار مهيا ڪيا. خليفن وڏي تعداد ۾ پيسا جمع ڪرايا . ويڙهه جي نتيجن کان باخبر هئڻ ڪري پير صاحب پنهنجن فقيرن کي اڳواٽ هدايتون ڏيئي ڇڏيون هيون.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته 1941ع ۾ پير صاحب کي نظربند ڪيو ويو ۽ بعد ۾ صوبي کان ٻاهر نيو ويو. ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ ۾ هو پنهنجي ساٿين کي هدايتون موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته سنڌس آزادي لاءِ وڏي پيماني تي ڀڄ ڊاهه ڪري ٽرٽلو مچائي ڇڏين.

حرن خلاف آپريشن ۾ حصو وٺندڙ

ايس ايف ينگ لاءِ جنرل وصال انهيءَ مضمون ۾ لکي ٿو ته هو بنيادي طور تي ذاڙيل هو. برطانيه حڪومت ڪيس ان شرط تي معاف ڪري آزاد ڪيو ته هو انڊيا وڃي چورن ۽ ذاڙيلن کي پڪڙڻ ۾ مدد ڪندو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته سنڌ ۾ واپس اچڻ بعد پير صاحب مريدن جي اصلاح ۽ تربيت طرف توجه ڏني ۽ بعد ۾ انهن جاري ڪيل حڪمن جي تصديق پڻ ڪندا هئا ته مريدن انهن تي عمل ڪيو يه يا نه.

انهن حڪمن ۾ اهي حڪم پڻ شامل هئا ته جماعت جو ڪوبه ماڻهو ولائتي ڪپڙو نه پائي ۽ پنهنجي ملڪ جو اٽيل ڪپڙو پائي، ساڳي وقت اهو به حڪم آيو ته هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ متفق ٿي رهن. ڪوبه فساد ٿيڻ نه ڏنو وڃي. ساڳي وقت غازين جي پرتي جون لسٽون تيار ڪيون ويون. غازين کي پاڻ خود پرکيندا هئا ۽ انهن کي ٽولن جي صورت ۾ گهرايو ويندو هو ۽ هدايتون ڏنيون وينديون هيون. ڪين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ پڻ حڪم ڏنا ويندا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته پير صاحب جي علائقي ۾ هندن تي حملي ڪرائڻ جي سازش ڪئي وئي (هي اهي ڏينهن هئا جڏهن سنڌ اندر مسجد منزل گاهه واري واقعي کان پوءِ هندو مسلمان ڇڪتاڻ وڌي وئي هئي) سازش جي خبر پير سائين کي پهتي جنهن غازين کي حڪم ڪيو. غازين طاقت جو اهڙو مظاهروڪيو جو حملو ڪندڙ همت نه ساري سگهيا. بئي ڏينهن شهر جا هندو وفد ڪري سکر جي ڪليڪٽر وٽ پهتا ۽ کين ٻڌايائون ته رات غازين هنن جي جان بچائي آهي.

انهن ڏينهن ۾ انگريز سرڪار موقعي جو فائدو وٺندي پير صاحب ڏانهن اهو نياپو موڪليو ته پير سائين جي امن امان لاءِ ورتل ڪوشش ڪري کين انگريز سرڪار انعام طور هڪ تلوار ۽ بندوق ڏيڻ چاهي ٿي، پير صاحب جي صاف انڪار تي انگريز سرڪار طئه ڪري ورتو ته مفاهمت جي ڪابه گنجائش باقي ناهي.

انڊيا ۾ رهڻ وقت مختلف جيلن ۾ سورهيه بادشاهه جو مطالعي ۽ لکڻ جو عمل جاري رهندو هو، شروع ۾ پاڻ جيڪو مواد لکيو اٿن، اهو گهڻي ڀاڱي لکيل لفظن ۾ حڪم نامه آهن.

ان لکت کي بنياد بنائي ان وقت جي ڊي ايس پي، سي آءِ ڊي، محمد حسين، 1942ع ۾ هڪ جامع رپورٽ ڏني. جنهن ۾ سورهيه بادشاهه جون هدايتون ڊي ڪوڊ (Decode) ڪيون آهن. مثال طور: هدايت نمبر 97 ۾ لکيل آهي ته ”به ٽي لک ماڻهو آهن جيڪي هندوستان جي ٽيهه ڪروڙ ماڻهن تي حڪومت ڪري رهيا آهن. اهو ان ڪري آهي جو هندستان جا ماڻهو ڊڄڻا آهن. سنڌ هندستان جو ڀاڱو آهي. اهي به ٽي لک ماڻهو انگريزن جي فوج آهي ان حقيقت کي ضرور ياد رکيو وڃي.“

يا وري هدايت نمبر 86 ۾ لکيو اٿس ته پاڻ وٽ هٿيار رکڻ هڪ بهادر انسان جي نشاني آهي. هٿيارن سان انسان سڀ ڪجهه ڪري سگهندو آهي. لٺ ۽ ڪهاڙي به هڪ قسم جو هٿيار آهي.“ جنهن مان ڊي ايس پي ان وقت جي حڪومت کي اهو ئي ٻڌائي سگهيو ته اهي حڪم پيو ڪجهه به ناهن سواءِ ڇاپا مار جنگ وڙهڻ جي. اهڙي ريت هن هدايت نمبر 65 به نوٽ ڪئي جنهن ۾ پير صاحب جو فرمان هو ته ”ويريءَ کي آرام سان ويهڻ نه ڏيو. موقعي ملڻ سان ان کي ختم ڪري ڇڏيو.“

سي آءِ ڊي رپورٽون ٻڌائن ٿيون ته 1935ع ڌاري پير صاحب مريدن ڏانهن پيغام ڪتابن ۽ رسالن ۾ لکي موڪليندو هو. ساڳي وقت هنن جو اهو پڻ چوڻ هو ته پير صاحب چونڊيل پارلياماني ميمبرن کي بي

وس ۾ لاچار تصورڪندو هو.
ڪرنل فلپ ملٽري انٽيليجنس جي سربراهه جي اڳ ۾ ذڪر ڪيل خط ۾ هڪ جڳهه تي لکي ٿو "اسان کي هندستان پهتي ڪي هفتا مس ٿيا هئا ته لنڊن مان اطلاع آيو ته سڀاش چندربوس ۽ پير پاڳاري جي وچ ۾ مڪي ٻيلي ۾ ٿيل ملاقات جا تفصيل موڪليو. توهان کي ته ياد آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ پهرين ملاقات انڊيا ۾ ٿي هئي ۽ ان کان پوءِ به ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيون هيون، پر هن ملاقات (مڪي واري) تي وڌيڪ زور ڏنو پئي ويو."
اڳتي ڪرنل فلپ لکي ٿو ته "اهو سڄو ٿيو جو مسلم ليگ بنگال ۽ سنڌ ۾ گهٽو زور ورتو، جنهن ڪري هندو مسلم اتحاد ٽٽڻ شروع ٿيو ۽ آزاد سنڌ ۽ بنگال جي تحريڪن کي ڪچليو ويو. آزاد سنڌ جا اڳواڻ جدا ٿي ويا. ڪي ڪانگريس ۾ ته ڪي مسلم ليگ ۾. اها ساڳي حالت بنگال سان پڻ ٿي. آزاد سنڌ جي تحريڪ ته ايتريقدر سبوتاز ٿي جو حُر تحريڪ تي ڪابه سياسي جماعت تحرڪ وٺي نه سگهي. ڪوبه سنڌي سياستدان حر تحريڪ جي حمايت ڪري نه سگهيو جو ٻنهي جماعتن جي هاءِ ڪمانڊ، حر تحريڪ کي ڌاڙيل چئي ڌتاري ڇڏيو.
ٻئي طرف اسان فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته سڄو هندستان ڇڏي سگهون ٿا پر ان وقت سنڌ ۽ بنگال کي نٿي ڇڏي سگهياسين، جو ڪراچي بندر دنيا جو مضبوط ترين بندر آهي. ٻيو ڪلڪتي بندر تي جاپانين سڀاش جي مدد ڪري قبضو ڪيو ته ايشيا ۾ اسان جو خاتمو ٿي وڃي ها. ايشيا ۾ اسان انهن ٻنهي بندرن جي ڪري تسلط قائم رکي سگهياسين نه ته 1945ع ۾ سڄي ڏکڻ اولهه ايشيا تي جاپان جو قبضو هجي ها."
ڪرنل فلپ جيڪي حر تحريڪ بابت راز هٿ ڪيا هئا انهن جي ترتيب هن ريت رکي ٿو.
(1) آزاد سنڌ لاءِ گوريلا جنگ جو آغاز.
(2) گوريلا سکيا لاءِ جاپان ۽ جرمني جا گوريلا سپاهي مکي ۾ تربيت ڏيندا.
(3) هٿيار جرمني ڏيندو (افغانستان جي معرفت) سڀ کان پوءِ سنڌ ۾ ايندا. حر سڀ مان هٿيار حاصل ڪندا.
(4) حملا، گڙنگ زميندارن، سيٺين، خابرن، ٿاڻن، گاڏين ۽ فوجين تي ڪيا ويندا.
(5) پاڳارو سنڌ جو شهنشاهه ٿيندو، حڪومت پارليامينٽ هلائيندي (انگلينڊ وانگر).
ڪرنل فلپ اڳتي لکي ٿو ته مٿين معلومات حاصل ڪندي گهڻي دير ٿي چڪي هئي، چاڪاڻ ته بقول هن جي ته تربيت ڏيندڙن جي ڪيپ اڳ ۾ ئي پهچي چڪي هئي. هٿيارن جون به ڪيپون پهچي چڪيون هيون. جيڪي سڀاش موڪلي چڪو هو. ليڪن بعد ۾ هنن (انگريزن) هڪڙي ڪيپ هٿيارن جي پڪڙي ورتي.
ڪرنل فلپ لکي ٿو ته "سنڌ مان حرن خلاف "فوج" پرتي ڪرڻ ائين هو ڄڻ پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ."
آخر ۾ ڪرنل فلپ لکي ٿو ته "دوست، حر تحريڪ کي نابود ڪندي معلوم ٿيو ته اسان چاليهه هزار 40000 حرن کي ماري چڪا آهيون ۽ اسان جو فوجي نقصان صرف ڏهه هزار ٿيو. تون هي انگ اکر ڏسي ٿپرسجي ويو هوندين جو گوريلا ويڙهه ۾ سرڪاري فوج جو نقصان ڏهوٽو ٿيندو آهي. هتي ابتڙ قصو ڪيئن ٿيو؟ اهو ائين ٿيو جو اسان کي جنهن خاندان تي شڪ ٿيو ته حر آهي ته اسان ان جي هر فرد کي ختم ڪري ڇڏيو. لوڙهن ۾ اهو ڏينهن خالي نه هو جو صبح ۽ شام جو مشين گن جو برسٽ نه ٻڌبو هو. ٻيو ته حر گوريلن کي سٺي تربيت نه مليل هئي. اسان مکي ٻيلي

ڪي انسانن سودو سازئي ڇڏيو."

"دوست! 42ع ۾ حر تحريڪ ڪي ناڪام سمجهي، مسٽر سيد (جي ايم سيد) آزاد سنڌ ڪي پڌندو ڏٺو ۽ سمجهيائين ته هندن انهيءَ تحريڪ ۾ تمام گهٽي غداري ڪئي، انهن ڪان بدلي وٺڻ خاطر، جي ايم، سيد 43ع ۾ سنڌ صوبي جو پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو بل سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو، جيڪو منظور ٿي ويو."

مٿيان تجزيه ۽ تبصره يقينن ان وقت جي حڪمران طبقي سان لاڳاپو رکن ٿا. جن ۾ ڪٿي وڌاءُ هوندو ته ڪٿي مصلحت، ته ڪٿي اڌو گابرو سچ. پر ان جي باوجود پڙهندڙ ان ڳالهه جو گهٽي قدر اندازو ڪري سگهندا ته هي تحريڪ سامراج برطانيه جي نڪ ۾ ساهه منجهايو بيٺي هئي. ان وقت جي برطانوي حڪومت ڪندڙ ڪامورن خود تسليم ڪيو آهي ته هي تحريڪ پنهنجي بنيادي جوهر ۾ آزادي جي تحريڪ هئي. مسلم ليگ جي ته ڳالهه ئي نٿا ڪيون پر گانڌي واري ڪانگريس به هن معاملي ڪان ائين ئي ڪن لاتار ڪئي، جيئن گانڌي ڀڳت سنگهه جي معاملي ۾ مجرمانه خاموشي اختيار ڪئي. يا وري جيئن ڪين سباش چندر بوس جو انقلابي ۽ پرتشدد طريقيڪار ڪڏهن به نه وٽيو.

حر تحريڪ تي مڪمل مواد نه هئڻ جو هڪ سبب اهو به ٻڌايو ٿو وڃي ته، حرن کي خاص هدايتون ڪيل هيون ته هو راز ظاهر نه ڪن. جيتوڻيڪ بعد ۾ انهن حرن جا انٽرويوز قلم بند ڪيا ويا آهن. ٻيو ته هن تحريڪ جو مرڪزي ڪردار، خود سورهيه بادشاهه آهي. ان ڪري سمورن ڳجهن معاملن جي حقيقت به ڪيس ئي معلوم هئي. لڳي ائين ٿو چڻ انهن ڳجهن سياسي معاملن جا ٻيا رازدار گهٽ رهيا هجن.

سنڌ جي تاريخ جو هي اهم باب آهي. جتي انگريزن خلاف سامراج مخالف تحريڪ ۾ چند فردن نه پر لکين ماڻهن ٻارن، عورتن سميت حصو ورتو ۽ بهادري ۽ شجاعت جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا. ان تي تمام گهٽي تحقيق جي ضرورت آهي. جيڪا سائنسي بنيادن جي گهرجائو آهي.

عورتا زاد



عورت خاندان ۾ جبر

سنڌيڪار: بخشل ٿلهو

ٽراٽسڪائي ڦورٿ (چوٿين) انٽرنيشنل جو 1979 جو ريزولوشن

عورتن تي ٿيندڙ جبر جو بنياد ۽ ان جون صورتون:

1

اهاعام فهم سوچ ته عورتن تي ٿيندڙ ظلم جو بنياد سندن حياتياتي (بائلاجيڪل) فرق جي ڪري آهي، غلط آهي. اصل ۾، ان ظلم جا بنياد سماجي ۽ معاشي آهن.طبقاتي سماج جي اپار ڪان اڳ ۽ پوءِ عورت ٻار سنڀالڻ واري ذميداري نڀائيندي رهي آهي پر سندس سماجي ڪردار هميشه اهو ساڳيو نه رهيو آهي(جيڪو اڄ اٿس) جنهن ۾ هوءَ مرد جي ظابطي ۽ ظلم هيٺ ڊوميسٽڪ سرونٽ/گهريلو ٻانهي بڻجي وڃي ٿي.



2

طبقاتي سماج کان اڳ واري اوائلي ڪميونسٽ دور ۾ سماجي پيداوار ۽ ان جي اپت برابريءَ جي بنياد تي ورهائبي هئي ان جي ڪري ڪا به ڏر يا جنس ڪنهن ٻي ڏر يا جنس تي ڏاڍ ڪري نه سگهندي هئي. تنهن دور ۾ اهو ڏاڍ ممڪن به نه هو ڇاڪاڻ جو ڏاڍ جا مادي بنياد موجود ئي نه هئا. مرد ۽ عورت برابريءَ جي بنياد تي سماجي پيداوار ۾ بهرو وٺندا هئا.

3

عورت تي ٿيندڙ جبر ان اوائلي ڪميونسٽ سماج (غير طبقاتي) کان طبقاتي سماج ڏانهن اوسر واري عبوري دور جو مظهر آهي. توڙي جو تاريخي مادي وادي نقطه نظر رکندڙ ذرين ۾ ان عبوري دور جي حوالي کان ڪيترائي بحث ۽ تحقيقون هلندڙ آهن پر انهن بنيادي نقطن، جن عورت تي ٿيندڙ جبر کي جنم ڏنو، تي سندن راءِ واضح آهي.عورت جي سماجي بيهڪ ۾ تبديلي پورهئي جي ان پيداواري صلاحيت سان گڏ وقوع پذير ٿيندي وئي جيڪا زراعت، جانورن ڌارڻ، پورهئي جي نئين ورڇ، هنرمندي ۽ واپار، سماجي پيداوار جي نجي ملڪيت ۾ اچڻ جي امڪانن جي اپرڻ ۽ استعمال تي آڌاريل هئي. انهن لقائن جي پيدا ٿيڻ جي ڪري هڪڙن انسانن جو ٻين انسانن جي پورهئي تي پلجڻ ممڪن ٿيو.

اهڙين سماجي، معاشي حالتن ۾، جن ۾ انسانن جي اڪثريت جو استحصال ڪن ٿورن انسانن لاءِ، فائديمند ثابت ٿيو، تن حالتن ۾ عورت پڻ ملڪيت جي هڪ شڪل ۾ تبديل ٿي وئي (ان جو هڪ سبب سندس حياتياتي بيهڪ به هو ڇاڪاڻ جو هو مرد جي ڀيٽ ۾ گهٽ سخت جسماني محنت ڪري ٿي سگهي). اهڙيءَ ريت جانورن ۽ غلامن جيان عورتون به دولت يا ملڪيت ٿي ويون. عورتون اهڙا انسان پيدا ڪري ٿي سگهيون جن جي محنت جو استحصال ٿي پئي سگهيو (جهڙوڪ غلام ۽ هاري پيدا ڪرڻ وغيره). مرد پاران عورتن ڪي خريد ڪرڻ ۽ ٻارن تي مرد جي مڪمل مالڪيءَ ان نئين سماج ۾ نون سماجي ۽ معاشي ادارن/قانونن جي شڪل ورتي. مال دولت جي ذاتي مالڪي، ان نئين نظام جو بنياد هو. ان نئين سماج ۾ عورت جو سماجي ڪردار هڪ گهريلو ٻانهي، خدمت گذار ۽ ٻار پاليندڙ جيو جهڙو وڃي بيٺو.

مال دولت جي ذاتي مالڪيءَ اچڻ سان گڏو گڏ پدرشاهي خاندان (گهر اندر مرد جي حاڪميت) هڪ اڳري اداري جي صورت ورتي جنهن سماج جي غير پيداواري ايڪن (خاص طور ٻارن جي پالڻ) جي ذميداري ڪل سماج کان ڦرجي ڪجهه خاص فردن يا فردن جي ٽولي ڏانهن منتقل ٿي وئي (اوائلي ڪميونسٽ دور ۾ ٻار جي پالنا جي ذميواري رڳو عورت جي نه هئي، مرد به ان جا ذميوار هوندا هئا). نتيجي طور پدرشاهي گهراڻو هڪ اهڙو سماجي، معاشي ادارو ٿي اڀريو جنهن سماج جي اهڙي طبقاتي ورهاست ڪي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پهچايو پئي، هڪ اهڙي ورهاست جنهن ۾ هڪ طرف ملڪيت رکندڙ، ٻين جي پورهئي تي پلجندڙ هئا ته ٻي طرف اهي هئا جيڪي ملڪيت کان وانجهيل هئا ۽ جن کي جيئرو رهڻ لاءِ، ٻين جي لاءِ، پورهيو ڪرڻو ٿي پيو.نئين اڀرندڙ استحصالي طبقي جي ملڪيت واري حق جي بقا ۽ سندن ملڪيت ۾ واڌاري لاءِ اهو ضروري ٿي پيو ته اوائلي ڪميونسٽ دور وارين سمورين برابرين ۽ مساواتن جو خاتمو ٿئي.

اهو هو پدرشاهي ڪٽنب جو بنياد اصل ۾ انگريزي اصطلاح (Patriarchal Family) لاطيني زبان جي لفظ Famulus مان اخذ ڪيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ’گهريلو غلام‘. اهڙوئي هڪ ٻيو لفظ Familia به آهي جنهن جي معني آهي غلامن جو هڪ گروهه جيڪو ڪنهن هڪ مالڪ مرد جي ملڪيت هجي.

عورتن جو سماجي پيداوار ۾ الڳ آزاداڻو ڪردار ختم ٿي ويو، هاڻي عورتن جو پيداواري ڪردار سندس خاندان طيءِ ٿي ڪيو يا وري ان مرد جيڪو مٿس حاڪم هو (ان جو مثال اسان جي سماج ۾ پڻ واضح آهي: عورت ڇا پڙهندي، نوڪري ڪندي يا ٻار پاليندي جهڙا اهم فيصلا عورت پاڻ نه پر سندس خاندان يا سندس والي ۽ حاڪم مرد ڪندو آهي- مترجم).

ان معاشي بيحالي ئي عورت کي ٻي درجي واري حيثيت ڏني آهي. جيڪڏهن عورت سماجي، معاشي ڏکيائين ڪانسواءِ پنهنجن ٻارن کي ساڻ ڪٽي يا نڪري سگهي ها ته صدين ڪان عورت جي غلاميءَ جو بنياد بڻيل هي پدرشاهي خاندان ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو هجي ها!

پدرشاهيت جي اڀار ۽ عورت جي غلاميءَ جي جنم سان ڪن ٻين سماجي ادارن جو پڻ جنم ٿيو ته جيئن نئين سماج کي ٽيڪو ملي سگهي.رياست اهڙن قانونن کي پوليس، فوج ۽ عدالتي نظام وسيلي لاڳو ڪيو. اهڙي ريت مذهب سميت حڪمران طبقي جا نظريا اڀريا جن عورت جي جنس جي تذليل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار نڀايو: چيو ويو ته عورتون ذهني ۽ جسماني لحاظ ڪان مردن ڪان گهٽ آهن ان لاءِ هو حياتياتي، فطري طور ٻي درجي جي جنس آهن. عورت جي غلامي جا نتيجا مختلف طبقن جي عورتن لاءِ مختلف رهيا آهن تنهن هوندي به سموريون عورتون، طبقاتي فرق جي هوندي به، ڪلي طور هڪ جنس جي حيثيت ۾، جبر جو شڪار آهن.

4

خانداني نظام طبقاتي سماج جو هڪ بنيادي ادارو آهي جيڪو نه صرف عورت تي ٽيندڙ جبر کي طئي ڪري ٿو، پر ان جبر کي جاري به رکي ٿو (جبر کي هڪ نسل ڪان ٻي نسل تائين پهچائي).

طبقاتي سماج جي سموري تاريخ ۾ خانداني نظام پنهنجي اهميت، طبقاتي حڪمرانيءَ جي هڪ اداري جي حيثيت ۾ ظاهر ڪئي آهي.خاندان جي مختلف صورتن جي اوسر، حڪمران طبقن جي تبديل ٿيل ضرورتن سان وابسته آهي. چاڪاڻ جو پيداواري طريقو ۽ انفرادي ملڪيت جون ضرورتون به ارتقا جي مختلف ڏاڪن منجهان گذريون آهن. ڪلاسيڪل غلامداراڻي دور جو خاندان جاگيرداري دور ڪان مختلف هو ۽ اهي ٻئي خانداني نظام اجوڪي خاندان (شهري، نيوڪليائي خاندان) ڪان گهڻو مختلف هئا.

وڏيڪ اهو ته خانداني نظام ساڳئي وقت هڪ اهڙي طبقاتي سماج جون مختلف سماجي ضرورتون پڻ پوريون ڪري ٿو جنهن ۾ پيداواري ڪردار ۽ ملڪيتي حق نه صرف مختلف آهن پر سڌوسنئون هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ به آهن. جهڙوڪ: هڪ هاري خاندان ۽ هڪ وڏيرڪو خاندان به مخالف سماجي، معاشي جڙتون هوندي به هڪ ئي خانداني نظام (جاگيرداري خانداني سرشتو)جو حصو آهن.

طبقاتي نظام ۾ خاندان ئي اهو ادارو آهي جتي گهڻا ڻا انسان بنيادي انساني ضرورتن جهڙوڪ پيار ۽ ساٿ جو پورائو ڪري سگهندا آهن. پوءِ ڪوبه خاندان ان ڏس ۾ ڪٽي ڪيترو به ڪٽل ڇو نه هجي پر طبقاتي سماج اندر ان جو ڪو ٻيو نعم البدل ملي به ڪونه ٿو.

سرمائيداريءَ جي ڪري خاندان جي اندر ٽيندڙ ڀڃ ڊاهه پاڻ سان گڏ ڪوڙ ساريون تڪليفون ۽ عقوبتون به آڻي ٿي، چاڪاڻ جو خاندان ڪان سواءِ ڪو ٻيو، انساني لاڳاپن جو، وڏيڪ اسريل ادارو اڃا جڙي ناهي سگهيو. پر محبت ۽ ساٿ جي فراهمي ئي خانداني نظام جي اصل ڳر کي نٿي سمجهائي سگهي، اصل ۾ هي ادارو هڪ سماجي ۽ معاشي ادارو آهي جيڪو هڪ دور جي سماجي معاشي نظام جو عڪاس آهي. ان داري جا ڪارج (مختصرً) هن ريت آهن.

الف

خاندان، ان بنيادي تاجي پيٽي جو نالو آهي جنهن ذريعي حڪمران طبقا ڪروڙها مظلوم ماڻهن جي سار سنڀال کان آجا ٿيو وڃن جن مظلومن جي پورهئي جو هي حڪمران استحصال ڪندا آهن (مطلب هاريءَ جي ٻار جي سار سنڀال هاريءَ جي ذميواري آهي نه ڪي ان جاگيردار جي جيڪو ان هاريءَ جو ايترو سخت استحصال ڪري ٿو جو هن وٽ پنهنجن ٻارن جي درست سار سنڀال ڪرڻ واسطي ڏوڪڙ ئي نٿا بچن. پوءِ جي هاريءَ جو ٻار ترقي نه ڪري سگهي، تعليم ۽ تهذيب کان محروم رهجي وڃي ته ڏوهه هاريءَ جو ئي ليکبو، نه ڪي ان جاگيرداري نظام جو! مترجم). حڪمران طبقو هر ممڪن حد تائين خاندان کي ئي هر ڪم ڪار جو ذميوار ڪوٺيندو آهي، ٻين لفظن ۾، حڪمران طبقو دولت، سماجي رتبي ۽ آمدني جي اڻبرابريءَ کي ادارتي بڻايو ڇڏي.

ب

خانداني نظام هيٺ ئي ملڪيت هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي آهي. اهو بنيادي سماجي تاجي پيٽو (خاندان) سماج کي مختلف طبقن ۾ ورهائي رکڻ لاءِ تسلسل فراهم ڪندو آهي.

پ

خانداني نظام حڪمران طبقي کي سڀ کان سستي ۽ نظرياتي طور قابلِ قبول طريقي ڪار وسيلي انساني پورهئي جي واڌ ويجهه پڻ فراهم ڪندو آهي. ننڍن ٻارن جي سنڀال جي ذميواري خاندان مٿان وجهي، حڪمران طبقو سماجي ملڪيت (جيڪا انفرادي ملڪيت ۾ تبديل ٿي چڪي هوندي آهي) مان پيداواري طبقن (پورهيتن) تي گهٽ حصوخرچ ڪندو آهي. وڌيڪ اهو ته پنهنجي بقا جي جنگ پاڻ وڙهندي، خاندان هڪ اهڙو بنيادي ايڪو ٿي پوندو آهي جيڪو استحصال ۽ جبر خلاف ڪنهن گڏيل سرگرميءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ مٿل آهي.

پ

خانداني نظام پورهئي جي سماجي ورهاست کي به لاڳو ڪندو آهي جنهن ۾ عورت صرف نسل جي پالنا ۽ خاندان جي فردن جي سار سنڀال جي ڪم تائين ئي محدود ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت خاندان جو ادارو عورت جي محڪوميءَ ۽ معاشي مجبوريءَ تي آڌاريل رهندي ان جبر کي قائم رکندو آهي.

پ

خانداني نظام هڪ تنگ نظر ۽ رجعتي ادارو هوندو آهي جيڪو پنهنجي اندر ۾ حاڪماڻي ۽ وراثتي لاڳاپن جي اوسر ڪندي ڪل طبقاتي سماج جي بقاءَ لاءِ لازمي عنصر فراهم ڪندو آهي. سماج جي طبقاتي بيهڪ جي دوام لاءِ خاندان ملڪيت. انفرادي ۽ ڇتاپيٽيءَ وارن روين جي ترويج ڪندو رهندو آهي.

اهو ننڍپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين ٻار جي ڪردار ۽ روين جي جوڙجڪ ڪري ٿو، معروضي سماجي قوتن ڏانهن نوڙت ۽ فرمانبرداريءَ جو درس ڏئي مزاحمتي، اختلافي رجحانن کي دٻائي ڇڏي ٿو. خاندان جنسي مت ڀيد کي ٿوڙي مروڙي پيش ڪندي ان کي سماج لاءِ قابل قبول صورتن ۾ ظاهر ڪرڻ سان گڏ ان مت ڀيد کي صرف ٻارن جي پالنا تائين محدود ڪري ٿو. خاندان ان هر سماجي قدر ۽ رويي جي پٺڀرائي ڪري ٿو جيڪو طبقاتي سماج سان مفاهمت لاءِ ضروري هجي.

5

ماضيءَ جي هر تاريخي دور وانگر سرمائيداريءَ ۾ به خاندان جي ارتقا ٿي آهي. پر خانداني نظام طبقاتي حڪمرانن لاءِ هميشه هڪ اهڙو اٽر ادارو رهندو آيو آهي جيڪو سماج جون سموريون معاشي ۽ سماجي ذميواريون پوريون ڪندو رهي.

خود سرمائيدار طبقي اندر، خاندان وسيلي ملڪيت هڪ نسل کان ٻي نسل تائين منتقل ٿئي ٿي. شاديون هڪ منافع بخش اتحاد کي يقيني بڻائين ٿيون. خاس طور تي سرمايي جي ارتڪاز (ڪجهه ماڻهن وٽ جمع ٿيڻ) واري شروعاتي دور ۾ شادين وسيلي به سرمائيدارن جا مختلف بلاڪ وجي هڪ ٿيا.

ڪلاسيڪل پيٽي بورجوازي (ننڍو سرمائيدار، ننڍو آبادگار،هنرمند، دڪاندار وغيره) طبقي اندر خاندان پنهنجن پنهجن فردن جي پورهئي تي آڌاريل هڪ پيداواري ايڪو هوندو آهي (جيئن هاري، ڪنڀر، مهاڻا، لوهر وغيره).

پورهيت طبقي جو خاندان سمورن فردن لاءِ ڪنهن قدر سماجي تحفظ فراهم ته ڪري ٿو پر پنهنجي بنيادي سچ ۾ خاندان هڪ ويڳاڻو طبقاتي ادارو آهي جيڪو پورهيتن جي نه پر سرمائيدار طبقي جي مفادن جو پورائو ڪري ٿو. پر پورهيتن آڏو به ننڍپڻ کان ئي انهيءَ (خاندان) کي اجرت، نجي ملڪيت ۽ رياست وانگر فطري ۽ اڻ مٽ صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو.

الف

سرمائيداريءَ جي اڀار ۽ پورهيت طبقي جي واڌ سان پورهيتن جو خاندان پيٽي بورجوازي جهڙو پيداواري ايڪو ناهي رهندو ۽ صرف کپت ۽ پورهئي جي سگهه جي واڌ ڪندڙ ايڪي جي حيثيت وٺندو آهي. عورت هجي يا مرد، پورهيت طبقي جو هر فرد پنهنجي پورهئي جي سگهه کي انفرادي طور منڊيءَ ۾ وڪرو ڪندو آهي. اُهو معاشي ٻنڌڻ جنهن اڳي استحصال جي شڪار مجبور خاندان کي گڏ ٿي ڪيو سو هاڻي ٽٽڻ لڳندو آهي. طبقاتي سماج جي شروعات کانپوءِ پهريون ڀيرو عورتون (انفرادي حيثيت ۾) منڊي ڏانهن ڇڪجي اچن ٿيون (مطلب سرمائيداريءَ جي ڪري عورتون به پورهيت طبقي جو حصو ٿي رهيون آهن). اهڙيءَ ريت عورتون کي قدر معاشي پاڻپرائپ پڻ حاصل ڪري وٺنديون آهن. ان صورتحال ۾ گهريلو جبر کي ائين جو ائين قبول ڪرڻ ممڪن ناهي رهندو. عورت جي ان جاڳرتا ۽ پاڻپرائپ جي نتيجي ۾ سمورو خانداني نظام ڪمزور ٿيڻ لڳندو آهي.

ب

عورتن پاران معاشي پاڻپرائپ حاصل ڪرڻ ۽ خاندان جي خدمت چاڪري ڪرڻ وارن ٻن مختلف لاڙن ۾ تضاد اڀرڻ لازمي آهي. جيئن جيئن عورتون وڌيڪ معاشي پاڻپرائپ حاصل ڪن ٿيون، تيئن تيئن هي خانداني سرشتو پڻ ڪمزور ٿيندو ويندو آهي. پر جيئن ته اهو خانداني نظام طبقاتي نظام جو هڪ اهم جز آهي تنهنڪري سرمائيدار پنهنجي بچاءَ لاءِ ان خانداني نظام جو بچاءَ ڪرڻ لاءِ پريشان رهندا آهن.

پ

پورهئي جي منڊي ۾ عورتن جو وڌندڙ انگ، سرمائيدار طبقي اندر هڪ اونهي تضاد کي پيدا ڪندو آهي، خاص طور تي جڏهن معاشي سرگرميون تيز هجن ٿيون.هنن کي تمام گهڻين عورتن کي روزگار ڏيڻو پوندو آهي ته جيئن اجا وڌيڪ استحصال ممڪن ٿي سگهي،پر عورت جڏهن اجرتي پورهيو ڪري ٿي ته پوءِ سرمائيدارن طرفان سندس مٿان ٿاڦيل غير اجرتي گهريلو ڪم ڪار وارو معامرو پڻ تبديل ٿيڻ شروع ٿئي ٿو، خاص طور ٻارن جي پالنا جنهن جي ڪل ذميواري عورت تي هئي. هاڻي رياست اڇي ان پُرندڙ خانداني نظام کي ٽيڪو ڏيندي آهي. رياست عورت جي ڪن اڳوڻن ڪمن ڪارين جو ذمو پنهنجي مٿان کڻندي آهي (جيئن ٻارن جي پالنا لاءِ ٻيبي ڪيئر سينٽر قائم ڪرڻ). مطلب ته رياست سماجي خدمت وارن شعبن ۾ سيڙپ ڪرڻ تي مجبور ٿيندي آهي. پر رياست کي اهي سماجي خدمتون مهانگيون پون ٿيون ۽ اهي سماجي خدمتون

ان سرمايي کي به هضم ڪري ڇڏيون وڃن جيڪو هوند سرمائيدارن جي پيٽ ۾ وڃي ها. ٻي ڳالهه ته اهڙين سماجي خدمتن جي موجودگي، ماڻهن اندر هن سوچ کي هٿي وٺرائي ٿي ته سماج جي غير پيداواري فردن (وڏي عمر وارن ماڻهن، ٻارن ۽ بيمارن) جي پالنا جي ذميواري سماج جو ڪم هئڻ گهرجي نه ڪي خاندان جو. اهي رڳائون پورهيت طبقي جي سماجي ڳُهرن ۾ واڌارو ڪن ٿيون.

پ

سرمائيداري دور ۾ عورتن جو غير اجرتي گهريلو ڪم ڪار (رڌپچاءُ، صفائي ڌلائي، سار سنڀال) هڪ خاص ڪردار به ادا ڪري ٿو. سرمائيدارن کي وڪرو ٿيندڙ پورهئي جي سگهه جي پيداور (پوءِ اها عورت جي پنهنجي هجي، سندس گهرواري جي هجي، سندس ٻارن جي يا خاندان جي ڪنهن ٻي فرد جي هجي) ۾ گهريلو پورهيو هڪ لازمي حيثيت رکي ٿو. سڀ امر ساڳيا هجن ۽ عورت به (خاندان اندر) غير اجرتي پورهيو نه ڪري ته اجرت جي سطح وڌي ويندي. ڇاڪاڻ جو جيڪا خدمت عورت اجرت کان بغير سرانجام ڏئي ٿي سا هاڻي مفت ۾ نه ملندي (ڇو ته عورتن جي ٻاهر ڪم ڪرڻ سان هاڻ سندن پورهيو مفت خانداني خدمت لاءِ ميسر نه رهيو). انجي ڪري سماج اندر انهن خدمتن کي به خريد ڪرڻو پوندو جيڪي اڳ مفت ۾ ملنديون هيون. اهو امر پورهيت طبقي جي حقيقي اجرت ۾ واڌاري جو سبب بڻبو. هوئنئن به پورهئي جي سگهه (ليبر پاور) جي پيداوار لاءِ ميسر معيار زندگي هر سماج اندر تاريخي طور طئي ٿيندو آهي. سرمائيدار عام حالتن ۾ ان سماجي معيار زندگيءَ کي هڪ خاص سطح کان وڌيڪ هيٺ نٿو ڪيرائي سگهي (اهو هو صرف تڏهن ڪري سگهن ٿا جڏهن پورهيت طبقو ويڳاڙو ۽ تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي بيٺل هوندو آهي). عورت کي غير اجرتي گهريلو پورهئي مان ملندڙ آڄپو سرمائيدارن جي ڪل منافعي کي گهٽ ڪري ڇڏيندو ۽ اجرتن جي موجوده سطح کي پڻ پورهيت طبقي جي مفاد ۾ وٺي ويندو.

عورتن جو غير اجرتي گهريلو پورهيو ڪارائتو هوندي به مارڪيٽ لاءِ ڪي (وڪري لاءِ) وکر ڪونه ٿو ٺاهي ان لاءِ اهو پورهيو ڪو به واڌو قدر ڪونه ٿو رکي، ان لاءِ اهو پورهيو سڌيءَ ريت سرمائيداراڻي استحصال اندر نٿو اچي (عورتن جي ان پورهئي جو استحصال اڻسڌي نموني ٿيندو آهي). عورت جي غير اجرتي گهريلو پورهئي جو استحصال سرمائيدار طبقو ڪري ٿو نه ڪي 'مرد' (عمومي طور تي يا پورهيت مرد خصوصي طور تي). سخت پورهيو ڪندڙ خاندان جو هن استحصال (جنهن جو وزن اڳي پوءِ وڃي عورت تي ڪري ٿو) جو خاتمو سرمائيداري نظام جي خاتمي سان سلهاڙيل آهي، جنهن جي نتيجي ۾ عورتن لاءِ عذاب بڻيل غير اجرتي گهريلو پورهيوسماجي ٿيندو.

ت

خاندان جو اهم ڪردار ۽ عورتن جو منڊي ۾ اچڻ سرمائيداريءَ لاءِ هڪ مسئلو ڪڙو ڪندو آهي جيڪو بحراني دور ۾ وڌيڪ واضح ٿي پوندو آهي. هاڻ حڪمرانن آڏو به مقصد هوندا آهن:هڪ طرف ته هو اجرتن جي سطح کي قابو ۾ رکڻ لاءِ عورتن کي منڊي جي ڪارونهوار ۾ ڇڪي وٺي ايندا آهن؛ جڏهن تي ٻي طرف سماجي خدمتن ۾ رياستي سيڙپ ۾ ويتر لاٿ ڪندا آهن. انهيءَ ٻنهي ڪاتيءَ سان وري به پورهيت طبقو ئي ڪنجندو آهي.

انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرمائيدارن کي عورت جي آجپي، آزاديءَ ۽ برابريءَ جي خلاف نظرياتي جنگ وڙهڻي پوندي آهي ته جيئن ٻارن جي پالنا توڙي اهڙين ٻين خدمتن جي زميواري وري به خاندان جي مٿان ئي پوي. ان لاءِ ئي

سرمائيدار ’خاندان‘ کي انساني لاڳاپن جي ’فطري‘ صورت طور پيش ڪندا آهن (مثال طور آمريڪا اندر ڪميونسٽن خلاف اها پروپيگينڊا به عام جام ڪئي ويندي آهي ته ڪميونسٽ ’فيملي ويليوز‘ جي خلاف آهن-مترجم). سرمائيدارن جا پُڇ لٽڪائو دانشور ’باغي‘ عورتن کي ’سمجهائڻ‘ جي ڪوشش ڪندا آهن ته حقيقي خوشي انهيءَ فطري مقصد (خاندان جي بقا) ۾ آهي ۽ عورت جو معراج ماءُ، زال، ڀيڻ يا ڌيءَ ئي ٿي رهڻ ۾ آهي.

بحراني دور جي سمورن اعلانن ۽ رياست پاران سماجي خدمتن ۾ ڪٽوتيءَ ڪرڻ ڪانپوءِ به سرمائيدار پليءَ پٽ چاڙهن ٿا عورت اجرتي پورهئي سان جيترو سلهاڙجندي ويندي، وري ڪيس غير اجرتي (گهريلو) پورهئي ڏاهن ڌڪڻ اوترو ئي ڌڪيو ٿيندو ويندو.

ٿ

صنعتڪاريءَ جي شروعات ۾ عورتن ۽ ٻارن جي پورهئي جو غير منظم ۽ بدترين استحصال ايترو ته وڌي ويو جو پورهيت طبقي جو خاندان ئي خطري هيٺ اچي ويو ۽ پنهنجون سڀ صفتون (پورهئي جي قوت جي پيدائش، پالنا، سنڀال وغيره) ئي وڃائي ويٺو. اٺويهين صديءَ جي انگلستان ۾ اهوئي رجحان (خاندي نظام جي خاتمي وارو) جنهن جي نشاندهي مارڪس ۽ اينگلز ڪئي. مارڪس ۽ اينگلز سرمائيداريءَ اندر خانداني نظام جي تباهيءَ بابت بنيادي سمجهه ۾ درست هئا پر پنهنجي داخلي اوسر جي تضادن کي مانيٽو ڪرڻ واري سرمائيداريءَ جي سگهه بابت هنن جو اندازو درست نه هو، هنن حڪمران طبقي جي صلاحيتن بابت گهٽ ويچاريو جنهن ۾ حڪمرانن عورتن ۽ ٻارن کي روزگار ڏئي پرندڙ خاندان کي ٽوٽي ڏئي بچايو ته جيئن سرمائيداريءَ جو بچاءُ ڪري سگهجي (مارڪس ۽ اينگلز تي ٽراٽسڪائي چوٿين انٽرنيشنل جي هيءَ تنقيد ’پوسٽ فيڪٽو‘ آهي. مطلب ته جيڪو لقاءُ جنهن دور ۾ ٿيو ئي نه ۽ جن لقائن جي بنياد تي تنقيد ڪئي ٿي وڃي سي بعد جي دور جا مظهر هجن. دراصل مارڪس ۽ اينگلز سرمائيداريءَ جي بيٺڪي دور جا نقاد هئا چو ته سرمائيداري هنن جي دور ۾ بيٺڪي سرمائيداري هئي جنهن ۾ سرمائيدار سموري دنيا اندر بيٺڪي ڏاڍ قائم ڪريو ويٺو هو. سرمائيداريءَ نظام ٽئين دنيا جي مظلوم قومن ۽ پورهيتن جو بي انتها استحصال ڪرڻ سبب ئي پنهنجا داخلي تضاد مانيٽا ڪيا.حقيقت اها آهي ته ٽئين دنيا بيٺڪي راڄ جي خاتمي ڪانپوءِ ويتر غريب ٿي آهي. امير ملڪن جي ڪل آمدني ۽ غريب ملڪن جي ڪل آمدنيءَ جو ويڇو بيٺڪي راڄ جي خاتمي سبب گهٽجڻ جي بدران ويتر وڌيو.ان جو سبب سرمائيداريءَ جو نئين، ٽئين ۽ آخري شڪل وٺڻ هو جنهن کي لينن سامراجيت سڏيو آهي. لينزم سامراجي دور جي مارڪسزم جو نالو آهي، اجوڪي دور جي مارڪسزم جو نالو آهي. لينن انهن سوالن تي تمام تفصيلي انداز ۾ بحث ڪيا آهن. اهو ئي سبب هو جو لينن چيو ته ’عالمي انقلاب شنگهائيءَ کان ڪلڪتي ڏانهن ويندو‘. ’غريب يورپ، امير ايشيا‘ لينن چيو هو، چو ته لينن سمجهي چڪو هو ته ٽئين دنيا جي بدترين استحصال جي نتيجي ۾ اولهه جو سامراج پنهنجي ملڪ اندر تضادن کي مانيٽو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. اها عمومي ٽراٽسڪائي لائين آهي ته لينن کي هڪ طرف رکي، لينن پاران مارڪسزم ۾ ڪيل اوسر ۽ واڌ کي پاسيرو ڪري، مارڪس ۽ اينگلز تي جرح ڪجي- مترجم). پورهيت تحريڪ جي گهٽي دٻاءَ سبب رياست سڌيءَ ريت مداخلت ڪندي

پورهيتن جي بدترين استحصال کي ڪجهه ٺٺو ڪيو ته جيئن سرمائيداريءَ کي قائم رکي سگهجي، توڙي جو اڻ سڌي رياستي مداخلت جا 16 ڪلاڪن تائين پورهيتن کي ڪم ڪرائيندڙ سرمائيدارن تي ناڪاري اثر پيا، پر ان عمل سان نظام کي بقاءُ مليو.

حڪمران طبقي جي مفادن جو دفاع ڪندڙ سرمائيدار سياستدان خانداني نظام جي سماجي، معاشي ۽ سياسي ڪردار کان پليءَ ڀت واقف آهن. خاندان جي دفاع جو نعرو صرف پراڻ پسند ساڄي ڌر ته هڻندي آهي پر اسان کي سمجهڻ گهرجي ته خانداني نظام کي برقرار رکڻ رياستي پاليسي آهي ۽ رياستي پاليسين جو تعين سرمائيداريءَ جو سماجي ۽ معاشي ضرورتون ڪنديون آهن.

6

سرمائيداريءَ ئي عورت کي اجرتي پورهيت ۾ تبديل ڪري ان جو استحصال ڪري ٿي.

الف

خانداني نظام سرمائيداريءَ کي اهو موقعو فراهم ڪري ٿو ته اها جڏهن چاهي عورت کي مارڪيٽ ۾ ڪٽي اچي ۽ جڏهن چاهي کيس واپس گهريلو ڪم ڌانهن ڏڪي ڇڏي. چاڪاڻ جو سمورو رياستي نظرياتي ڍانچو اهو مفروضو پيو ورجائيندو آهي ته عورت جو اصل مقام گهر آهي. عورتن ۾ وڌندڙ بيروزگاريءَ جي شرح ڪنهن خاص احتجاج کي جنم نٿي ڏئي ڇو جو اهو مفروضو به ورجائبو رهي ٿو ته عورت جي آمدني دراصل خانداني آمدني لاءِ صرف 'مددي' آهي (مطلب ته عورت جي آمدني خانداني آمدني ۾ بنيادي نه پر ثانوي حيثيت رکي ٿي) ۽ عورت جو پهريون فرض گهر جي سار سنڀال آهي. جڏهن عورت بيروزگار هوندي آهي ته هو گهريلو ڪم ڪندي آهي. مطلب ته عورت ڪم کان واندي ناهي هوندي.

ب

'عورت جو اصل مقام گهر آهي' جي نعري هيٺ سرمائيداري نظام کي خاص مقصد به حاصل ڪندو آهي جيئن:

1. عورت ان لائق ئي نه آهي جو هن کي تربيت يافته روزگار لاءِ تيار ڪجي. عورت شادي ڪري ٿي، پيٽ سان ٿئي ٿي ۽ ڪم ڇڏي ٿي وڃي.

2. عورت کي گهٽ اجرت ملندي آهي.

3. اهو مفروضو ورجايو ويندو آهي ته عورت کي ملندڙ روزگار ڪنهن ٻئي مرد مزدور جو ڦٻايل هوندو آهي.

4. ٽريڊ يونين ۽ ٻين پورهيت تنظيمن ۾ عورتن جو گهٽ تعداد.

5. هي مفروضو ته ٽريڊ يونين يا ٻي ڪنهن مزدور تنظيم جي گڏجاڻين ۾ عورتن جو ڪهڙو ڪم، هنن جي اصل جڳهه ته گهر آهي!'

ٻ

جيئن ته اجرتن جو پورو نظام هيٺان کان مٿي تائين جڙندو آهي تنهنڪري بيروزگار عورتن جي فوج جي موجودگي خود مردن جي اجرتن ۾ اضافي کي روڪڻ ۾ مددگار ٿيندي آهي.

پ

عورتن جي خاندان اندر محڪومي سندن استحصال جا معاشي، سماجي ۽ نظرياتي بنياد فراهم ڪندي آهي. هڪ پورهيت عورت جو استحصال صرف پورهيت جي حيثيت ۾ ئي نه پر جنس جي بنياد تي، سندن ثانوي پورهئي جي بنياد تي پڻ ٿيندو آهي.

ڀ

جيئن ته عورت تي ٿيندڙ جبر، سماج جو طبقن ۾ ورهائجڻ، خاندان جو ان طبقاتي سماج اندر انساني لاڳاپي جي هڪ

ايڪي طور اپرڻ جهڙن لقائن جي ڪري عورت جو استحصال طبقاتي سماج سان تاريخي طور جڙيل آهي. ان لاءِ ان جبر جو مڪمل خاتمو صرف ۽ صرف پيداواري ذريعن جي انفرادي ملڪيت هئڻ جي خاتمي سان ئي ٿيندو. انساني اوسر جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ انساني پيداواري ذريعا نه پر اجوڪي دور جا ملڪيتي سماجي لاڳاپا آهن.

8

عورت جي حقيقي آزاديءَ لاءِ ڪابه حڪمت عملي جوڙڻ وقت اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته عورتن تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبر جا تاريخي، معاشي بنياد کهڙا آهن. انهن تاريخي، معاشي بنيادن کي ختم ڪرڻ سان ئي عورت تي ٿيندڙ ظلم جو مڪمل خاتمو ڪري سگهجي ٿو. ان سمجهه کان ڪن لاتار ڪرڻ سان تمام وڏيون عملي غلطيون ٿينديون. جيئن:

الف

هڪڙي غلطي پنهنجو پاڻ کي مارڪسوادي ڪوٺائيندڙ به ڪندا آهن جڏهن هي همراهه عورت تي ٿيندڙ ظلم جي بنيادن کان ئي انڪار ڪندا يا انهن بنيادن کي گهٽ آهم سمجهندا آهن. هي جوان عورت تي ٿيندڙ ظلم کي پورهيت طبقي تي ٿيندڙ عمومي ظلم جو صرف هڪ پاسو سمجهندا آهن. اهو نڪته نظر عورتن جي مڪمل آجپي جي نه پر صرف وقتي مقصدن (بهتر روزگار، اجرتون وغيره) کي حاصل ڪرڻ واري سوچ کي هٿي ڏيندو آهي. سندن چوڻ آڳي ته عورت کي آزادي ته سماجوادي نظام ئي ڏيندو تنهنڪري ڪين الڳ سان. پنهنجن مقصدن لاءِ منظم ٿيڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي.

عورتن کي سندن مٿان ٿيندڙ جبر خلاف منظم نه ٿيڻ جي صلاح سان پورهيت طبقي جي تحريڪ اندر ڏار پون ٿا. اها صلاح پنهنجي ثانوي حيثيت هئڻ واري سماجي حقيقت سان بغاوت ڪندڙ عورتن اندر پڻ طبقاتي شعور جي اوسر کي ڏکي ٿي.

ب

ٻي غلطي اهي ڪندا آهن جيڪي چوندا آهن ته عورت تي مرد جي حاڪميت سماجي نظام کان اڳ ئي موجود هئي يا اڳ ظاهر ٿي. هو چوندا آهن ته جيئن ته پورهئي جي پهرين ورهاست جنسي بنيادن تي ظاهر ٿي هئي تنهنڪري پدر شاهاڻي جبر جي سمجهاڻي ذاتي ملڪيت ۽ طبقاتي سماج جي محرڪن کان ڌار ٿيڻ گهرجي. هي همراهه عورت جي ٻارن پالڻ واري عمل کي ڪل سماجي لاڳاپن کان ڌار ڪري پوءِ صرف ان ئي کي سوچين ٿا. هي ماڻهو اوائلي ڪميونسٽ دور جي گڏيل انساني پورهئي جي اهميت کي نظر انداز ڪن ٿا. ڪي ته اجا به اڳتي نڪرندي، زمان ۽ مڪان کان آجي، پدرشاهاڻي پيداواري ذريعن جي ڳالهه ڪندا آهن. هي گهڻو ڪري نفسياتي سبب پيا ڳوليندا آهن جيڪي پڻ غير تاريخي هئڻ ڪري خياليت جوڳر ئي هوندا آهن. اهڙا رجحان ’ريڊيڪل فيمينسٽ‘ وارن جا آهن. مارڪسواد جا مخالف ۽ ڪي ٻيا ماڻهو به اهڙا ويچار رکن ٿا. ڪي ته مارڪسواد اندر عورتاڻي ’ترميم پسنديءَ‘ جي ڳالهه به ڪن ٿا.

پر هر اهو نڪته نظر جيڪو عورتن تي ٿيندڙ ظلم جا بنياد طبقاتي استحصال ۾ نٿو ڏسي، طبقاتي جدوجهد کا ڌار، عورتآزاد نظريي جي بنياد تي ئي الڳ سياسي پارٽي هئڻ تي زور ڏئي ٿو سو آخر ۾ طبقاتي استحصال ۽ جنسي بنيادن تي ٿيندڙ جبر جي خاتمي لاءِ عورتن ۽ مردن جو هڪڙي پليٽ فارم تي گڏجڻ جو به مخالف بڻجي پوي ٿو. ان قسم جو نظريو رکندڙ ماڻهو جدوجهد جي عمل ۾ ٻين مظلوم ۽ محڪوم سماجي پرتن سان اتحاد جي ضرورت کي


اهم ناهن سمجهندا.

اهي ٻئي هڪ پاسائان نقطي نظر ان جدوجهد (جيڪا عورت جي آجپي ڪي طبقاتي جهد جي هڪ صورت ۾ ڏسي ٿي) جي بنيادي انقلابي محرڪ کان انڪار ڪن ٿا. هي ٻئي فڪر اها حقيقت سمجهڻ ۾ به ناڪام وڃن ٿا ته عورتن ڪي پنهنجي جدوجهد ڪي ڪامياب ڪرڻ لاءِ (مڪمل آجپي لاءِ) سرمائيداري انساني لاڳاپن کان وڌيڪ اوچي سطح تائين وڃڻو آهي.

شخصيت

ارنيسٽو ”چي“ گويرا

گلاب راءِ



ارنيسٽو ”چي“ گويرا 14 جون 1928ع تي ارجنٽائن جي هڪ مشهور شهر ”روساريو“ ۾ رات جي وڳڙي ۾ پيدا ٿيو.

چي گويرا پوئين صديءَ جو مشهور جنگجو ۽ ويڙهاڪ انقلابي انسان هو. هن مظلوم قومن کي پنهنجا حق وٺي ڏيڻ لاءِ سياسي، نظرياتي ۽ انقلابي حڪمت عمليءَ سان گڏ بندوق جي گولي تي وڌيڪ ڀاڙيو. انهيءَ لاءِ ته هن عظيم شخصيت چيو ته:

”قوم جا حق لفظن جي جادوگري سان نه، پر شيهي جي گوليءَ سان ملندا آهن. سامراجي راڪاس فقط ان قوم جي اڳيان جهڪندو آهي، جنهن قوم جون آڱريون رائيفل جي گهوڙي تي هونديون آهن.“

هن دنيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ غلام قومن کي آزادي ڏيارڻ لاءِ ڇاپي مار جنگين (گوريلا ويڙهه) ۾ حصو ورتو ۽ ڪامياب ٿيو. ڪيوبا جي انقلاب لاءِ هن پنهنجو تن من ڌن واري ڇڏيو ۽ نيٺ فتح سندس نظرئي جي ئي ٿي.

چي گويرا پاڻ ئي هڪ هنڌ لکيو ته ”مون کي شاعر ٿيڻو هو پر انقلابي بڻجي پيس.“ هن سياسي ۽ جنگي حڪمت عمليءَ تحت عمل جي هر ميدان ۾ پاڻ کان بهتر مسلح ۽ طاقتور فوجن کي ٽوٽا چٻايا ۽ کين شڪست ڏني. هو لاطيني آمريڪا ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ کان باخبر هو، آمريڪا جي ريڊ انڊين جي ڏکن سورن کان باخبر هو ۽ اتي انهن مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ مسلح ٿي وڙهيو، گوئٽي مالا ۾ پڻ رهيو، پر جڏهن اتي آمريڪي نواز حڪومت قائم ٿي ۽ مخالفن جو قتل عام (carnage) شروع ڪيو ويو، تڏهن چي گويرا گوئٽي مالا کان ميڪسيڪو پهتو. جتي فيڊل ڪاسترو جي ڀاءُ رائول ڪاسترو جي ڪري سندس ملاقات فيڊل ڪاسترو سان ٿي، جتان فيڊل ڪاسترو جي ويڙهاڪ گروپ سان ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪيوبا پهتو ۽ ڪيوبا جي آزادي لاءِ ڪاسترو جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهيو. ايستائين جنگ جاري رکيائين جيستائين ڪيوبا ۾ انقلابي حڪومت قائم ٿي. ان انقلابي حڪومت ۾ وزير مقرر ٿيو. پر دنيا ۾ انقلاب آڻڻ جي خواهش وزارت جي ڪرسي تي به ڪيس ويهڻ نه ڏنو ۽ اپريل 1965ع ۾ اوچتو ئي اوچتو ڪيوبا مان گُم ٿي ويو. فيڊل ڪاسترو کي صرف هڪ چٺي لکي اطلاع ڪيائين ته ”مان دنيا جي مظلوم ۽ غلام قومن جون رڙيون ۽ دانهون اجا سوڌو ٻڌان ٿو ۽ جيستائين انهن کي آزادي نه ڏياريندس سک جو ساهه نه کڻندس.“ ان خط ۾ ئي ڪيوبا جي سڀني سرڪاري عهدن تان استعيفائون ڏنائين ۽ ايتري قدر جو ڪيوبا جي شهريت تان به دستبردار ٿيو. بين الاقوامي انقلابي جي حيثيت ۾ چيائين ته دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪٿي به انقلاب جي ضرورت پئي مان اتي وڙهندس. ڪيوبا کان پوءِ بوليويا ۾ انقلابي دستن جي قيادت ڪيائين جتي هڪ ڊائري پڻ لکيائين ”چي

گويرا جي بوليوين ڊائري“ جيڪا اتي جي جهنگلن ۽ ميدانن ۾ انقلابي ويڙهه دوران لکيائين.

آخرڪار سامراج خلاف وڙهندي 8 آڪٽوبر 1967ع تي زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو ۽ 9 آڪٽوبر 1967ع تي ڪيس بي دردي سان ماريو ويو.

مرڻ وقت سندس عمر 39 سال هئي. مرڻ کان اڳ چي گويرا پنهنجن معصوم ٻارڙن ڏانهن هڪ خط لکيو. جن ڪي هو جمڻ وقت ڇڏي غلام قومن کي آزادي ڏيارڻ لاءِ نڪتو هو. هن لکيو ته:

”توهان جو پيءُ هڪ اهڙو انسان هو، جنهن جيڪو ڪجهه سوچيو تنهن تي عمل ڪيو، يقين ڄاڻجو ته توهان جو ابو پنهنجن نظرين سان بي حد وفادار ۽ انقلابي زندگي تي هلندڙ هڪ سچو انسان هو ۽ سڄي انقلابي بڻجڻ لاءِ جوان ٿيو. ياد رکجو انقلاب ۽ انقلابي زندگي ئي اهم آهي. انقلاب جي اڳيان اسان جي شخصي زندگي ۽ وجود جي ڪابه اهميت ڪانهي. دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ڪنهن به مظلوم قوم ۽ مظلوم انسان سان ٿيندڙ ظلم ۽ بي انصافي جو احساس رکجو ۽ ان کي نجات ڏيارجو.....!!“

۽ آخر سندس موت تي سندس انقلابي ساٿي فيڊل ڪاسترو هڪ تقرير ڪئي ۽ سندس عمل کي عقيدت جي گلن جي خوشبوءِ ڏني جيڪا پڙهندڙن آڏو آهي.

”آخري فتح عوام جي ٿيندي، ليڊر مري وڃن تڏهن به تاريخ جو سفر جاري رهي ٿو. چي گويرا جي شخصيت جو پاڇو اهڙي طرح ڦهليو آهي جو اکيون حيرت زده بڻجيو ٿيون وڃن، ايئن جيئن ليڻ سان نه لڻن. چي گويرا حيرت انگيز طور تي عملي شخصيت جو نالو ئي نه هئو پر هڪ ڏکهي نگاهه رکندڙ هڪ ذهين ۽ عظيم شخصيت هو، اهو تهذيبن جو رکوالو هو. سوچون ۽ لوچون هن جي چوڌاري ڦرنديون هيون. هو عمل ۽ نظرئي جي هم آهنگي (He was the symbol of thousand Actions) جو گڏيل نالو هو. هو ايندڙ نسلن لاءِ بيباڪ ۽ بي جگر سپاهي جي ناتي سان صرف پنهنجي تجربي ۽ علم جو سرمايو ئي نه پر ذهانت جو ثمر به ڇڏي ويو آهي. ان جي ذهانت جا اهي ثمر ان جي يادن جو اهو ختم نه ٿيڻ وارو سلسلو آهي، جنهن کي موت ڪڏهن به ماري نٿو سگهي ۽ جنهن کان سواءِ شايد هو تاريخ جو گم ٿيل باب بڻجي ويندو.

جنگ طويل ۽ هولناڪ هوندي
ميدان جنگ ۾ گوريلن جون صِف بنديون ٿينديون
شهر هوندا، گهٽيون هونديون ۽ انقلابين جا گهر هوندا، جن کي ظالم ۽ سرڪش حاڪم
پنهنجي لاءِ آسان شِڪار گاهه سمجهن ٿا
۽ ابوجهه ۽ معصوم انسانن جو شڪار ڪن ٿا
اچ ڪانپوءِ
ٻهراڙيون قاتلن جا قبرستان ٿينديون
هر گهر، هر گهٽي، هر ڳوٺ ۽ هر شهر
ميدان جنگ ٿيندو.
دشمن جي بمباريءَ سان تباهه ٿيل
شهر ۽ ٻهراڙيون ميدان جنگ ٿيندا
۽ پوءِ آخري فتح عوام جي ٿيندي،
آخري مرڪ عوام ئي مرڪندو.

ادب

سباجهي سنڌ تي لڳل ڪارنهن

فقير علي اصغر

نوٽ: (1996- 03- 23 جي لکيل)

مان يونيورسٽي جي بي مهلي موڪلن يعني سياسي جهڳڙن، بائيڪاٽن، سيڪيورٽي فورسز جي مڙهيل ڊباءَ يا ڪنهن

دنياوي حور پريءَ تان دنگي فساد ۾ ڪوندرن جي گنداسي ڦرڻ ڪري اسپتال حوالي ٿيل مظلومن جي اخلاقي، سياسي، ثقافتي دوستن جي جهيڙن جهڳڙن سبب ڳوٺ دربدر ٿيندو آهيان ته ڏينهن جو ڪم ڪار لاهي شام جو ذهني عياشيءَ ۽ ڦوڪن ٻڌڻ لاءِ ڪاڪي دادن جي 22 صديءَ جي ڦيٽي واري دور يعني 1100 ق. م. واري آٽوميٽڪ هوٽل تي اچي ويهندو آهيان. پوءِ ائين لڳندو اٿم ڄڻ ٻڏان ۽ تران پيو پر اهو پاڻيءَ تي منحصر آهي ته بيٺل آهي يا جاري. اڄ پنهنجي معمول مطابق سروٽن جي ٽيڪ تي رکيل ٻئنچ نما تختي تي ويهي رهيس. آسپاس نظر ڦيرايم ساڳيا چهرا ڪي ڪومايل، ڪي تازا، ڪي شوقين ۽ ڪي وري شوقينن جا باڊي گارڊ نظر آيا. چاچو ڪمن به پنهنجي مخصوص ڪوڪ ڪنگهه واري اسٽائل ۾ ڪنگهندو ڏنم هو پنهنجا جاندار ڪانگهارا اهڙي زور سان اڇلائيندو آهي ڄڻ ڪو وات مان گوليون هلائيندو هجي. ڪاڪي دادن هوٽل واري ڪان اها ورهين پراڻي اخبار گهريم جيڪا هن مشڪي ڪليءَ ۾ ٽنگيل بوسيده ڪپڙي مان چنڊي ڏني. اخبار تي نظر وجهندو آهيان ته ائين لڳندو اٿم ڄڻ اخبار مان لفظ ڇٽي رهيا هجن. اخبار جي شهه سرخين تي نظر وڌم. هيڊ لائين ۾ لکيل هو جنرل نيازيءَ، جنرل اروڙا سنگهه آڏو هٿيار اڇلائڻ لاءِ صحيحون ڪيون. ملڪ جي صدر استعفا ڏئي ڇڏي، هڪ ڏنڌلي ڦوٽوءَ ۾ ان صدر کي بدنام ڪرڻ لاءِ نورجهان جو هنج ۾ ويٺل فوٽو چنبڙايل هو. ملڪ جون واڳون نئين چيف مارشل لا ايڊ منسٽريٽر سنڀاليون ۽ پنهنجي پهرين دونهين دار تقرير ۾ ان عزم کي ورجايو ته هو هڪ لک ڦاٽل فوجي هندستان مان ورائيندو. مشهور وليعهد شيخ آف عربيا ايشيائي ملڪن جي دوري دوران موڪلن جو پيرڊ گذاريندو ۽ موڪلن دوران هو تتر ۽ تلور پراڻي گولڊن شراب ۽ خوبصورت عورتن کي چند ڏينهن لاءِ پنهنجي حرم سراءِ ۾ رکڻ جهڙين خدمتن عيوض هو ٽئين ۽ چوٿين دنيا جي ملڪن جي ڪسٽي ۾ هزارين ريال وجهي ثواب دارين حاصل ڪندو. وري هيٺ لکيل هو سنڌي رسالن ۽ اخبارن تي بندش لڳڻ واري (سواءِ مخصوص رسالي ۽ اخبار جي) ملڪ جا ناميارا سياستدان جيل حوالي ۽ آخر ۾ ملڪ جي قومي راند هاڪيءَ ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ جي خدمتن عيوض اصلاح الدين کي سنڌ ۾ 300 ايڪڙ زمين ڏني ويندي. خبرون پڙهي اخبار ڪاڪي دادن کي ڏني جنهن سنڀالي رکي ڇڏي. هوٽل جي اڪيلي بيري ڇوٽو خميسي اوٻاريل چانهن جو بنا ڪڙي وارو ڪوپ رکيو ته مان هٿ جي وچٽي سان خدائي راڪيٽ کان چانهن جي حفاظت ڪرڻ لڳس ۽ چانهن ٺرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. منهنجي پر ۾ هڪ خفتي ويٺو هيو. هٿ ۾ هڪ شاهي ڪڪڙ، بغل ۾ لسڙو ڇوڪرو ۽ هڪ ڪاٺ واري مخصوص (Sanyo) سانيو ٽيپ جنهن ۾ يقيناً مني يا پونٽي جلال جي ڪيسٽ قيد ٿيل هئي. ڪائنس ڦالو پڇڻ لڳو. ”سرائي وليداد خان ڇا ته ڪڪڙن جو خفت آ جواڻ هياسين ته شغل ڪياسين ۽ پنهنجي ٻانهن جو پورهيو ساسين تي لٽائي ڇڏيوسين پر هاڻي!!!! هڪ محروم شوڪارو پريائين.

چيز ٽئي وڏا اوڪبڙو! خفتيءَ ڪان منٽن سان 35 هين هزارين ورٽو اٿم. ڊڳن جون 2 جوڙيون ڏڪ تي رکيم پر ضد پورو ڪيم. جي امان جي دعا سان ميل چاڙهيائين ته سڀ جهڙ لهي ويندا. وليداد ڪڪڙ تي پيار سان پنهنجو ڪهرو هٿ گهمايو.

بروبر سرائي بروبر خفتيءَ ڪڪڙ نه جوءِ وکي آ. ڦالوءَ ڪڪڙ ۾ جوهه برقرار رکندي چيو.

پشوري اٽئي وڏا ڪنڊڪوٽ جي گرميءَ جو پليل ٽئي ڪڪڙ نه ڪتو چئينس. وليداد ڦونڊجي شهپرن ۾ هٿ وڌو.

ڀلا سرائي هي نينگرو! ڦالوءَ جي لالچي نظرن ڇوڪري جو ننهن کان چوٽيءَ تائين جائزو ورتو.

وڏا باڳي ديري جو آ جهڙو اٿس نالو راڻو تهڙو آ دل جو راڻو اصل يارن جو يار. مائٽن پٺي ٽيپ ڏنس هر جو منيو وٺرائي ڇوڪري ڪان پٺي هارپو ڪراين مون ڪان رهيو نه ٿيو ٽوڪي ته خبر آ پاڻ ڪنهن تي ظلم ٿيندو ڏسون ئي ڪونه سو وٺي آيو آهيانس هتي ٿڌي چانهه ۾ ويٺو آهي پلا هي ڪا عمر آ هارپي جي ڪجهه گذري اٿس ڪجهه گذاريندو، ڪيئن پورل. وليداد نينگر جي رانن تي هٿ هنيو ۽ ڇوڪرو مشڪڻ لڳو.

پلا هي ٽيپ ڪڏهن ورتئي مڙيئي؟ ڇڱو خاشو آ ٻئين هزارين ڪن جو؟

وليداد ڪاوڙ مان قالوءَ جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو وڏا انصاف نه ڪئي 33 سئين جي ٽيپ ڪي ٻين هزارين جو چئي ٻوٽ تي دانگي گهمائي ڇڏيئي. پر حد تي ٻيو ڪيئن پورل؟ سندس پورل ڪنهن شوپيس واري روبوٽ جيان ڪنڌ لوڏائي ها ڪئي.

پلا سرائي ڪا چانهن ٻانهن به پياريندي يا ٺلهين ڳالهين مان پيٽ پربو. قالوءَ ڳالهه جو رخ مٽائيندي چيو.

اڙي ڇورا ٽي چانهيون فس ڪلاس دودهه پتي. وليداد پري کان هڪل ڪندي چيو.

حاضر سائين آيس ڇوٽوءَ مختصر جواب ڏنو. اتي غلامو ڪوسو به پهتو سپ هوٽل وارا ماڻهو اتي پيا ۽ ڪيس ڪيڪاريائونس پر هن ڪنهن کي ڪنگهيو به ڪونه ۽ عجب ادا سان پري ويهي رهيو. غلامو ڪوسو نندپڻ کان وٺي ڪاٽڪو هيو سنهيون ڇوريون ڪري هاٽي پاٽاري ٺاهي هئائين سپڪو ڪائنس ڪن ڪندو هو.

اتي وليداد ٽيپ کي چالو ڪيو مني جلال کي ڇوري ڇڏيائين هو چئي رهيو هو ”ادا وريل ٻڌ عاشق کان محبوب رسي ويو آ عاشق جو جيئڻ جنجال تي ويو دنيا قبرستان جيان ڪاٽڻ پئي آيس دل پئي چويس ته ملڪ کي تيلي هٽي ڇڏي. وريل ڌانهن ڪندي ورندي ڏنس وڏا بروبر. مني جلال وري واعظ شروع ڪيو فرمائش آ جمي ڊڊ جي جيڪو منهنجو پرين پيارو دوست آ، وڌيڪ فرمائش آ خانپور ٽاٽي کان منڇي بقادار جي، ڳوٺ ڪرڙ ميربحر کان خميسي ٽانگي واري جي ۽ سعوديءَ کان خاص فرمائش آ حاجي سائينداد خان جي جيڪو به منهنجو پرين پيارو پائرن کان وڌ پاءُ آ ته عاشق ڏسي چا ٿو چوي. ڪجهه سازن وارن جو تعارف ڪرايان طبلي تي تبال خان، بينجوءَ تي پڳڙو مل، هارمونيءَ تي استاد رانجهن ۽ چاٽيءَ تي گلاب گرماٽي ته عاشق ڏسي چا ٿو چوي. ”او او ڪين وٺي ٿو ملڪ هي سارو تيلي هٽان چا ڪريان مون سان محب نه ٻولي“ پوءِ ته مني جلال مان اصل رسي چڙي پئي هڻ هڻ هڻ هٽان نه سر نه تال نه موسيقي نه شاعري مڙيئي ڪمپني وارن جو پيٽ پرٽو. اتي غلامو ڪوسي هڪل ڪري وليداد کي چيو اڙي ڇورا کهڙو محرم جو مهينو آ لڳاءِ ڪو مرحوم کي ته برهه جون ٻاهيون نڪرن هاءِ ڙي گلشير تيوٽا هاءِ سور ڏئي وئين.

وڏا مرحوم جون ڪيسٽون گهر رکيل آهن. ٻيهر ڪٽي ايندس ته پوءِ ٻڌجان. وليداد اڃا مس ڳالهه پوري ڪئي ته غلامو ڪوسي پونڊو ڏيندي چيس اڙي هي ته وٺ تنهنجي ليکي غلامو اصل پينگيو آهي گهر شيشن ۾ اٿو اٿس؟ اڙي تو جهڙا وات ڳاڙها ڇورا غلاموءَ کي جواب ڏين قيامت نه آئي.

وليداد جي ڏونئرن جون مڇيون تڙپڻ لڳيون منهن مان رت ڇڻ ڪنهن ڇوسي ڇڏيو هجيس ڏندن سان زبان کي لغام ڏنائين خبر هيس ته آڏو به ڪي جوان آهن مورڳو ٽيپ ئي بند ڪري ڇڏيائين هوٽل تي ڪي پل خاموشيءَ جو راڄ ڇائنجي ويو.

اڙي ڇورا ڪلاڪ ٿيو آ چانهن نه پهتي ميري متيري جهڙيون اکيون ٽمڪائيندي ڇوٽوءَ تي دهمان ڪيو.

حاضر سائين پهتس ڇوٽوءَ تڪڙ

ڪندي چيو.

متيري پر ۾ ويٺل خدوءَ کي چيو يار ملي رحمانيءَ جي ميڙي تي ڪڪڙن جي ميل، رڇ ڪتي جي ٻچ به ڏسٽي آ وري خيروءَ چانڊيئي جو وهانءَ به آهي ٻڌو اٿئون او پنجاب مان ساڳئي ريشمان ۽ زرقا به ايندءيون. ڦٽين به سور ڏئي چڙيا آهن چوان ٿو ته رپين جا ڏهه هزار هجن ها ته گهور ٻور ڏئي دشمن جا آنڊا ساڙجن ها.

اتي اوچتو نبو ڪدڙو مخصوص انداز ۾ تاڙا وجائيندو پنهنجي ڪدڙي هجڻ جو ماٺهن کي احساس ڏياري متيري جي پر ۾ ويٺو ۽ مغز تي هٿ هٽندي چيائين ڪو چانهن چڪو ته پيار مغز تو ڦاتي هائي هائي هاٿي ڏندو چوپٽ تي ويو آهي.

سو وري فقير ڪيئن متيري مشڪندي چيو ۽ سيني جا ڪن متيري ۽ ڪدڙي ڏانهن متوجه ٿي ويا.

پر پاڻ آهيون آٽا نپٽا ملوڪن چيو آ ته ملاح گار نه ڏئي ۽ ڪدڙو ٻچڙو ڪم نه ڪرائي ته ٻنهي تي پڙ پون. پسٽان هن دوزخ مان ته اچي ڦاٽا آهيون نه پرجي نه جند ڇٽي. اڳئين راڄ شوقين ها هاٽي ڪو لشٽ ئي نه ٿو ڪرائي. ڪدڙي پنهنجي پيٽ تي هٿ هٽندي خيالن جو اظهار ڪيو.

پلا فقير ڪو مڙس ماٺهو رليئي. وليداد تجسس مان پڇيس.

هاڙي منهنجا پيءُ سنڌ گدڙن ڪانه ڪاڏي آ. شاهه پنجي جي ميڙي تي هڪ خفتي گڏيو هو شڪل جو غريبڙو، بندرو شيطان، پير پدمڙا چيائين فقير ٽڪو پنجو ٿيندو يا. مون واري يار فرزانه ڏسي چيو همراهه ڪهڙو اٿئي مون چيومانس وڏن وڏن گبرن کي گِيت ئي هڪڙي ڏنم. هي ته هٿن جو ٻار. خير لَينُ جي پر ۾ وٺي ويو 35 رپين ۾ سودو ٿيو. منهنجي جي به ان ڏينهن ازلئون ڦٽي هئي مُلي لُٽر جي ناناٽي اڍ چڪ مان هو. پوءِ منهنجا پاءُ پنهنجي خدا ۾ پت ڪرين ته ڏينهن ڏني قطب تارو، وچون، ڪتو ۽ ڪٺ نظر آئي. هاٽي اهڙو

مسومڙو ڏسان ٿو ته ڦقڙي پنجي تي وچي هوٽل ۾ ٿهڪن جا گلاب ٽڙڻ لڳا.

منهنجي پر ۾ ويٺل پوڙهي ڪمن چيو ”پٽ دوسو پلا ڪا نوڪرڙي مليئي يا وتين ڪتا ڪٽيندو؟

چيومانس چاچا ڪمن اميد تي جڳ سارو بيٺو آهي دعا ڪر ته ڪو ڳهو تري.

پر به ٽيهه سال ٿيا ٿيئي پڙهائي ڪندي، وارن ۾ اڇا چغليون پيا هٽنئي نه شادي ڪيئي نه نوڪرڙي. سنو پچنئي ته وڏيري گابن وٺ منچي ٿي. لٽو، ڪپڙو ۽ پيٽ گذر پيو ٿيندئي مڙيئي وقت سنو گذرندئي واتان ويٽي سڪٽي شڪارپوري صلاح ڏنائين.

چاچا باقي ڇهه مهينا آهن ان ڪانپوءِ بوٽ گسائبا باقي پيٽ ته ڪتا به پيا تاتين. مان به بابي تي چٽي ويتر مائيءَ ۽ ٻارن جو ولر ڏاريان پوءِ روز روز جو رينگٽ پاڻ چڙا پلا. جان چڙائيندي چيم.

پر چاچا تو به ته جوانيءَ ۾ گهٽن جا کير ڪاريا هئا مون کي به تنهنجون ۽ پوڙهي جانل جون خبرون آهن توهان جو ته اصل مٽو مٽي تي عشق هو پوءِ پوڙهي جانل چو علڻ وچي مڙس ڪيو. سندس ڏکندي رڳ تي هٿ رکيم.

هائو ڙي دوسو هائو. اڃ ٻولي پيو توڪان ڪهڙي لڪ جانل جو ڏوهه ناهي مڙيئي آئون پاڙيو ٿي ويس ۽ توکي ٻڌايان ته دنيا ۾ مٺي ۾ مٺي شيءِ اٿئي .... بس جنهن کي لڳي اصل ريٽي چڏيس سپ عشق فشق ٿيو وجن. ڪلندي چيائين.

اتي ڪاڪو دادن ڪنڌي واري ڪاپي ڪٽي اوڌر جو حساب ڪرائڻ لاءِ آيو ۽ چيائين پٽ دوست محمد هي ٽوٽل ته ڪري ڏي.

هائو ڪاڪا ۽ مان حساب ڪرڻ لڳس. وڏايو 800 چانهيون، خميسو 300 چانهيون، رب ڏنو 47، وليداد 133، ماٺڪ 51، غلامو ڪوسو 1013 ۽ الهه بچايو 413 چانهيون.

الهه بچائي تي پهتس ته منهنجي اکين آڏو سندس هنرمند زال جا هٿ ڦرڻ لڳا جيڪا ٽوپيون سبي مڙس کي پالي رهي هئي پر هو ڪيس ڪنگهندو به ڪونه هو. پاڻ به ڪو سيف الملوڪ ڪونه هو اهڙو بدشڪلو هو جو ڪا پوڙهي سوڙهي به پلجي پنهنجي ڏوپ جو لٽو نه ڏئيس. مڙيئي مڙس جي ساعت، هيو پاڏو ۽ ڪجهه ڀهراڙي واري حاذق حڪيم کان ورتل ڪکن سبب جهرڪ ٻڌجي ويو هو پوءِ مڙيئي "سڻ ميان قاضي نهين دل راضي" مان ٽوتل ڪري سوچڻ لڳس ته اتي خانو زهرائي ٻوڙندو پهتو ۽ چيائين ڦهر ٿي ويو بغداد ٿي ويو الهه بچائي ملوڪيءَ کي غيرت ۾ اچي ڪاري ڪري ماري ڇڏيو آ ۽ پاڻ فوٽي خاشڪيليءَ جي ٽولي سان وڃي رليو آ. واهه واهه ٿي وئي غلامو ڪوسي خوشيءَ ۾ چيو اها اٿو غيرت واهه ڙي الهه بچايا واهه. ۽ مون آڏو ڌرتي چوڏيل وانگر ڦرڻ لڳي ملوڪيءَ جي بي گناهه قتل سبب ائين لڳو ڄڻ سڀاجهي سنڌ تي لڳل ڪارنهن تي سپ ڪلي رهيا هجن.

پارٽي رپورٽ

ليبر پارٽي سنڌ پاران ٻوڏ متاثر عوام جي سهائتا لاءِ ڪيل امدادي سرگرمين جي رپورٽ

امدادي سرگرمين جو پهريون دور

سيپٽمبر جي 11 تاريخ تي ليبر پارٽي سنڌ جي E.C هڪ هنگامي گڏجاڻي ۾ ٻوڏ متاثر عوام جي سهائتا لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪيمپن ۽ امدادي سرگرمين جي آغاز جو فيصلو ڪيو. انهيءَ فيصلي جي روشني ۾ سنڌ E.C جي ميمبر ڪامريڊ فيض ڪيريو جي اڳواڻي ۾ هڪ ڪاميٽي جي جوڙ جڪ جو فيصلو ٿيو جنهن ۾ ٻيا هيٺيان ساٿي شامل هئا.

1. ڪامريڊ جبار انڙ، 2. ڪامريڊ اديب رتڙ،
3. ڪامريڊ منور چانڊيو، 4. ڪامريڊ پرويز سولنگي،
5. ڪامريڊ سرمد ٽيپو.

جيئن ته متاثر ضلعن اندر امدادي سرگرمين کي حيدرآباد منجهان بهتر طريقي سان نڀائي سگهجي پيو، تنهنڪري ڪاميٽي جي جوڙجڪ به اُتان جي ڪامريڊن تي آڌاريل رهي. اهڙي ريت سنڌ E.C جي فيصلي کان پوءِ، سڄي سنڌ جي ڪامريڊن کي سرگرم ٿيڻ لاءِ چيو ويو ۽ ڪراچي، واڱڪي وسي، حيدرآباد، ميرپور ٻٺورو ۽ مورو ۾ ڪيمپون هنيون ويون. ڪراچي ۾ ڪامريڊ شبير آزاد، حيدرآباد ۾ ڪامريڊ فيض، مورو ۾ ڪامريڊ امير لغاري، واڱڪي وسي ۾ لطيف لغاري، ڪامريڊ اشوڪ ۽ ميرپور ٻٺورو ۾ ڪامريڊ نبي سوهو ڪيمپ انچارج مقرر ٿيا. حيدرآباد ۾ 14 سيپٽمبر کان 18 سيپٽمبر تائين نسيم نگر چوڪ تي ڪيمپ هنئي وئي ۽ اتان کان ئي سمورين امدادي سرگرمين جو آغاز ڪيو ويو. ڪامريڊن فنڊ گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مرڪزي ليبر رليف ڪمپين (LRC) ٻن قسطن ۾ 5 لک موڪلي ڏنا. (هي ادارو ليبر پارٽي جي مرڪزي اڳواڻن ۽ ڪجهه ٻين ترقي پسند ساٿين پوئين سال گڏجي جوڙيو هو جنهن جي ٻلي ڪم هو ته اِهو ڪاٻي ڌر جي عالمي ساٿين ۽ تنظيمن کان امداد سرگرمين لاءِ فنڊ گڏ ڪري). امدادي سرگرمي جي هِن پهرين دور ۾ ڪاميٽي ڪانسواءِ هيٺيان پارٽي ميمبر وڌيڪ سرگرم رهيا.

1. ڪامريڊ مارئي، 2. ڪامريڊ شفقت، 3. ڪامريڊ لطيف، 4. ڪامريڊ ڪهڪشان، 5. ڪامريڊ عالم، 6. ڪامريڊ سانول، 7. ڪامريڊ جهانزيب، 8. ڪامريڊ عرفان، 9. ڪامريڊ تحريم

جڏهن ته ڪامريڊ عنايت، ڪامريڊ دليپ جوشي، ڪامريڊ حاڪم مگريو ۽ ڪامريڊ نور محمد سومرو، ڪامريڊ شبير سميت ٻين همدرد ساٿين به پاڻ ملهايو.

انقلابي جذبي سان ڪامريڊ ساٿي نه صرف شهر جي مختلف علائقن ۽ چونڪن تي بيهي پارٽي پلي ڪارڊ هٿ ۾ جهلي، چڱو خاصو جهولي فنڊ گڏ ڪيو. پر ڪيمپن تي پورو ٽائيم ڏيڍ سان گڏ، ڪاڌ خوراڪ جي خريد، پيڪنگ ۽ متاثر علائقن تائين رسد جهڙن مختلف ڪمن ۾ به سرگرم رهيا. LRC جي وقتائتي سپورٽ ڪانسواءِ سرگرمي جي پهرين دور ۾ 87735 روپيا ڪيش جي صورت ۾ حيدرآباد ڪيمپ ۾ گڏ ڪيا ويا ۽ سرگرمي جي شروعات ڪامريڊ سليم جمالي جي مدد سان بدين ضلعي جي شهر ڪڍڻ ۽ پوڏ متاثرن کي ڪاڌ خوراڪ مهيا ڪئي وئي. جڏهن ته پيو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

تاريخ	شهر	ضلعو	امداد خاندانن لاءِ	سامان ۽ ورهاست لاءِ ويندڙ ڪامريڊ
15/09	ڪڍڻ	بدين	250	ڪامريڊ جبار ۽ ڪامريڊ سرمد
17/09	شادي لارج ۽ ڪوسڪي	بدين	200	ڪامريڊ جهانزيب ۽ ڪامريڊ سرمد
17/09	شهدادپور، ڳوٺ رڪن برڙا ۽ مير غلام شاهه	سانگهڙ	200	ڪامريڊ جبار ۽ ڪامريڊ عنايت
20/09	گولاڙچي	بدين	282	ڪامريڊ نبي سوهو ۽

اهڙي ريت پهرين دور ۾ هڪ هزار متاثر خاندانن جي مدد ڪئي وئي.

انهيءَ وچ ۾ ليبر پارٽي جي فيڊرل ڪاميٽي جي ميٽنگ 18، 17 تاريخ تي ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌ منجهه آيل تباهي تي بحث ڪيو ويو انهيءَ ايجنڊا ۾ LRC جا پيا ميمبر ساٿي، جهڙوڪ قلندر بخش ۽ امان الله وغيره به شامل هئا. LRC وڌيڪ امدادي سرگرمين لاءِ سنڌ E.C کي پابند بڻايو ۽ حيدرآباد ۾ سنڌ E.C جي گڏجاڻي ڪانپوءِ هڪڙي ٽن ساٿين تي ٻڌل ڪاميٽي (Flood relief committee) جوڙي وئي. جنهن جا ميمبر ڪامريڊ يونس راهو، ڪامريڊ فيض ۽ بخشل ٿلهو هئا. ڪاميٽي کي متاثر علائقن جا دورا به ڪرڻا هئا ۽ امدادي سرگرمين کي منظم به ڪرڻو هو. اهڙي ريت امدادي سرگرمين جو ٻيو دور شروع ٿيو جنهن ۾ هيٺيان دورا ڪيا ويا.

تاريخ	شهر/ ڳوٺ	ضلعو	ساٿي
24/09	ٽنڊو باگو ۽ جهڏو	بدين ميرپور خاص	ڪامريڊ يونس راهو ڪامريڊ فيض ڪامريڊ بخشل
26/09	ميرپور خاص ۽ ڳوٺ داد جروار	ميرپور خاص ٽنڊو الهيار	ڪامريڊ يونس راهو ڪامريڊ بخشل
12/10	سانگهڙ	سانگهڙ	ڪامريڊ يونس ڪامريڊ لطيف

جڏهن ته امدادي سرگرمين جو تفصلي چارٽ هيٺ ڏجي ٿو.

تاريخ	شهر/ ڳوٺ	ضلعو	متاثر خاندانن جي مدد	شريڪ ساٿي
24/09	واڪي وسي	حيدرآباد	250	ڪامريڊ لطيف ڪامريڊ محب
25/09	مير غلام شاهه	سانگهڙ	100	ڪامريڊ جبار ڪامريڊ عرفان
26/09	ٽنڊو باگو ۽ جهڏو تعلقو	بدين ۽ ميرپور خاص	500	ڪامريڊ فيض ڪامريڊ دليپ ڪامريڊ عنايت ڪامريڊ شبير
30/09	ڳوٺ صاحب خان لغاري ۽ ڳوٺ داد جروارو	ٽنڊو الهيار	500	ڪامريڊ مبارڪ جتوئي ڪامريڊ لطيف لغاري ڪامريڊ عنايت خاصخيلي ڪامريڊ جهانزيب سومرو
03/10	سانگهڙ	سانگهڙ	500	ڪامريڊ فيض ڪامريڊ بهرام شاهه ڪامريڊ مظفر ڪامريڊ سانول ڪامريڊ جهانزيب

04/10	ڪنڊياري	سانگهڙ	25 ڪيش سپورٽ	ڪامريڊ جبار
6/10	نئون دمبالو ۽ گولاڙچي	بدين	400	ڪامريڊ جبار ڪامريڊ منور ڪامريڊ محمد خان احمداڻي
11/10	هٿونگو	سانگهڙ	200	ڪامريڊ فيض
15/10	سانگهڙ	سانگهڙ	400	ڪامريڊ بهرام (ڪيش)

اهڙي ريٽ 4000 ڪان وڌيڪ متاثر خاندانن جي سهائتا ڪئي وئي. هِن ٻي دور ۾ به نسيم نگر تي 5 ڏينهن لاءِ ٻيهر ڪيمپ هنئي وئي. امدادي سرگرميءَ دوران پارٽي پمفليٽ ورهايا ويا. متاثر هارين، مزدورن سان سياسي ڪچهريون ڪيون ويون ۽ مختلف جڳهن تي مظاهرا پڻ منظم ڪيا ويا.

ياد رهي ته هي سرگرميون اجان به جاري آهن. انهيءَ ڪانسواءِ لاهور جي هڪ نجي ڪمپني (سيلمور فارماسوٽيڪل) طرفان دوائن جا 32 ڪارٽون به مليا آهن. جن منجهان 5 ڪارٽون انڊس سوشل فورم کي طبي امدادي ڪيمن لاءِ ڏنا ويا. جڏهن ته پارٽي طرفان ميڊيڪل ڪيمپن جو به انتظام ڪيو ويندو.

ليبر پارٽي سنڌ (حيدرآباد) جي رليف ايڪٽوٽي جي مالي رپورٽ (حصو پهريون)

تاريخ	تفصيل	رسيدون	ادائگي	بقايا
14-9ڪان 22	ايل آر سي پاران مليل رقم	500000		500000
14-9ڪان 22	ڪيمپ ڪليڪشن (نقد)	87735		587735
14-9ڪان 22	ڪاڌ خوراڪ جي خريداري		300000	287735
14-9ڪان 22	ڪاڌ خوراڪ جي خريداري		127806	159929
14-9ڪان 22	ٽرانسپورٽ		24000	135929
14-9ڪان 22	ميرپور بٺوري ڪيمپ جي لاءِ رقم		20000	115929
14-9ڪان	مورو ڪيمپ ڏانهن		14000	101929
22	موڪليل رقم			
14-9ڪان 22	ڪيمپ جو سامان 5 ڏينهن لاءِ		6500	95429
14-9ڪان 22	ٻيو خرچ		6000	89429
14-9ڪان 22	بينر		1500	87929
				87929

ليبر پارٽي سنڌ (حيدرآباد) جي رليف ايڪٽوٽي جي مالي رپورٽ (حصو ٻيو)

تاريخ	تفصيل	رقم	ادائگي	بقايا
	پوئين بقايا			87929
22-9-11	اڪبر پٽي طرفان مليل رقم	500000		587929
23-9-11	ايل آر سي طرفان مليل رقم	200000		787929
24-9-11	ٽنڊو باگو ۽ جهڏو جو دورو		4000	783929
24-9-11	واٽڪي وسڪي لاءِ خريد ڪيل ڪاڌ خوراڪ		93852	690077
24-9-11	ٻين ماڻهن لاءِ دوائون ۽ ڪرايو		7000	683077
24-9-11	واٽڪي وسي لاءِ ٽرانسپورٽ		2000	681077
25-9-11	سانگهڙ لاءِ ڪاڌ خوراڪ جي خريداري		44779	636298
25-9-11	سانگهڙ لاءِ ٽرانسپورٽ		7100	629198
25-9-11	ٻيو خرچ		410	628788
25-9-11	پمفليٽن جي ڇپائي		8500	620288
26-9-11	ميرپورخاص ۽ ٽنڊو الهيار ضلعي جو دورو		4740	615548
26-9-11	جهڏو ۽ ٽنڊو باگو لاءِ ڪاڌ خوراڪ جي خريداري		269385	346163
26-9-11	مڇردانيون (350)		45500	300663
26-9-11	ٽرانسپورٽ ۽ ٻيو خرچ		11020	289643
27-9-11	جئه پرڪاش پاران رقم	135000		424643
28-9-11	سيلمور ڪمپني		5000	41964

3			پاران مليل دوائن جي بلٽي جو خرچ	
919643		500000	ايل آر سي طرفان مليل رقم	28-9-11
638593	281050		ٽنڊو الهيار لاءِ خريد ڪيل ڪاڌ خوراڪ	29-9-11
632393	6200		ٽنڊو الهيار لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ ٻيو خرچ	30-9-11
634393		2000	نجيب ٺلهي پاران ڪيمپ تي مليل رقم	1/10/2011
636393		2000	فراز ميمڻ پاران ڪيمپ تي مليل رقم	1/10/2011
267418	368975		سانگهڙ لاءِ خريد ڪل ڪاڌ خوراڪ	1/10/2011
266418	1000		پينافليڪس	1/10/2011
265448	970		پهرين ڏينهن جي ڪيمپ جو مختلف خرچ (ٻيو ڪيمپ)	1/10/2011
263908	1540		ٻئي ڏينهن جو ڪيمپ خرچ	2/10/2011
250758	13150		سانگهڙ لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ ٻيو خرچ	3/10/2011
249243	1515		بيمارن جي مدد لاءِ	3/10/2011
248743	500		ڪيمپ جي ٽئين ڏينهن جو خرچ	3/10/2011
298743		50000	ڊاڪٽر مديحه زيب پاران رقم	4/10/2011
300743		2000	ڊاڪٽر سڪندر پاران مليل رقم	4/10/2011
301243		500	ڪامريڊ الله اوڀايو پاران مليل رقم	4/10/2011
301743		500	مختلف وصولي	4/10/2011
301508	235		اسٽيشنري	4/10/2011
291008	10500		22حقدار خاندانن ۾ ورهايل رقم	4/10/2011
289008	2000		ماتلي جي خاندانن لاءِ ڪرايو	4/10/2011
288508	500		سوزوڪي	4/10/2011
287988	520		ڪيمپ جي چوٿين ڏينهن جو خرچ	4/10/2011
-72600	360588		گولاڙچي ۽ ..... جي ڪاڌ خوراڪ جو خرچ	5/10/2011

-79600	7000		ڪيمپ جي اڏاوت	5/10/2011
-80150	550		ڪيمپ جي پنجين ڏينهن جو خرچ	5/10/2011
-88700	8550		گولاڙچي ۽ نئون دمبالو لاءِ ٽرانسپورٽ	6/10/2011
-94700	6000		ٻوڏ متاثرن لاءِ مالي مدد	6/10/2011
205300		300000	ايل آر سي طرفان مليل رقم	6/10/2011
214330		9030	ڪامريڊ مورائي پاران مليل رقم	7/10/2011
214830		500	ڪامريڊ زوهيب پاران مليل رقم	9/10/2011
217030		2200	ڪامريڊ مصرور شاهه پاران مليل رقم	9/10/2011
219030		2000	مسٽر منان پاران مليل رقم	9/10/2011
220730		1700	مسٽر فتاح پاران مليل رقم	9/10/2011
225630		4900	ڪامريڊ تحريم پاران مليل رقم	9/10/2011
156865	68775		هٽونگو لاءِ ڪاڌ خوراڪ جي خريداري	10/10/2011
149575	7290		هٽونگو لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ ٻيو خرچ	11/10/2011
148075	1500		سانگهڙ جو دورو	12/10/2011
548075		400000	ايل آر سي طرفان مليل رقم	13/10/11
514075	34000		حيدرآباد لاءِ ڪاڌ خوراڪ جي خريداري	14-9 کان 13-10
184075	330000		سانگهڙ لاءِ ڪامريڊ ٻهرام کي ڏنل چيڪ	15/10/11



ڪامريڊ فاروق طارق، عمار جان ۽ ٻين ڪامريڊن سان، لاهور ۾ ڊينگي بابت آگاهي ڪيمپ ۾

علم ...... جدوجہد ...... انقلاب

ہمارے مطالبات

- ☆ گلگت بلتستان میں انسانی حقوق کی خلاف ورزیاں بند کرو
- ☆ دو معصوم افراد کے قاتل پولیس افسران کو فوری گرفتار کرو
- ☆ نہتے عوام کو ہراساں کرنا بند کرو
- ☆ عطاء آباد جھیل کے متاثرین کو معاوضے دو

کامریڈ

باباجان

اور

کامریڈ اختر امین، کامریڈ عرفان کریم، کامریڈ انجینئر امان اللہ

سمیت تمام گرفتار شدگان کو فوری رہا کرو اور جھوٹے مقدمات ختم کرو

لیبر پارٹی گلگت بلتستان | پروگریسو یوتھ فرنٹ گلگت بلتستان | لیبر پارٹی ☆ پاکستان

